سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ

(قديم دور کان سمن جي حڪومت جي آخر تائين)

مصنف

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

صدر شعبهٔ تعليم، سنڌ يونيورسٽي

حيدرآباد

حيدرآباد سنڌ

پاڪستان

۱۹۶۲ع

دفعو پهريون   مصنف جا حق واسطا قائم   تعداد ۲ هزار

قيمت: ۲-۲۵

ملڻ جو هنڌ

ممتاز مرزا،
ٽنڊو آغا، حيدرآباد سنڌ.

هيءُ ڪتاب پايونير پريس، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو ۽
ممتاز مرزا ڇپائي پڌرو ڪيو.

مهاڳ

'سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ' جي عنوان سان هڪ مضمون ٻهريون ڀيرو ڏهين سنڌي ادبي ڪانفرنس (لاڙڪاڻو، ٢٢-٢٣ آڪٽوبر ١٩٥٠ع) ۾ پڙهيو ويو، جنهن جو متن (حاشين کان سواءِ) پوءِ ڪانفرنس جي ڪارروائي "تحفه لاڙڪاڻه" ۾ ڇپيو. ان ساڳئي متن کي ذرا سوڌي سنواري ۽ ٻوليءَ سومرن جي دور بابت قدري نئين مواد جو اضافو ڪري، تفصيلي حاشين ۽ حوالن سان سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي 'مهراڻ' کي اشاعت لاءِ ڏنو ويو، ۽ ان رسالي جي 'جلد ١- سال ١٩٥٩ع' ۾ شايع ٿيو. ان بعد ڪن سڄڻن زور ڀريو ته 'سنڌي ٻولي جي تاريخ' تي تفصيل سان روشني وڌي وڃي، ۽ هن مضمون کان اڳتي قدم وڌائي ان بابت هڪ مستقل ڪتاب لکيو وڃي. مگر جيئن ته هي مسئلو گهري علمي تحقيق جو محتاج آهي ۽ ان بابت وڌي ويچار جي ضرورت آهي، جنهن لاءِ متعدد مشغولين سببان پورو وقت ۽ فراغت ميسر نه آهن، انهيءَ ڪري في الحال سنڌي ٻولي جي تاريخي مطالعي کي سمن جي دور جي تونڙ تائين پهچايو ويو آهي، ۽ جيڪڏهن حياتي وفا ڪئي ته باقي باب پورا ڪري، هن مطالعي کي موجوده دور تائين مڪمل ڪيو ويندو.

سنڌي ٻوليءَ بابت تاريخي تحقيق اڄ ڏينهن تائين ڪنهن تسلي بخش پاڻي تي نه پهتي آهي. ان تحقيق جا ڪم از ڪم ٻه مکيه پهلو آهن: پهريون، 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي ارتقاء جو جائزو'، ۽ ٻيو، 'ٻوليءَ جي اندروني ساخت ۽ سٽاءُ (صرف نحو، صوتيات، لغت ۽ محاورن) جو مطالعو'. ٻنهي پهلو جي جانچ ۽ جستجو هن وقت تائين بالڪل ابتدائي مرحلي تي بيٺل آهي، بلڪ ائين چئجي ته هن پهلو تي علمي تحقيق حقيقي معنيٰ ۾ شروع ئي ڪانه ٿي آهي. البت ڪن

يوروپي عالمن سنڌي ٻوليءَ جي بنياد بابت ڪي نظريا پيش ڪيا آهن، جن ڪي هن وقت تائين سنڌي عالمن، پنهنجن ڪتابن ۾ سند طور پڻ پيش ڪيو آهي. ڀيرومل جو ”سنڌي ٻولي جي تاريخ“ انهيءَ عنوان تي ڀرپور ڪتاب آهي، جنهن ۾ انهن نظرين کي سنڌي ترجمي جي صورت ۾ ورجايو ويو آهي. شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽي، مولوي دين محمد ’وفائي‘ ۽ ٻين صاحبن سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ تي مضمون لکيا آهن، جن ۾ ٻڌ اڳين نظرين جي اُپٽار ٿيل آهي. ٻئي پهلو، يعني ٻوليءَ جي اندروني ساخت ۽ ڏاٺ بابت البت ڪافي ڪجهه لکيو ويو آهي. يوروپي عالمن مان واٿن (Wathen)، سٽيڪ (Stack)، ايسٽوڪ (Estvick)، ليچ (Leech)، برٽن (Burton)، ٽرمپ (Trumpp)، گولڊسمڊ (Goldsmid)، گريئرسن (Grierson) ۽ ٻين، پنهنجن مضمونن ۽ تصنيفن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڏاٺ ۽ صرف نحو بابت مفيد معلومات مهيا ڪيا آهن. سنڌي اديبن مان خاص طرح آخوند عبدالرحيم ’وفا‘، مرزا قليچ بيگ، ڀيرومل، ۽ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، سنڌي صرف نحو ۽ لغت بابت پنهنجن ڪتابن ۽ مضمونن ذريعي قابل قدر مواد مهيا ڪيو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جي سلسلي ۾، جيتوڻيڪ ڪن فاضلن اڳاٽي دور ۾ ٻوليءَ جي ابتداء بابت قدري ڪجهه لکيو آهي ۽ پنهنجا رايا پيش ڪيا آهن، مگر ان بعد پوءِ دورن جي سلسليوار تاريخ بابت ڪا خاص تحقيق ڪانہ ڪئي آهي. هن ڪتابڙي ۾ قديم دور کان وٺي سنڌي ٻوليءَ جي سلسليوار تاريخ مرتب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، ۽ سردست انهيءَ سلسلي کي علمي تحقيق جي روشني ۾، دليلن ۽ حوالن سان ’سمن جي دور‘ جي آخر تائين پهچايو ويو آهي.

باب پهرئين ۾، ٥٠٠ع کان اڳ واري قديم دور جي تاريخي آهڃاڻن ۽ آثارن ۽ هند-آريائي ٻولين بابت ٿيل تحقيق جي بناء تي هڪ نئون تحقيقي نظريو نروار ڪيو ويو آهي:

يعني ته، ”سنڌي ٻولي بنيادي طور سنڌو سنڌون سنسڪرت مان نڪتل ناهي، بلڪ سنسڪرت کان اڳ واري دور جي سنڌو-ماٿر جي قديم ٻولي آهي.“ سنسڪرت، پراڪرت، اپڀرنش ۽ وراچڊ اپڀرنش بابت نئين تحقيق اڳين لکندڙن جي هيلين عام نظريي کي رد ڪري ٿي ته، ”سنڌي وراچڊ اپڀرنش مان نڪتل آهي، وراچڊ اپڀرنش پراڪرت مان ۽ پراڪرت سنسڪرت مان نڪتل آهي.“

ٻئي باب ۾، راءِ ۽ برهمڻ گهراڻن ۽ عربن جي حڪومت واري دور (٥٠٠ - ١٠٥٠ع) جو تاريخي دليلن جي روشني ۾ تفصيلي جائزو ورتو ويو آهي، ۽ اهو نتيجو قائم ڪيو ويو آهي ته، ”اهو ’سنڌي ٻولي‘ جي تشڪيل جو بنيادي دور هو، جنهن ۾ موجوده ’سنڌي ٻولي‘ اُسري.“

ٽئين باب ۾، سومرن جي دور بابت تاريخي آکاڻين ۽ سنڌ جي مشهور مقامي روايتن جي بناء تي، هيءُ نتيجو قائم ڪيو ويو آهي ته، ”اهو ’سنڌي ٻولي‘ جو تعميري دور هو.“ انهيءَ سلسلي ۾ هن دور متعلق، سنڌ جي تاريخي توڙي روايتي سرمائي جو نئين سر جائزو ورتو ويو آهي؛ ۽ هن کان اڳ رسالي ’مهراڻ‘ ۾ ڇپيل مضمون ۾ آندل ڪن روايتن کي پڻ درست ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح نئين ترتيب سان هن دور بابت ڪافي نمونن مواد پيش ڪيو ويو آهي، جو ان ’روماني دور‘ ۾ سنڌي ٻولي جي تعمير ۽ ترقي تي نئين روشني وجهي ٿو.

باب چوٿين ۾، سمن جي دور جو تفصيلي جائزو ورتو ويو آهي. حقيقت ۾ سمن جو دور، تاريخي لحاظ سان اسان کي ويجهو آهي ۽ ان بابت ڪافي تاريخي مواد موجود آهي، مگر هن وقت تائين انهيءَ دور جي لساني ۽ ادبي سرمائي جو صحيح اندازو نه لڳايو ويو آهي. ايستائين فقط سمن جي دور جي آخري شاعر قاضي قادن جا بيت ۽ ڪي ٻيا هڪ - ٻه شڪي

ٻيٽ عالمن ۽ اديبن جي آڏو پئي رهيا آهن. اسان پنهنجي
موجوده تحقيق جي بناء تي، ڀرپائين سمن جي دور جي ٻولي
۽ ادب جي روايتي ذخيري ۽ ان بعد تاريخي سرمايي کي
سلسليوار پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، انهيءَ لاءِ نه
ان دور جي ٻوليءَ جي مطالعي لاءِ جيڪو روايتي توڙي تاريخي
مواد موجود آهي، سو پوري تحقيق سان پڙهندڙن جي آڏو
اچي وڃي. انهيءَ لاءِ اسان ان دور جي ٻوليءَ جي نمونن ۽
نشانن ـ جي ’ڳاهن‘، ’ڀاڪن‘، ’مصراعن‘ يا ’بيتن‘ جي صورت
۾ موجود آهن ـ توڙي انهن جي نروار ڪندڙ داناءُن، درويشن،
۽ شاعرن جي سلسلي ۽ سوانح تي تحقيقي بحث ڪيو آهي،
تان ته سمن جي دور جي ٻوليءَ جا مڙيئي معلوم نشان ۽ آثار،
تاريخ جي روشنيءَ ۾ پوريءَ طرح نروار ٿين ۽ ايندڙ محقق
انهن آثارن جي تاريخي وجود ۽ اهميت کان مطمئن ٿي، سڄو
توجهه انهن جي هيئت ۽ معنيٰ کي سمجهڻ طرف ڪن.

حقيقت ۾ ’ٻولي جي تاريخ‘، ملڪ جي سياسي ۽ سماجي
تاريخ توڙي ٻوليءَ جي علم ادب جي تاريخ کان هڪ الڳ
مضمون آهي، مگر ملڪ جي سياسي ۽ سماجي پس منظر ۽ ٻوليءَ
جي ادبي سرمايي کي سمجهڻ کان سواءِ، ٻوليءَ جي اوسر ۽
ارتقاء جي تاريخ لکڻ مشڪل آهي. جيئن ته سنڌ جي آڳاٽي سياسي
۽ سماجي تاريخ توڙي سنڌي ادب جي اوائلي تاريخ ـ خصوصاً
قديم دور کان وٺي سمن جي دور تائين ـ اڃان پوري تحقيق
سان ڪانه لکي ويئي آهي، انهيءَ ڪري انهن اوائلي دورن ۾
سنڌي ٻولي جي تاريخي حيثيت کي سمجهڻ لاءِ، ملڪ جي
تاريخي پس منظر توڙي سنڌي ساهت جي ابتدائي اهڃاڻن تي
پڻ نئين سر تحقيق ڪري، ٻوليءَ جي اوسر ۽ ارتقاء بابت نوان
نظريا قائم ڪيا ويا آهن.

هن ڪتاب ۾ جن چئن تاريخي دورن بابت بحث ڪيو
ويو آهي، سي سنڌ جي تاريخ توڙي ٻوليءَ جا آڳاٽا دور آهن

جن جو تحقيقي جائزو ورتي، انهن بابت علمي نظريا قائم ڪرڻ ۽ صحيح نتيجا ڪڍڻ هڪ مشڪل مسئلو هو، جنهن کي قدري حل ڪيو ويو آهي، ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي مطالعي بابت آئينده محققن لاءِ راهه روشن ڪئي وئي آهي. سمن جي دور کان وٺي، مغلن جي دور کان وٺي موجوده دور تائين ڪافي تاريخي توڙي ادبي سرمايو موجود آهي، جنهن جي روشني ۾ سنڌي ٻوليءَ جي انهن ٻين دورن جي تاريخ نسبتاً آساني سان مرتب ڪري سگهجي ٿي.

هر ڪم مداء تي نبرندو آهي، مگر هيءُ ڪتاب اينترو جلد پورو نه ٿي سگهي ها، جيڪڏهن محترم ممتاز مرزا وقت بوقت ان جي لکي پوري ڪرڻ جي تاڪيد نه ڪري ها. هن صاحب نهايت سهڻي سليقي سان هنن بابن جي مسودن کي لکي صاف ڪيو، ۽ پروفن پڙهڻ توڙي ڪتاب جي سهڻي ڇپائي ۽ اشاعت جو بار پنهنجي ذمي ڪيو. محترم شيخ محمد اسماعيل ڇپائيءَ وقت، بابن ۽ عنوانن جي سهڻي سٽاء بيهارڻ ۽ آخري طور پروفن پڙهڻ ۾ وڏي مدد ڪئي؛ ۽ پائنيئر پريس جي مئنيجر ۽ عملي هن ڪتاب جي گوڙهي متن ۽ مشڪل حاشين کي صحيح نموني ۾ ڇاپڻ ۾ وڏي مدد ڪئي. محترم ع. ق. شيخ ۽ علي اڪبر سرورق جي تصوير تيار ڪئي. ڪتاب جا بلاڪ محترم اعجاز محمد صديقي، مئنيجر سنڌ يونيورسٽي پريس جي نظرداري هيٺ ڇپيا. بنده مٿين مڙني صاحبن جو شڪرگذار آهي.

سنڌ يونيورسٽي،
حيدرآباد سنڌ.
١٦- نومبر ١٩٦٢ع

خادم العلم
نبي بخش

عنوانن جي فهرست

باب پهريون: قديم دور ۾ سنڌ جي ٻولي ۽ ٻوليون (١-١٩)
(٦٠٠ ق.م - ٥٠٠ ب.م)

سنڌ جي اوائلي ٻولي ۽ سنسڪرت ١
سنڌ جي ٻولي ۽ پالي پراڪرت ٦
ٻين حڪمران قومن جي ٻولين جو اثر ١٠
ٻولين جو عرصيوار خاڪو ١١
سنسڪرت، پراڪرت ۽ اپڀرنش ١٣
اپڀرنش ۽ سنڌي جو تعلق ١٥
اپڀرنش جي لغوي ۽ تاريخي حيثيت ١٨
نتيجا ١٨

باب ٻيو: سنڌي ٻوليءَ جي سڃاڻ وارو بنيادي دور (٢٠-٥٠)
(٥٠٠ع - ١٠٥٠ع)

راءِ ۽ برهمڻ گهراڻن جي دور ۾ ٻوليءَ جي
سڃاڻ ۽ صورت ٢٠
عربن جي دور حڪومت ۾ ٻوليءَ جي بنيادي
تشڪيل ۽ ترقي ٢٣
ٻوليءَ ۾ مرڪزيت ٢٣
ٻوليءَ جي نفسياتي ڪيفيت ٢٤
ٻوليءَ جي تمدن ۾ واڌارو ٢٦
الف-بي جي سڃاڻ ۽ صرف نحو تي اثر ٣١
ٻوليءَ جي علم ادب جو بنياد ٤١
نتيجا ٤٩

باب ٽيون: سنڌي ٻوليءَ جو تعميري دور: (۵۱-۷۲)

(سومرن جي حڪومت: ۱۰۰۰ع - ۱۳۵۰ع)

سنڌي ٻوليءَ جي اسرڻ لاءِ تاريخي ۽ سياسي اسباب ... ۵۱
مقامي عشقيه داستانن ۽ ڪهاڻين جو بنياد ۵۷
سومرن جي دور جي جنگين بابت ڳاهون ۶۱
سومرن ۽ ڪڇرن جون جنگيون ۶۱
سومرن جي سلطان علاؤالدين جي لشڪرسان جنگ ۶۴
چام هالي ۽ همير سومري جي جنگ ۶۷
سومرن جي سخا بابت ڀٽن ۽ چارڻن جون شڪايتون ۶۸
نتيجا ۷۲

باب چوٿون: معياري سنڌي ٻوليءَ جو ارتقاء ۽ سنڌي (۷۳-۱۳۸)

شعر جي تاريخي ابتدا، (سمن جي حڪومت وارو دور ۱۳۵۰ع - ۱۵۲۰ع)

(الف) سمن جي دور ۾ سنڌي ٻولي جي ترقي جا اسباب ۷۳
معياري سنڌي ٻوليءَ جو ارتقاء ۷۴
سنڌي ٻوليءَ جي سرحدن ۾ وسعت ۷۶
سنڌي ۽ ملتانيءَ جو سنٻنڌ ۷۸
تعليمي ۽ سرڪاري ٻولي ۸۳
(ب) سنڌي ٻولي ۽ ادب جو روايتي ذخيرو ۸۸
سمن سردارن جي سورهيائي بابت ڳاهون ۹۰
سمن سردارن جي سخاوت بابت ڳاهون ۹۲
سمن سردارن جي عشقيه داستانن بابت ڳاهون ۹۳
ماموين جا بيت ۹۶
(ج) سمن جي شروعاتي ۽ وچين دور ۾ سنڌي
ٻولي ۽ شعر جو تاريخي سرمايو ۱۰۱
سنڌين جو هڪ جنگي رجز يا نعرو ۱۰۱

چام تماچي لاءِ دعا يا اڪٿي جا بيت ١٠٢

شيخ حماد جو بيت ١٠٣

درويش نوح هوٿياڻي جا دعائيه فقرا ١٠٥

پير صدرالدين ۽ پير ڪبيرالدين جا گنان ١٠٦

پير مراد شيرازي جو منظوم دعائيه فقرو ١١٥

حضرت عبدالجليل چوهڙ شاهه جي سماع جي مجلسن ۾ سنڌي ڏوهيڙا ١١٦

(د) سمن جي آخري دور جا شاعر ١١٩

مخدوم احمد ڀٽي آڏو سماع جي مجلس ۾ سوناري جو بيت ١٢٠

اسحاق آهنگر جو بيت(؟) ١٢١

راڃي سنبي دل جا ٻڙهيل بيت(؟) ١٢٣

ميين سيد علي ثاني شيرازي جو چيل بيت ١٢٤

قاضي قادن جا سنڌي بيت ١٢٥

سمن جي دور جا ٻيا ڪي بيت ١٣٤

نتيجا ١٣٦

باب پهريون

قديم دور
سنڌ جي ٻولي ۽ ٻوليون
(٦٠٠ ورهيه قبل مسيح کان ٥٠٠ ورهيه بعد مسيح)

سهوليت خاطر، تاريخي لحاظ سان، سنڌي ٻوليءَ جي ابتداء ۽ ارتقاء کي چئن مکيه دورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (١) قديم دور، جنهن ۾ کا "سنڌي ٻولي" يا "سنڌ جون ٻوليون" رائج هيون، پر "سنڌي ٻوليءَ" جي موجوده خاڪي جو اڃان نالو نشان ئي ڪونه هو؛ (٢) بنيادي دور، جنهن ۾ "سنڌي ٻوليءَ" جي خاڪي جي تشڪيل ٿي؛ (٣) تعميري دور، جنهن ۾ سنڌي ٻولي ترقي ڪري پنهنجي لغوي ۽ ادبي منزل قائم ڪئي؛ (٤) علمي دور، جنهن ۾ عالمن، شاعرن، مورخن، مصنفن ۽ محققن جي ڪارنامن ۽ ڪوششن سان، سنڌي ٻوليءَ جو سرمايو هرلحاظ سان وڌيو ۽ ويجهيو. هن باب ۾ "قديم دور" تي قدري روشني وڌي وڃي ٿي.

<u>(الف) ٦٠٠ ورهيه قبل مسيح</u>

<u>سنڌ جي اوائلي ٻولي ۽ سنسڪرت.</u> قديم دور اٽڪل چوٿين صدي عيسوي ۽ ان کان اڳ وارو زمانو آهي، جنهن کي "سنڌ جي ٻولي يا ٻولين وارو دور" چئي سگهجي ٿو. ان وقت سنڌ جي ٻولي يا ٻوليون ضرور هيون، مگر "سنڌي ٻولي"، جنهن جي اسان کي علمي ڄاڻ آهي، سا اڃان ناپيد هئي. هن عرصي ۾ سنڌ ديس جي ٻوليءَ يا ٻولين تي آريائي، سامي ۽ داردي ٻولين جو اثر پيو.

"آثار قديمه" مان مليل مواد ۽ معلومات جي بناء تي چئي سگهجي ٿو ته "سنڌ جي قديم ٻولي" غالباً کا "سامي" زبانن جي سٽ مان هئي، جنهن تي پوءِ آريائي ٻولين جو

اثر پيو. انهن آريائي ٻولين مان هن قديم زماني ۾ ’سنڌ جي ٻوليءَ‘ تي گهٽ ۾ گهٽو اثر ايراني ۽ داردي ٻولين جو پيو، ۽ ان بعد پالي پراڪرت جي ذريعي سنسڪرت جو. اسان جي تحقيق جي لحاظ سان اهو صحيح نه آهي ته سنڌي ٻولي ڪو سڌو ”سنسڪرت“ مان نڪتي. هن غلط فهميءَ جا ٻه ٽي ڪارڻ آهن. اول ته لسانيات جا يوروپي عالم، پنهنجي ابتدائي ۽ اجنبي تربيت موجب، هن اثر هيٺ رهيا ته هندستان جون جملي ٻوليون سنسڪرت مان نڪتل آهن. انهيءَ گمان سندن هندستاني زبانن جي جانچ پڙتال تي اثر وڌو. هنن هر زبان ۾ سنسڪرت جي عڪس کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌي ٻوليءَ جي سنسڪرت مان نڪتل لفظن جي بناء تي، هنن سنڌيءَ کي سنسڪرت مان نڪتل قرار ڏنو. سنڌي صرف ـ نحو جي نرالي ۽ گهڻ‌ گهري سٽا، جا هن ٻوليءَ کي سنسڪرت خواه ان جي پوئين توڙي ڏهتين کان ممتاز ڪري ٿي، ۽ سنڌي ٻوليءَ کي هڪ جدا اصليت ۽ مستقل حيثيت ڏئي ٿي— توڙي ٻوليءَ جون پيون ’انفرادي خصوصيتون‘، تن کي انهن يوروپي محققن، مستثنات (exceptions) جو نالو ڏيئي، ٽاري ڇڏيو. ازانسواء انهن محققن جيڪي دليل دلائل سنڌيءَ جي سنسڪرت سان نسلي نسبت بابت ڏنا آهن، تن مان گهڻا ظني آهن؛ باقي جيڪي علمي آهن، سي ٻه تنقيد جا محتاج آهن، ۽ اڃان زياده تحقيق طلب آهن. ٻيو ڪارڻ، سنڌيءَ جي سنسڪرتي نسل واري نظريي جو، ڪن هندن صاحبن جون لکيتون آهن، جن جي اڪثريت هن خيال جي وڌي تائيد ڪئي؛ مگر انهن لکيتن جي حيثيت تبليغي ڇٽي سگهجي ٿي، ۽ نه علمي ۽ حقيقي. ٽيو ڪارڻ، سنڌيءَ جي سنسڪرتي نسل جو، هڪ عام غلط فهمي آهي، ته سنڌي ٻولي يا ته سنسڪرت مان نڪتي يا ته عربيءَ مان؛ جنهن صورت ۾ عربي زبان ٻاهران آئي، تنهن صورت ۾ سنڌي ٻولي پڪ سنسڪرت مان نڪتي هوندي؛ ۽ اڪثر

مسلمان صاحبن کي وري هيءَ حسن ظن آهي تہ سنڌي ٻولي عربيءَ مان نڪتل آهي.

هن قديم دور جي علمي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ جنهن وقت آريائي قومون اول اول هندستان ۾ داخل ٿيون، ان وقت اسان جي هاڻوڪيءَ سنڌ جو هيٺيون ڏاکڻيون حصو (لاڙ ۽ ٿر) شايد سمنڊ هيٺ آيل هو، ۽ سنڌو درياءَ جو دو - آبو (ڊيلٽا) بہ متي وچ سنڌ ڏاري هو؛ انهيءَ ڪري غالباً اوائلي آرين جون جيڪي بينڪون ٿيون، سي هاڻوڪي سنڌي خطي ۾ نہ، بلڪ سنڌونديءَ جي مٿئين ڀاڱي ۾ پنجاب واري ڪناري جي آسپاس ٿيون، ۽ درياءَ جي انهيءَ خطي کي ئي "سنڌو" نالو ڏنائون. ان بعد، اهي آريائي قومون اڳرندي طرف وڌيون. گنگا - جمنا دوآبي ۾ سندن مستقل قيام جي دور ۾ ئي سنسڪرت زبان آهستي آهستي جڙي راس ٿي. ملتان کان ڪشمير واريءَ ايراضيءَ جون اهي ئي ساڳيون اصلي ٻوليون رهيون، جي هن خطي ۾ مسلسل لڏ پلاڻ سببان پنهنجي طور ڦرنديون گهرنديون رهيون. انهيءَ لڏ پلاڻ 'ايراني - آرين' جي هندستان طرف هجرت هڪ اهم واقعو هو، جنهنڪري هتي جي ٻولين تي قديم ايراني ٻوليءَ جو بہ اثر پيو.

سر زمين سنڌ کي جن ماڻهن اول اول اچي آباد ڪيو، سي الهندي وارن ملڪن مان آيا، ۽ انهن سنڌو درياءَ جي الهندي ڪناري واريءَ ايراضيءَ ۾ پنهنجون بينڪون قائم ڪيون. سندن تمدن جي انتهائي ترقيءَ 'موئن جي دڙي' واري تهذيب جي صورت اختيار ڪئي. موئن جي دڙي جي آثار قديمہ جي انڪشاف مان قطعي ثبوت ملي ٿو تہ سنڌ جو هي قديم تمدن، مغربي 'دريائي تمدن' يعني تہ دجلہ ۽ فرات دريائن جي سمير ۽ بابل جي تمدن جو ساٿياري آهي. سر جان مارشل جي تحقيق موجب، "سنڌ، سمير ۽ بابل جي تهذيبن جي وچ ۾ ڪافي هڪجهڙائي هئي؛ خصوصاً سنڌ ۽ عراق جي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ گهاٽي اچ وڃ هئي، جا سمنڊ توڙي

سيستان ۽ ايران مان خشڪي ذريعي جاري هئي" (١). ازانسواءِ سنڌ جو هيءُ قديم تمدن هڪ قسم جو 'سامي تمدن' آهي، نه آريائي (٢)؛ انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته قديم سنڌي تمدن جي ٻولي به ڪا 'سامي - صفت' (٣) زبان هئي؛ جا سنڌ ملڪ جي اوائلي زبان هئي. انهيءَ ٻوليءَ جا مسخ شده نشان 'موئن جي دڙي' مان لڌل مهرن تي موجود آهن. ڪن لکندڙن جي خيال مطابق، 'من'، 'ڪنجهو' ۽ 'هنجهه' بابلي زبان جا الفاظ آهن؛ جيڪڏهن اهو صحيح آهي ته پوءِ غالباً اهي الفاظ سنڌيءَ ۾ هن اوائلي دور ۾ داخل ٿيا. تازي تحقيق موجب قديم عراق جي 'سُمير تمدن' جي قديم لکيتن ۾ لفظ 'ادا' بمعنى پاءُ جي ملي ٿو ۽ ساڳيو لفظ، فقط سنڌي ٻوليءَ ۾ ئي اج ڏينهن تائين رائج آهي.

انهي دور واري سنڌ جي هن 'سامي - صفت' زبان جي سنپنڌ جو امڪان هڪ طرف ايراني زبانن سان، ته ٻئي طرف 'ملتان - ڪان - ڪشمير' وارين ٻولين سان (جن تي خود ايراني زبانن جو اثر پيو) نظر اچي ٿو. ازانسواءِ هندستان جي اُتر-اولهه وارن پهاڙي لڪن مان به اتي جي داردي قومن جو ڪشمير کان ملتان تائين رهندڙ ماڻهن سان، اصل - آريائي قرابت توڙي مسلسل هجرت ۽ آمدرفت سببان تعلق رهيو، جنهنڪري هن سڄي اتر-اولهه خطي تي داردي ٻولين جو پڻ اثر پيو. انهيءَ ڪري ڪشميري، ملتاني ۽ سنڌي ٻولين جو رنگ ڍنگ ٻين هندي - آريائي ٻولين کان نرالو ٿيو، ۽ انهن

---

(١) جان مارشل : محڪمهٔ آثارقديمه هند، ساليانه رپورٽ، ١٩٢٦-٢٧ع.

(٢) "غيرآريائي تمدن" *(A Non-Aryan civilization)* - ڊسو استار رچرڊ جو ڪتاب *Indus Valley Pottery*، ڇپيل پرنسٽن يونيورسٽي، پرنسٽن آمريڪا، ١٩۴١ع.

(٣) سرياني، عبراني، حبشي ۽ عربيءَ ڪي علم لغات جي اصطلاح ۾ 'سامي زبانون' سڏيو ويو آهي. 'سامي-صفت' يعني انهن ٻولين جهڙي.

بولين ۾ هڪ بنيادي نسبت پيدا ٿي. ڏيان طلب نُڪتو هيءُ آهي تہ هن قديم دور ۾، جنهن وقت گنگا-جمنا دو آبي جي اردگرد، سنسڪرت پنهنجون ابتدائي ۽ آخري منزلون طي ڪري رهي هئي، ۽ اتي جون پراڪرت زبانون ان جي زير اثر وڌي ويجهي رهيون هيون، ان وقت 'ڪشمير کان سنڌ' واري خطي جي لساني نوعيت جداگانہ هئي. اهو خطو پهريائين 'هند-ايراني'، ۽ پوءِ 'هند-آريائي'، ۽ 'داردي' زبانن جو آماجگاهہ رهيو.

سنسڪرت پنهنجي ڪلاسيڪي (پراڻن واري) قالب ۾ بند ٿي چڪي هئي، ۽ ان جي زير اثر عوام جون بوليون پنهنجو اوائلي پراڪرتي دور ختم ڪرڻ واريون هيون. سنڌ ۾ انهيءَ ڪلاسيڪي سنسڪرت، توڙي اوائلي پراڪرت جي اثر جي نہ پهچ هئي ۽ نہ گنجائش؛ ڇو تہ انهيءَ ساڳئي وقت سنڌ جي موئن جي دڙي واري دريائي تمدن جي 'سامي-صفت' زبان سنڌ ۾ رائج هئي. ان بعد سنڌ تي تقريباً ٦٠٠ ورهيہ قبل مسيح تائين جيڪو اثر پوندو رهيو، سو ڪشمير-ملتان واري خطي مان داردي بولين جو، ۽ سنسڪرت جو. انهيءَ ڪري ئي بنيادي طور سنڌي بولي، داردي بولين سان قريب تر رهي*. داردي بولين ۾ ٻن حرف علتن جي وچ ۾ ايندڙ 'ت' مٽجي ٿئي؛ اها 'داردي' خصوصيت اڄا تائين "سنڌو ماٿر وارين بولين" [سنڌي، لهندا، پنجابي (لهندا جي اثر هيٺ) ۽ ڪوهستاني] ۾ موجود آهي. انهن بولين ۾ 'پيتو'، 'لاتو'، 'ڪيتا'، 'سيتا' وغيره مروج آهن، حالانڪ ٻين هند-آريائي بولين ۾ اهي الفاظ 'پيا'،

---

* "Sindhi, on the contrary, claims a much more clear relationship to the Dardic languages (which influenced it from northern side) being protected from the East by the desert of Western Rajisthan" (Grierson: *Linguistic Survey of India*, *Vol.* viii ,*P-1*).

'لايا'، 'ڪيا' 'سيبا' بنجي چڪا آهن*. سنڌ کان ڪشمير تائين 'سنڌو - ماٿر وارين ٻولين' ۾ 'اسين'، 'اسان'، 'اسي'، وغيره مشترڪ الفاظ "آسُمِي" مان نڪتل آهن، ۽ نه خاص سنسڪرت لفظ "ويوئم" مان (جنهن مان انگريزي لفظ we به لاڳاپيل آهي). اهو لفظ 'آسمي'، سنسڪرت کان اڳ يا سنسڪرت واري زماني جي پراڪرت جو آهي، جنهن کي جيڪڏهن 'پروٽو-پراڪرت' (Proto-Prakrit) چئجي ته مناسب ٿيندو. بهرحال، اهڙا الفاظ 'سنڌو - ساٿر وارين ٻولين' جي مشترڪ مگر سنسڪرت کان جداگانه سرچشمي جو پتو ڏين ٿا.

(ب) ٦٠٠ ورهيه قبل مسيح کان ٥٠٠ ورهيه بعد مسيح سنڌ جي ٻولي ۽ پالي پراڪرت. آڳاٽي قديم دور بعد، اسين پوئين قديم دور (٦٠٠ ورهيه قبل مسيح کان ٥٠٠ ورهيه بعد مسيح) تي اچون ٿا. هيءَ هند جي پراڪرت ٻولين جو ٻيو دور آهي. سنڌ جي ٻوليءَ تي جنهن پراڪرت جي اثر جو امڪان نظر اچي ٿو، سا 'پالي' زبان هئي، جنهن جو اثرائتو دور هندستان ۾ تقريبًا ٦٠٠ ورهيه قبل مسيح کان شروع ٿئي ٿو. لڳ ڀڳ انهيءَ زماني بعد ئي سنڌ تي ٻاهران هندستان جي مذهبي خواهه سياسي اثرات جي شروعات ٿئي ٿي؛ ٻڌ ڌرم جو پرچار، ٿوڙي جين (چندر گپت) ۽ ٻڌ حاڪمن (اشوڪ ۽ ڪنشڪ) جو سياسي اقتدار، مختلف وقتن ۾ ٿوري يا گهڻي عرصي لاءِ ان بعد شروع ٿيو؛ تنهنڪري پالي ۽ پڻ 'ٻئي دور وارين' پراڪرت زبانن جو اثر سنڌ جي ٻوليءَ تي ممڪن نظر اچي ٿو. مگر پراڪرت ٻولين ۽ خاص طرح پالي زبان جو اثر ڪيتري قدر سنڌ جي ٻوليءَ تي پيو هوندو، انهيءَ لاءِ تاريخ ڏانهن نظر ڪرڻ گهرجي.

پالي زبان جو عروج تقريبًا (٦٠٠ ورهيه قبل مسيح)

* Grierson: *Linguistic Survey of India, Vol. I, P. 14*

مهاتما بڌ جي زماني سان شروع ٿئي ٿو. انهيءَ زماني ۾ توڙي ان کان گهٽ پوءِ، آشوڪ جي حڪمرانيءَ (تقريباً ٢٥٠ ورهيه قبل مسيح) سوڌو، سنڌ ۾ بڌ ڌرم جي پرچار جو تاريخي ثبوت ڪونه ٿو ملي. آشوڪ جي مذهبي پرچار جي ڪاٻه لکيت سنڌ ۾ موجود ڪانهي. سنڌ کي ويجهي ۾ ويجهو آشوڪ جون لکيتون شايد شهباز ڳڙهي ۽ مانسهره واريون آهن، جيڪي پالي ٻوليءَ جي مقامي محاوري (dialect) ۾ اُڪريل آهن. انهي ڪري ٿيل محاوري مان سمجهجي ٿو ته اشوڪ جي ڏينهن ۾، خود پالي پراڪرت اتر- اولهه هندستان جي مقامي محاورن جي قالب ۾ بند ٿي چڪي هئي.

سنڌ ۾ بڌ ڌرم جو اثرائتو پرچار ان کان چار سؤ ورهيه پوءِ، ٻي صدي عيسويءَ ۾ ڪوشان گهراڻي جي دور ۾ شروع ٿيو. عيسوي سنه ٥٠ ڌاري، ڪوشان شاهه ’ڪنشڪ‘ جي ڏينهن ۾، اشوڪ جي خالص ٻڌمتي ’هينايَن‘ تي ’مهاين‘ پنٿ غالب پيو، جنهن موجب ظاهري ڪرياڪرم ۽ پاٺ پُوڄائن زور ورتو. مهاتما ٻڌ جي ذاتي وسلن ۽ ٽڪڻ، توڙي سنڌس آستانن ۽ ٽڪين تي پُوڄا واسطي ٿُل ۽ دَقل (stupa)، منارا ۽ مندر بنيا. اهي ٿُل ۽ دقل مهاين پنٿ جا نمايان نشان هئا. سنڌ ۾ ٻُڌڪا ٽڪر، مير رُڪن جو ٿُل، ڏيپر گهانگهري جو ٿُل، ڪاهُوءَ جي دڙي ۽ موئن جي دڙي جا ٻُڌڪا مندر، انهيءَ مهاين پنٿ جا پڪا ثبوت آهن. سنڌ جي مهاين پنٿ جو پرچار شايد ڪنشڪ جي ڏينهن ۾ شروع ٿيو هجي؛ مگر گمان غالب آهي ته هن پنٿ، سنڌ ۾ ڪنشڪ جي ٽين پيڙهيءَ جي حاڪم ’واسوديو‘ جي ڏينهن ۾ اٽڪل ٻيءَ صديءَ ڌاري زور ورتو*. واسوديو جا جيڪي سِڪا ’موئن جي دڙي‘ جي مٿين سطح واري ’ٻڌ- کنڊرات‘

* واسوديو جي حڪمرانيءَ جو عرصو مبهم آهي: ڪن سنڌس حڪمرانيءَ جو دور پهرين صدي عيسوي ڄاڻايو آهي، ته ڪن وري ڏيڍ سؤ سال ڪن پوءِ.

مان لڌا آهن، تن موجب سنڌ ۾ ڪوشاني سياسي اقتدار (جنهن تي ٿي مذهبي پرچار جو گهڻو دارومدار رهيو) جو زمانو 'ٻي صدي عيسوي' قرار ڏيئي سگهجي ٿو.

جيڪڏهن مهاين پنٿ جو پرچار پالي پراڪرت ۾ تسليم ڪجي، ته چئي سگهجي ٿو ته پالي پراڪرت جو اثر سنڌ جي ٻوليءَ تي اٽڪل ٻي صدي عيسويءَ کان شروع ٿيو. مگر سوال آهي تہ جنهن پالي محاوري ۾ اهو پرچار ٿيو، ان جي لساني ڪيفيت ڪهڙي هئي؟ اسان مٿي بيان ڪيو آهي ته اشوڪ جي شهباز ڳڙهي-مانسهره وارين لکيتن مان معلوم ٿئي ٿو ته ٢٥٠ ورهيه قبل مسيح ڌاري، پالي پراڪرت مقامي محاورن جي قالب ۾ تبديل ٿي چڪي هئي. ان کان چار سؤ ورهيه پوءِ، پالي جي انهن مقامي محاورن ۾ وڌيڪ تبديل آئي هوندي. گويا، جڏهن پالي ٻولي خود پنهنجي آخري پراڪرتي دور مان لنگهي رهي هئي ۽ ان جا محاورا (dialects) مڪاني ٻولين سان خلط ملط ٿي پنهنجي اصليت وڃائي رهيا هئا، ان وقت جي ڪنهن 'مخلوط پالي محاوري' ۾ مهاين پنٿ جو پرچار سنڌ ۾ ٿيو. انهيءَ جو ثبوت، ڪنشڪ جي دور جي هڪ پالي عبارت مان ملي ٿو، جا هڪ ٽامي جي ٽالهيءَ تي اُڪريل آهي. اها ٽالهي سنڌ جي آڳاٽين نزديڪي حدن اندر يعني تہ بهاولپور کان سورنهن ميل ڏکڻ- اولهه طرف ٻُڌ جي جهوني مندر "سئي وهار" جي کنڊرن مان هٿ آئي آهي*. ان عبارت جو مول مقصد

* ڪتبي واري اها ٽالهي اول جي. ييٽس (G. Yeates)، کي فبروري ١٨٦٩ع ۾ ملي، جا پوءِ ميجر سٽبس (Stubbs) هٿ ڪري سر بيلي (Sir. E. C Bailey) ڏانهن ڪلڪتي موڪلي، جتي سنہ ١٨٧٠ع ۾ "ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال" جي 'جرنل' ۾ ان تي هڪ مضمون شايع ٿيا. اصل ٽالهي ٣٠ انچ چورس آهي، جنهن جو ننڍو عڪس 'ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال' جي جرنل (جلد- ٣٩، پليٽ نمبر ٢) ۾ شايع ٿيو. اهوئي اصلي عڪس هت دوباره ڇاپيو ويو آهي. (ڏسو عڪس نمبر١).

[ا] 'سئيي وِهارُ' مان لڌل ڪنشڪ جي زماني جو ' بُڌختي ڀالي' ۾ لکيل ڪتبو.

SUË VIHAR INSCRIPTION.



1st line.

2nd. line.

3rd. line.

4th. line.

A.F.R. Hoernle Scale 4 to 10 of original. W. Griggs Photo-lith.

[٢] سئي وهار، ساڻ لڏل 'بختي پالي' ڪتبو، صاف صورتخطيءَ ۾ لکيل.

Original Pâli.

¹) महाराजस राजतिराजस देवपुत्रस कनिष्कस संवत्सरे एकादशे स 11 दइसिकस मसस दिवसे अठाविशे दि २८ ²) अत्रदिवसे भिक्षुस नागदत्तस संखकटिस आचर्यदमत्रातशिष्यस आचर्यभवशिष्यस यठि अरोपयतो इह दमने ³) विहारस्वामिनि उपासिक बलनंदि [illegible] मत च इमं यठिप्रतिठनं … अनुपरिवारं ददाति सर्वसत्वनं ⁴) हितसुखाय भवतु ॥

Corrected Pâli.

¹) महाराजस्य राजातिराजस्य देवपुत्रस्य कनिष्कस्य संवत्सरे एकादशे स 11 दइसिकस्य मासस्य दिवसे अठाविशे दि २८ ²) अत्रदिवसे भिक्षुस्य नागदत्तस्य संखकटिस्य आचार्यदमत्रातशिष्यस्य आचार्यभवशिष्यस्य यठिं अरोपयतो इह दमने ³) विहारस्वामिनी उपासिका बलनंदी कुटुंबिनी बलजया माता च इमं यठिप्रतिठानं कपश्च अनुपरिवारं ददाति सर्वसत्वानां ⁴) हितसुखाय भवतु ॥

Sanskrit.

¹) महाराजस्य राजातिराजस्य देवपुत्रस्य कनिष्कस्य संवत्सरे एकादशे स 11 दइसिकस्य मासस्य दिवसे अष्टाविंशे दि २८ ²) अत्रदिवसे भिक्षोः नागदत्तस्य सांख्यकृतिनः आचार्यदमत्रातशिष्यस्य आचार्यभवशिष्यस्य यष्टिं आरोपयत इह दमने ³) विहारस्वामिनी उपासिका बलनंदी कुटुंबिनी बलजया माता च इमं यष्टिप्रतिष्ठानं [illegible] च अनुपरिवारं ददाति सर्वसत्वानां ⁴) हितसुखाय भवतु ॥

Romanised Transliterations.

New.

¹*Maharajasya rajatirajasya devaputrasya Kanishkasya samvatsare ekadase sam 11 daisikasya masasya divase athavise di 28. ²Atradivase bhikshusya Nagadatasya sankhakatisya acharya-Damatrata-sishyasya acharya-Bhavasishyasya yathim aropayato iha damane ³viharasvamini upasika Balanandi kutumbini Balajaya mata cha imam yathipratithanam cha anuparivaram dadati sarvasatvanam ⁴hitasukhaya bhavatu.*

Prof. Dowson's.

¹*Maharajasa Rajatirajasa Devaputrasa Kanishkasa samvatsare ekadase Sam 11 Daisasa masasa divase athavisati 28, ²Atra … ne Bhikshusa Nagadatasa Sakhkhatisa Acharyadama-trataisisa Acharyas Bhavapasisasa … matim aropayata iha dhammam ³viharasvamini Upasika Balanandi dhayima balajaya mata cha imam yathi prabhu … flapa … sanaparivaram dadatu sarvasatvanam ⁴Hitasukhaya bhavatu.*

Sir E. C. Bayley's.

¹*Maharajasya rajatirajasya devaputrasya Kanishkasya samvatsare ekadase 11, Daisikasya masasya dinasya ashtavimsate 28. ²Atrehasram Bhikshusya Naganandasya Sakhkhatisa, Achhayadimatasisya sishyasya acharya-Bhavapasishyasya … yati? … payate, iha damane ³Vihara-svamini upasika anupalanda Sanakutumbini balajaya mata cha imam yashti-pratishtham anuparivaram dadati sarvasatvanam ⁴Hitasukhaya bhavatu.*

Translation.

New version.

¹ On the 28th day of the month Daisios, in the 11th year of the great king, the Over-king of kings, the son of the gods, Kanishka;

² On the specified day, to the mendicant Nagadatta, learned in the Sâṁkhya (*philosophy*), the disciple of the Acharya Damatrata, the disciple of the disciple of the Acharya Bhava, putting up his staff (or pillar), here ³the owner of the Damana Vihara, the female lay devotee Balanandi, (who is) full of sprouts, and Balajaya, her mother, give a shrine for the staff and the customary accessories.

⁴ May it be for the health and wealth of all beings.

Prof. Dowson's.

¹ On the 28th of the month Daesius, in the 11th year of the great king, king of kings, son of the gods, Kanishka.

² Herein in the (?) are deposited the necklaces (relics) of the mendicant Nagadata, of Sakhkhati, of the disciple of the Acharya Damatraja (and) of the disciple of the Acharya Bhavapa.

³ The … of this Sankhya-vihara, the lay devotee Balanandi, the householder, for his own merit and that of his children, wife, and mother (supplies) this shrine and (vessels) ⁴ as a protection for all (the relics). Hasi-sakhi … [illegible]

Sir E. C. Bayley's.

¹ On the 18th day of the month Daisik, in the 11th year of the divinely descended king, King of kings, Kanishka;

² For the religious benefit of Dhakkadama, the good, the excellent teacher, and of the good and pre-excellent brother of Aranshvara, of Naganandi, the religious mendicant, (this) for the holy (relic) the Vihar, the worshipper, gives … turned back from his maternal (virtue) … fallen away from his ancestral …

⁴ May it be for a cause of happiness to all Buddhists [illegible]

[٣] 'سئي وهار' مان لڌل 'بختي پالي' ڪتبي جون ٽي جدا جدا پڙهڻيون ۽ انگريزي ترجما.

غالبًا هيءُ آهي تہ ”دَمن وِهار“ مندر جي هڪ پوڄارڻ مائي 'ٻال نَندِي' ۽ سندس ماءُ مائي 'ٻال جيَہ' مهاراڄ ڪنشڪ جي حڪمراني جي ٻارهين سال جي 'دائسيس' مهيني جي ٢٠- تاريخ 'سُئي وِهار' مندر جي ڀڪشو گياني 'ناگدت' کي ڀيٽا ڏني. خاص غور طلب ڳالهہ هيءَ آهي تہ اها عبارت نج پالي ۾ نہ، پر ان جي ”ٻختي محاوري“ (Bacterian Pali) ۾ لکيل، آهي. ٻن عالمن سر بيلي ۽ پروفيسر ڊائوسن، جي راءِ موجب هن ڪتبي ۾ مقدوني مهيني 'ڊائيسيس' (Daesius or Daisios) جو نالو چٽو معلوم ٿئي ٿو، جو غالباً ٻختي يونانين ذريعي رائج ٿيو. ڊاڪٽر هارنلي هن ڪتبي جي ٻولي کي' آريائي پالي، ڪري ڄاڻايو آهي. ٻهاولپور گزيٽيئر ۾ اڳين تحقيق جي بناءِ تي، ان کي 'ٻختي پالي جو ڪتبو' تسليم ڪيو ويو آهي*.

---

* ٻهريائين پروفيسر ڊائوسن (Dowson) ۽ سر بيلي (Sir. E.C. Bailey) هن عبارت کي سنہ ١٨٧٠ع ۾ پڙهيو ۽ ان جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو. پروفيسر ڊائوسن جو ترجمو ۽ ڪتبي بابت تفصيل ”جرنل آف دي رايل ايشياٽڪ سوسائٽي“ (جلد-٦.N.S، سنہ ١٨٧٠ع، ص ص ٤٩٧-٥٠٢) ۾ شايع ٿيو ۽ سربيلي جو ترجمو” جرنل آف ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال“ (جلد-٩٣، سنہ ١٨٧٠ع، ص ص ٦٥-٧٠) ۾ ڇپيو. ان بعد ڊاڪٽر هارنلي (A.F. Rudolf Harnle) اهو ڪتبو پڙهيو، جو بمبئي مان شايع ٿيندڙ ”انڊين آينٽيڪئيري“ (Indian Antiquary)، ماه نومبر ١٨٨١، ص ص ٣٢٤-٣٣١، ۾ پروفيسر ڊائوسن ۽ سربيلي جي پڙهئين سان گڏ شايع ٿيو، جنهن جو عڪس هت ڇاپيو وڃي ٿو (ڏسو عڪس ٣). ڊاڪٽر هارنلي مهيني جو نالو ” Daisika “ پڙهيو آهي جو مقدوني مهينو 'Daisios' (مئي-جون) سمجهڻ گهرجي. ڊاڪٽر هارنلي جي راءِ ۾، ڪتبي ۾ ڏنل مهيني جو نالو 'مغربي پالي محاوري' جي زير اثر اصل مقدوني مهيني جي نالي مان بدليو آهي. بهاولپور گزيٽيئر ۾ هن ڪتبي کي ”ٻختي پالي جو ڪتبو“ تسليم ڪيو ويو آهي (ڏسو ٻهاولپور رياست جو گزيٽيئر، پنجاب جي رياستن جي گزيٽيئر سلسلي جو جلد ٦ - الف، لاهور، ١٩٠٨ع، ص ٣٨٤).

بهرحال سنڌ جي حدن اندر، پوئين پراڪرتي دور جو اهوئي ڪتبو هٿ آيو آهي، جو پالي جي ڪنهن مقامي محاوري ۾ اُڪريل آهي. سنسڪرت جو ڪوبہ ڪتبو يا ڪابہ قديم لکيت سنڌ جي ڪنهن بہ ڀاڱي مان ايستائين دستياب نہ ٿي آهي. انهيءَ بناء تي چئي سگهجي ٿو تہ سنسڪرت جو اثر، جيڪو هن پالي محاوري جي واسطي سان سنڌي ٻوليءَ تي پيو هوندو، سو اڪثر 'دخيل لفظن' جي صورت ۾ چئو تہ پاليءَ جو مخلوط پراڪرتي محاورو صرف ـ نحو جي لحاظ سان بذات خود سنسڪرت کان گهڻو پري هئي ڇڪو هوندو. البت سنسڪرت مان مشتق (derived) الفاظ جنهن بہ صورت ۾ "سنڌ جي ٻوليءَ" ۾ جذب ٿيا، سي سر زمين سنڌ ۾ ساڳيءَ صورت ۾ باقي رهيا، ۽ اڄ تائين باقي آهن. غالباً پاليءَ محاوري جي ذريعي سنسڪرت جا ڪافي الفاظ سنڌ جي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيا. سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم جو 'مهاين پنٿ' رائج هو، ۽ جيئن تہ مهاين پنٿ سنڌ ۾ ٻي صدي عيسويءَ کان وٺي ستين صديءَ جي آخر تائين جاري رهيو، انهيءَ ڪري سمجهجي ٿو تہ هن عرصي ۾ ئي سنڌ جي ٻوليءَ کي ٻڌ وارن جي پوتر زبان پالي ذريعي سنسڪرت مان مشتق لفظن جو وڏو ذخيرو مليو.

ٻين حڪمران قومن جي ٻولين جو اثر. پالي پراڪرت

جو اثر سنڌي ٻوليءَ تي خاص طرح مذهبي پرچار رستي پيو؛ ڇو تہ ڪوشان گهراڻي جو سياسي اقتدار سنڌ تي ڪو ٿورڙئي وقت رهيو. سياسي اقتدار ذريعي حڪمرانن جي ٻوليءَ جو رعيت جي ٻوليءَ تي گهڻو ڪجهہ اثر پوي ٿو. هن ساڳئي دور جي سياسي تاريخ ڏيکاري ٿي تہ پاليءَ کان وٺي ايراني، يوناني، ترڪي ۽ داردي ڳالهائيندڙ قومن جو سنڌ تي سياسي غلبو رهيو. هيٺ انهن ٻولين جو عرصيوار خاڪو ڏجي ٿو، جن جي ڳالهائيندڙن جو سنڌ تي سياسي اثر رهيو.

پولين جو عرصيوار خاڪو

آڳاٽي ايراني ٻوليءَ جو اثر	٥٢٠– ٥١٥ قبل مسيح، فتح دارا ٥– صدي ق. م ٤– صدي ق. م
يوناني ٻوليءَ جو اثر	٣٢٦–٣٢٥ قبل مسيح، فتح سڪندر ٣– صدي ق. م ٢– صدي ق. م ١٩٥–١٥٠ قبل مسيح، بلخ جي يوناني حاڪمن جي فتح
ترڪي ۽ داردي ٻولين جو اثر	١٥٠–١٢٠ قبل مسيح، ساڪا ۽ سٿين جون ڪاهون ١– صدي ق. م
پالي پراڪرت جو اثر	٤٠–٥٠ مسيحي، ڪوشان شاهه ڪنشڪ
ترڪي ۽ داردي جو اثر	١٠٢/١٦٠–٢٠٠ م، پارٿين جون ڪاهون ٢– صدي م
پوئين ايراني ٻوليءَ جو اثر ترڪي ۽ ايرانيءَ جو اثر	ساساني تسلط ٣– صدي م ٤– صدي م. هياطله ٤٧٠–٤٨٠ م، سفيد هن ٥– صدي م ٥٣١ م، خسرو نوشيروان
ملڪي ٻوليون	٦– صدي م، راءِ گهراڻو ٧– صدي م، برهمڻ گهراڻو

هائي سوال آهي ته هن سڄي قديم دور جي تاريخي ۽ لساني ماحول جو سنڌ جي ٻوليءَ تي ڪهڙو ۽ ڪيتري قدر اثر پيو؟

سنڌ جي قديم تمدن جي زبان غالباً سامي - صفت هئي. ان تي جي اوائلي اثرات پيا، سي خاص طرح ايراني زبان جا، ۽ بعد ۾ داردي زبانن جا؛ سنسڪرت جو اثر دير سان پالي محاوري جي واسطي سان پيو؛ مگر انهيءَ ساڳئي عرصي ۾، مغربي ۽ شمالي زبانن– جهڙوڪ ايراني، يوناني، ترڪي ۽ داردي– جو به اثر پيو. انهن اثرات جي علاوه سنڌ جي ٻوليءَ جي ذاتي اصليت خواهه تاريخي حقيقت، سنسڪرت ۽ ان جي پراڪرت ٻولين کان بلڪل نياري هئي؛ انهيءَ ڪري ئي 'سنڌ جي ٻولي'[1] ٻين پراڪرت ٻولين جي ڀيٽ ۾ هڪ نرالي نوعيت ورتي. ٻيون پراڪرت ٻوليون، جي پنهنجي ٻئي ارتقائي دور مان گذري وڏيڪ بگڙيون، انهن ٻولين کي آڳاٽن نحوين "اپڀرنش" سڏيو– يعني 'معيار کان ڪريل'. انهن نحوين جي پرک جو معيار هو 'سنسڪرت سان مناسبت'؛ مگر سنڌ جي ٻولي، جا پنهنجي اصلي سنجت ۽ سيتاءَ ۾ نرالي هئي، ۽ جنهن تي هندستاني پراڪرتن جي ڀيٽ ۾ مغربي ۽ شمالي ٻولين جا اثر زياده پيا هئا، سا انهيءَ معياري پرک موجب ته گهڻو گهڻو بگڙيل هئي؛ انهيءَ ڪري ڪن محققن جي چوڻ موجب، جنهن ٻوليءَ کي انهن نحوين "وراچڊ اپڀرنش" يعني 'گهڻو گهڻو بگڙيل' سڏيو، سا 'سنڌ جي ٻولي' هئي. حقيقت ۾ 'وراچڊ اپڀرنش' جو اطلاق به سنڌ کان گهڻو مٿي اتر واري خطي جي ڪنهن ٻوليءَ تي هئڻ گهرجي، ۽ نه سنڌ جي ٻوليءَ تي؛ ڇاڪاڻ ته 'وراچڊ اپڀرنش' جي اصطلاح ۾ به 'سنسڪرتي مناسبت' ملحوظ آهي. سنڌ جي ٻوليءَ جو ته معيار ئي انوکو هو، انهيءَ ڪري پراڪرت وياڪرڻ جي جوڙيندڙ، 'مارڪنڊيه' جو قول ته "وراچڊ کان به سنڌ جي ٻولي گهڻو ڦيرايل آهي"، زياده وزندار ۽ قابل غور آهي. انهيءَ قول جي تائيد لاءِ هڪ اهم ثبوت موجود آهي– مثلاً 'وراچڊ اپڀرنش' ۾ 'س' جو اُچار ڦيرائي

’ش‘ ڪندا هئا، مگر سنڌ جي ٻوليءَ ۾ وري ’ش‘ جو اچار
ڦيرائي ’س‘ ڪندا هئا. سنڌ جي ماڻهن جي اها انوکي لساني
خصوصيت پوءِ ٻه ڪافي دير تائين باقي رهي، جيئن ته ”شاعر ابو عطا
سنڌي“ جي اڳتي ڏنل مثالن مان ظاهر ٿيندو.

سنسڪرت، پراڪرت ۽ اپڀرنش. ’سنڌي ٻولي‘ جي تاريخي
حيثيت کي سمجهڻ لاءِ، سنسڪرت، پراڪرت ۽ اپڀرنش
جي باهمي رشتي کي پڻ صحيح معنيٰ ۾ سمجهڻ ضروري
آهي: ڇاڪاڻ ته عموماً ائين چاتو وڃو آهي ته سنڌي اپڀرنش
مان نڪتي آهي، اپڀرنش پراڪرت مان ۽ پراڪرت وري
سنسڪرت مان. انهيءَ سلسلي ۾ هيٺيان نتيجا، جي انهن
ٻولين جي اڳاٽن معتبر ڏيهي هندو، ٻڌ ۽ جين عالمن
توڙي ڪن پرڏيهي عالمن جي نظرين مطابق آهن، سي ڌيان ۾ رکڻ
ضروري آهن: (۱) ڪن اڳاٽن هندو عالمن جي خيال ۾ اپڀرنش
ٻولي، پراڪرت مان نڪتي ۽ پراڪرت سنسڪرت مان نڪتي.
هيمچندر، مارڪنڊيه، ڏَنڊَ ۽ ٻين جي لکيتن مان اهوئي نتيجو
نڪري ٿو. انهن عالمن هن ٻـر عظيم جي ڪن ’ادبي ٻولين‘
کي ’پراڪرت‘ سڏيو آهي ۽ انهن جو ’بنياد‘ (پُراڪُرتَ،
پُرَڪرتِ = جزو، بنياد) سنسڪرت کي ڪري مڃيو آهي.
مگر ٻين اڳاٽن هندو، ٻُڌ توڙي جهين عالمن جي راءِ هن جي
برعڪس آهي ۽ پڻ موجوده علمي تحقيق هن نظريي کي هميشه
لاءِ رد ڪري ڇڏيو آهي. اول ته هندو عالمن مان ’وَرَرُشي‘
۽ ٻين نحوين ۽ ادبين، اپڀرنش کي ’پراڪرت‘ مان نڪتل ڄاڻ،
۽ پراڪرت دفعي جي ٻولي ئي ڪري نه مڃيو آهي. انهن
جي راءِ ۾ سنسڪرت، پراڪرت ۽ اپڀرنش ٽي جدا قسمن جون
ٻوليون آهن. ’ڏَنڊِن‘ ٻه انهن عالمن مان آهي جو چوي ٿو ته
”اڳاٽا ادبي ڪتاب چئن جدا ٻولين-سنسڪرت، پراڪرت، اپڀرنش
۽ مِشرُ (گڏيل ٻوليون)- ۾ لکيل آهن،“ هو ڪن ادبي ڪتابن
لاءِ ڪم آيل آڀيرن جي ٻولي کي ’اپڀرنش‘ جي دفعي ۾ شمار

ڪري ٿو. اهي عالم 'شاسترش' يا 'رسالن' ۾ استعمال ٿيل جا ٻه ٻوليءَ سنسڪرت کان نرالي آهي، ان کي 'اپڀرنش' ڪري ٿا ليڪن. 'واڳڀٽ' توڙي 'رُوڪَر' ٻئي اپڀرنش جا ٻه قسم مڃين ٿا، جن مان فقط هڪ جو بنياد 'پراڪرت' ڄاڻائين ٿا، پر ٻيءَ کي 'ديس ڀاشا' يا عوامي ٻولي تسليم ڪن ٿا. (٢) ٻيو ته هندو عالمن کان سواءِ ٻڌ وارن جي روايتن مطابق پڻ سنسڪرت، پراڪرت ۽ اپڀرنش جداگانه ٻوليون آهن. مثلاً اتر هندستان جي ٻڌن جي لکيل روايتن مطابق، مهاتما ٻڌ جي مرتبي کان هڪ سؤ سورهن سال پوءِ، چار 'سٿوريرَ' ٿيا جي چئن جدا ذاتين مان هئا، ۽ چار جدا ٻوليون - سنسڪرت، پراڪرت، اپڀرنش ۽ پئشاچي - ڳالهائيندا هئا. (٣) ٽيون ته 'جين وارن' جي نظرين مطابق پڻ 'پراڪرت' سنسڪرت مان نڪتل ناهي. اهو ثابت ٿي چڪو آهي ته 'آرد ماگڌي' (جنهن کي اڳاٽن ڏيهي نحوين 'آرش' يا 'آرشم' سڏيو آهي) جنهن ۾ مهاتما جين پرچار ڪيو، سا سڀني پراڪرت ٻولين ۾ نهايت مکيه ۽ اهم آهي. جين عالمن جي راءِ ۾ 'اردماگڌا' سڀ کان اڳاٽي بلڪ سڀني ٻولين جو مول آهي. 'ناميسڌ' عالم، 'رُدرَٽ' جي 'ڪاويالنڪار' بابت لکندي چوي ٿو ته 'اردماگڌا' مان ئي ماڳ مڪان جي فرق ۽ نحوي ڦيرگهير سان پوءِ سنسڪرت ۽ ٻيون ٻوليون نمودار ٿيون. ٻين نحوين جي لکيت مان پڻ انهيءَ راءِ جي پٺڀرائي ٿئي ٿي. خود هيمچندر چوي ٿو ته، جهڙي سوترن جي ٻولي 'آرش' متعلق سندس سڀ ذيل قاعدا مستثنات (Exceptions) جا محتاج آهن. 'ترِوِڪرم' پڻ 'آرش' کي پنهنجي گرامر کان مستثنيٰ ڪيو، ڇاڪاڻ ته سندس ويچار موجب اها بذات خود هڪ جداگانه ٻولي آهي ۽ سنسڪرت ان جو سرچشمو ناهي. (٤) چوٿون ته موجوده علمي تحقيق پڻ انهيءَ نظريي کي هميشه لاءِ رد ڪري ڇڏيو آهي ته ڪو 'پراڪرت' يا 'پراڪرت ٻوليون' سنسڪرت مان

نڪتل آهن. پراڪرت جي مطالعي ۽ تحقيق ۾ 'پشيل' (R. Pischel) ۽ 'سينارٽ' (Senart) جو درجو مٿاهون ڪري مڃيل آهي. پشيل جي راءِ ۾ مڙني پراڪرتن جو سرچشمو آڳاٽا عام مقبول محاورا (Popular dialects) آهن ۽ پڻ تہ هندستان جون جملي 'نيون ٻوليون' سنسڪرت مان نڪتل نہ آهن(١).

اپڀرنش ۽ سنڌي جو تعلق. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي ۽ خصوصي حيثيت کي سمجهڻ لاءِ 'اپڀرنش' ۽ سنڌي جي لاڳاپي واري نظريي کي صحيح طور سمجهڻ پڻ ضروري آهي: انهيءَ سلسلي ۾ اول اهو ڄاڻڻ ضروري آهي تہ 'اپڀرنش' ڪنهن هڪ خاص ٻوليءَ جو مخصوص نالو ڪونهي، بلڪ سا ڳئي سلسلي جي ڀاشائن جو مجموعي نالو آهي: يعني تہ ڪابہ اها ڀاشا يا ٻولي، جا سنسڪرت جي صحيح معيار کان هيٺ هجي. انهيءَ لحاظ سان 'اپڀرنش' بر عظيم پاڪ - هند جي عام مقبول زبانن جو نالو آهي(٢). هيمچندر ۽ مارڪنڊيہ، جي پراڪرت جي نحوين ۾ خاص درجو رکن ٿا، تن ٻنهي اپڀرنش بابت لکيو آهي. هيمچندر (١٠٨٨-١١٧٢) آڳاٽو نحوي آهي ۽ هن پنهنجي گرامر "سِڌ هيمچندر" ۾ 'اپڀرنش' کي هڪ

(١) تصديق لاءِ ڏسو، پشيل جو "پراڪرت ٻولين جو تقابلي گرامر"، جرمن مان انگريزي ترجمو، دهلي، ١٩٥٧ع، ص ص ٦-٧

I agree with SENART that all the Prakrits go back to popular dialects as their source and their all essential elements originally dereloped from the living speeches (p.7.). This Sanskrit was not the basis of the Prakrit dialects (p.4)- The fact that all the new Indian languages do not go back to Sanskrit today needs no more proof (p.6). (R. Pischel: *Comparative Grammar of the Prakrit Languages*, translated from the German by Subhadra Jha, Motilal Banarasidass publishers, Delhi *1957*, pp.6-7).

(٢) تصديق لاءِ ڏسو، پشيل جو "پراڪرت ٻولين جو تقابلي گرامر"، انگريزي ترجمو، دهلي ١٩٥٧ع، ص ٣١.

مجمل نالي طور استعمال ڪيو آهي. اپڀرنش بابت سندس ذيل قاعدا ڏيکارين ٿا ته ڪيئي عام مقبول زبانون ان ۾ شامل آهن. سندس چوٿين نمبر قاعدي موجب، اپڀرنش ۾ ڪَ، کَ، ٽَ، ٺَ، پَ، ڦَ اُچار اڪثر ڦري گَ، گهَ، ڊَ، ڍَ، بَ، ڀَ ٿين ٿا. انهي قاعدي جي بناء تي سنڌي کي 'اپڀرنش' دفعي جي ٻولي ثابت ڪرڻ مشڪل آهي. مارڪنڊيه هڪ نامعلوم مصنف جي حوالي سان سڀيون ساريون ستاويهه ٻوليون 'اپڀرنش' جي دفعي ۾ شمار ڪري ٿو. مارڪنڊيه 'اپڀرنش' جا ٽي قسم ڄاڻايا آهن: هڪ 'ناگَرُ'، جا مٿئين ۾ مکيه آهي؛ ٻي 'وُراچڊَ' جا ناگر مان نڪتي ۽ سنڌ ۾ جنم ورتائين "سنڌو-دیشپي- ڀوو وُراچڊَ وڀڀرَ نشيه"؛ ٽين 'اُپناگر' جا 'ناگر' ۽ 'وراچڊ' جي سنگم مان اُسري. مارڪنڊيه جي انهيءَ نظريي جي بناء تي- ته 'وراچڊ' سنڌ ۾ اُسري- اڪثر ائين سمجهيو ويو آهي ته موجوده سنڌي 'وراچڊ' مان نڪتي ۽ وراچڊ اپڀرنش مان. حالانڪ انهيءَ نظريي جي بناء تي صرف ايترو چئي سگهجي ٿو ته 'وراچڊ' سنڌ ۾ اُسري، ۽ اها 'ناگر' مان نڪتي؛ جيڪا 'اپڀرنش' قسم جي ٻولي هئي. اهو محض هڪ گماني نتيجو آهي ته سنڌي 'وراچڊ' مان نڪتي؛ مگر انهيءَ قسم جي نتيجي لاءِ ڪو به بنيادي علمي دليل ٿي نٿو سگهي. خود مارڪنڊيه جو ذيل دليل غور طلب آهي: 'وراچڊ' جي هڪ لغوي خصوصيت مارڪنڊيه اِها ٻڌائي ٿو ته ان ۾ 'ج' ۽ 'چ' اُچارن اڳ 'ي' جو اُچار اُسريو. سنڌي ۾ حرف 'ج' جي اڳ 'ي' جي اُچار اُسرڻ جو گمان نڪري سگهي ٿو، جيڪڏهن اسان 'ج' جي اڳ توڙي پويان 'ي' کي ملائي 'يج' يا 'جيه' کي 'ج' جي برابر سمجهون. پر 'چ' جي اڳ توڙي پويان 'ي' جي اُچار اسرڻ جو سنڌيءَ ۾ ڪو به نشان ئي ڪونهي. مارڪنڊيه جا هڪ ٻي خصوصيت ٻڌائي آهي سا آهي: 'ش' ۽ 'س' اچارن جي بدلجي وڃڻ ٿئين اچار بنجڻ؛

جي، مگر اها ساڳي خصوصيت هو ’ماگڌي‘ لاءِ پڻ بيان ڪري ٿو، ۽ هڪ ٻئي نحوي ’پرتوي ڌَر‘ اها خصوصيت وري ’سَنۡڪارَ‘ ٻوليءَ جي ڄاڻائي آهي؛ جنهن جي معني ته اها ’وراچڊ‘ سان مخصوص ڪانهي. اسان اڳتي هلي شاعر ”ابو عطا“ واري مثال ۾ ’س‘ ۽ ’ش‘ اُچارن جي بدلجڻ جي خصوصيت جو ذڪر ڪنداسون، پر جيئن ته اها لغوي خصوصيت سنڌي لاءِ مخصوص ناهي پر ٻين ٻولين ۾ پڻ آهي، انهيءَ ڪري ان مان ’سنڌي‘ جو ’وراچڊ‘ مان نڪرڻ جو مستقل دليل ملي نٿو سگهي. آخر ۾ خاص توجهه طلب ڳالهه هيءَ آهي ته مارڪنڊيه ڪَوِيندُرَ پنهنجو ڪتاب ’پُراڪرُتَسَرُوَسوَ‘ سنڌ کان سوين ڪوهه پري، اوڀر هندوستان ۾ اوڙيسا ۾ لکيو، جنهنڪري مغربي هندوستان جي ٻولين بابت سندس راءِ کي ايترو وزن ڏئي نٿو سگهجي. ٻيو ته مارڪنڊيه ڪو بنهه آڳاٽو نحوي ڪونهي. هن پنهنجو ڪتاب راجا ’مُڪند دِيو‘ جي حڪمرانيءَ ۾ لکيو، جنهن جو سال ڪن محققن ١٦٦٤ع تسليم ڪيو آهي، مگر ڪن ٻين محققن جي راءِ موجب مارڪنڊيه بهرصورت ١٥- صدي عيسوي جي پهرين پنجويهن سالن بعد ٿي گذريو، يعني ته ١٤٢٥ع بعد ٿي گذريو. سنڌ ۾ اهو سمن جي بادشاهيءَ جو پوين دور هو، جنهن وقت اسان کي سنڌي ٻولي جو شعر ’بيتن‘ جي مڪمل صورت ۾ ملي ٿو. نه فقط ايترو پر مارڪنڊيه واري عرصي کان گهڻو اڳ ۽ سمن جي دور جي شروعات جا بيت پڻ ملن ٿا، جن ۾ موجوده ’سنڌي ٻولي‘ پنهنجي مڪمل صورت ۾ نظر اچي ٿي(١)؛ بلڪ ان کان به ڪافي اڳ سومرن جي پوئين دور جي ٻوليءَ جا خدوخال پڻ ’ڳاهن‘ جي صورت ۾ چٽا نظر اچن ٿا (٢). جيڪڏهن موجوده سنڌي ٻولي ’وراچڊ‘ مان نڪتي هوندي ته اها سومرن جي اوائلي دور ۾ يا ان کان اڳ نڪتي هوندي؛ مگر هيمچندر سومرن جي دور جي شروعات جو نحوي

(١) ڏسو باب چوٿون. (٢) ڏسو باب ٽيون.

آهي، پر هن صرف 'اپڀرنش' جو ذڪر ڪيو آهي ۽ 'وراچڊ' جو نالو به ڪو نه ڪنيو آهي.

'اپڀرنش' جي لغوي ۽ تاريخي حيثيت. آخر ۾ 'اپڀرنش' جي صحيح لغوي ۽ تاريخي حيثيت کي وري به سامهون رکڻ ضروري آهي. انهيءَ سلسلي ۾ 'پيشيل' جو مٿي نقل ڪيل تحقيقي نظريو نهايت ئي اهم آهي: يعني ته 'اپڀرنش' انهن ڀاشائن جومجموعي نالو آهي، جي سنسڪرت جي صحيح لغوي معيار کان هيٺ هيون. اصولاً اهي عام مقبول عوامي ٻوليون هيون، جي سنئون سڌو سنسڪرت مان نڪتل نه هيون، ۽ انهيءَ ڪري صرف ۽ نحو توڙي لغت جي اعتبار سان سنسڪرت جا قاعدا انهن سان لڳي نه ٿي سگهيا: اهي اهڙيون 'پراڪرتون' هيون، جن جو سرچشمو سنسڪرت کان اڳ واري ڪا عوامي زبان يا زبانون هيون، جن کي 'پهرين-پراڪرت' (Proto-Prakrit) يا 'ويدي ڀاشا' (Vedic Language) جي دفعي ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. موجوده لغوي تحقيق پڻ اِهو ثابت ڪيو آهي ته 'اپڀرنش' دفعي جي ٻولين ۽ 'ويدي ڀاشا' ۾ ڪافي هڪجهڙايون آهن *. انهيءَ حقيقت جي اعتبار سان البت 'سنڌي' کي 'اپڀرنش' دفعي جي ٻولي شمار ڪري سگهجي ٿو، ۽ اسان هن کان اڳ پنهنجن مستقل لغوي دليلن جي بناء تي پڻ انهيءَ نظريي تي پهتا آهيون ته سنڌيءَ جو تاريخي رشتو سنسڪرت کان اڳ واري ڪنهن عام مقبول 'پروٽو-پراڪرت' سان ملي ٿو.

نتيجا:

مٿين تجزيي ۽ تحقيق، دليلن ۽ مثالن جي بناء تي اسان هن نتيجي تي پهچون ٿا: سنڌي ٻولي سنئون سڌو سنسڪرت مان نڪتل ناهي، بلڪ سنسڪرت کان اڳ واري

* Apabhran'sa "Shows affinities with the Vedic Language not in a Small Measure". تصديق لاءِ ڏسو هن کان اڳ، حوالو. ڊٖاڪٽر پشيل جو 'پراڪرت ٻولين جو تقابلي گرامر' ص ٣٢.

دور جي ”سنڌو ماٿر جي قديم ٻولي“ آهي. ’لهندا‘ (سرائڪي ٻهاولپوري- ملتاني- ديري والي- هندڪو)، ’ڪشميري‘ ۽ اترئين سنڌو ماٿر جون ’داردي‘ ٻوليون ان جون پينرون آهن. ٻُودوباش جي لحاظ سان اهي مڙيئي سنڌو ماٿر جون آڳاٽيون ’هند-آريائي‘ ٻوليون آهن، پر سٽاء ۽ تاريخي ارتقاء جي لحاظ سان اهي هن برعظيم جي ٻين ’هند-آريائي‘ ٻولين کان نراليون آهن، ڇاڪاڻ تہ انهن جي بناوت ۾ اوسر ۾ هند-ايراني ۽ اولهہ کان ٻين داخل ٿيندڙ ٻولين کي دخل آهي. خاص ’سنڌ جي آڳاٽي ٻولي‘ جي ابتدائي سٽاء ۾ سُمير ۽ بابل جي تمدن وارين ٻولين ۽ ’سامي-صفت‘ زبانن جا ڪي اجزاء شامل آهن. ’سنڌ جي انهيءَ آڳاٽي ٻوليءَ‘ جا ميساريل نشان اسان کي ’موئن جي دڙي‘ جي مهرن ۾ ملن ٿا.

باب ٻيو

سنڌي ٻوليءَ جي سنڌ وارو بنيادي دور

(٥٠٠ع-١٠٥٠ع)

’سنڌي ٻوليءَ‘ جي تشڪيل ۽ سنڌ وارو بنيادي دور تقريباً راءِ ۽ برهمڻ گهراڻن ۽ عربي حڪومت جي عرصي وارو دور آهي، جو ٿُلهي ليکي عيسوي ڇهين صديءَ جي شروعات کان وٺي يارهين صديءَ جي آخر تائين سمجهڻ گهرجي. هن دور ۾ موجوده ’سنڌي ٻوليءَ‘ جي تشڪيل ٿي. انهيءَ عرصي کان اڳ واري ٻوليءَ، يا ٻولين کي اسان ”سنڌ جي ٻولي يا ٻوليون“ سڏيو آهي؛ جو نه اسان وٽ يقيني نه خير، مگر ڪو ظني ۽ گماني دليل به موجود ناهي ته ڪو راءِ-برهمڻ گهراڻن ۽ عربن جي حڪومت کان اڳ موجوده سنڌي ٻوليءَ جو خاڪو ڪنهن به نوع ۽ نموني ۾ موجود هو.

(الف) راءِ ۽ برهمڻ گهراڻن جي دور ۾ ٻوليءَ جي سنڌ ۽ صورت.

عربن جي حڪومت کان اڳ جا ٽي چار سؤ ورهيه ’سنڌي ٻوليءَ‘ جي آسرڻ ۽ اڀرڻ لاءِ هڪ چڱو پيش خيمو هئا. انهيءَ دور ۾ ٻڌ ڌرم جو مهاين پنٿ سنڌ جي عوام ۾ پکڙيل هو، ۽ ماڻهن جي انهيءَ ڌرمي ميلاپ مان معاشرتي ميلاپ ۽ لساني يڪسانگي جو نتيجو نڪري سگهي ٿو. سياسي نڪتهٔ نظر سان ڀڻ ڇهين ۽ ستين صدي عيسويءَ ۾ راءِ گهراڻي ۽ برهمڻ گهراڻي جي حڪمرانن سنڌ ۾ سياسي مرڪزيت جو هڪ خاڪو پيدا ڪيو. انهيءَ ڌرمي ۽ سياسي يڪسانگي سنڌ جي ٻولين ۽ محاورن کي مرڪزيت ڏيڻ لاءِ رستو صاف ڪيو.

فتح اسلام کان اڳ، سنڌ جي ٻوليءَ يا ٻولين جو قلمبند ٿيل نمونو موجود ڪونهي؛ البته ”فتحنامي“ ۾ ڪي الفاظ ۽ فقرا ملن ٿا، جي هن ريت آهن:

(١) اول تہ ڪي اسم خاص ملن ٿا. مثلاً، ڪن ذاتين جا نالا — لاکا، ٺڪر، جت، سمہ، سهتہ، لوهانہ، پاٿيہ وغيره — آيل آهن، جي اڄ بہ ساڳيائي آهن. ماڻهن جي نالن مان خاص سنڌي نالا — چندر (چنڊ)، ڏاهر (آواز آٿارينڌڙ؟)، موک (موکيو)، بسايہ (وسايو)، وکيہ (وکيو)، کاکہ (ڪاڪو) وغيره ڏنل آهن، جن مان چنڊ، وسايو، وکيو، ۽ ڪاڪو اڄ بہ موجود آهن. ندين ۽ واهن جي نالن مان مهراڻ، جلوالي، ساڪره، موج، ۽ ارل ڏنل آهن؛ ازانسواءِ ڪنبہ، دنده ۽ ٻيٽ يعني ڪُنب، ڍنڍ ۽ ٻيٽ جا الفاظ آيل آهن. شهرن جي نالن مان ڪي هي آهن: ٻلهار، ساوندي، ودهاتيہ، جهم ۽ دهتايت. اضافي ترڪيبون هي آيل آهن: دنده وکر ٻهار (وکر ٻهار جي ڍنڍ)، کاکا راڄ (ڪاڪن جو راڄ)، کار مٽي (کاري جي مٽي)، ند مٽي (نديءَ جي مٽي)، ٻڌر کُو (يعني ٻُڌ جي ٻت جي رکيا ڪندڙ). انهن اضافي ترڪيبن جي نوعيت ڏيکاري ٿي تہ شايد ان وقت حروف اضافت جداگانہ استعمال ۾ آيل نہ هئا. هن وقت انهيءَ قديم ستاءَ جا مثال سنڌيءَ ۾ ڪافي ٿورا وڃي رهيا آهن — مثلاً جهنگ - ٻلو، جنڊ - جهرڪي، ٻٽ - تيتر، رس - ول، ٿر - ٻاٻيهو وغيره.

(٢) 'فتحنامي'، ۾ سنڌ جي ٻوليءَ جو جملو صرف هڪ ڏنل آهي: ڏاهر پنهنجي لشڪر کي اطمينان ڏيارڻ لاءِ تنواريو تہ ”نسي من، نسي من“، يعني 'من اينجا ام' (=مان هتي آهيان). فاضل مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽي جو گمان هو تہ شايد اهو اصل ۾ سنسڪرت جو جملو ”آسمي آتر“ هجي؛ مگر، گمان غالب آهي تہ ڏاهر پنهنجي عام لشڪر کي خطاب بہ سنڌن عام ٻوليءَ ۾ ڪيو هوندو — ۽ انهيءَ حالت ۾ اهو جملو ”هتي مون، هتي مون“* جي برابر ٿو ڀانئجي. جيڪڏهن ائين هجي، تہ معلوم ٿئي ٿو تہ اڄان سنڌ جي ٻوليءَ جي ستا

* نسي من (نُسي=نهي=هتي=هتي.مُن=مون)= هتي مون.

اڪثر مفرد لفظن تي ٻڌل هئي، حرفن توڙي زمانن موجب 'فعل' اڃان جملي جي ربط ۽ ترڪيب جا لازم ملزوم جز نه بڻيا هئا.

(٣) ته اسان جي هاڻوڪيءَ زبان جي لفظن جي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو ته جيئن اڳ تيئن الفاظ 'حروف صحيح' سان ٺهيل هئا، يعني ته منجهن حروف علت بلڪل ڪم هئا، يا مور گهڻو نه هئا. هاڻوڪا ٻنا حروف علت (ا، و، ي، کان سواءِ) الفاظ - جهڙوڪ ٻہ، ته، نہ، مک، نٽ، ڪڪڙ، مڪڙ، گدڙ - شايد انهيءَ تاريخي اصليت ڏانهن اشارو ڪن ٿا. لفظن جي اهڙي ٻيهڪ ۽ بناوت جي ماضيءَ جي مطالعي مان پائنجي ٿو ته عربيءَ جي اثر کان اڳ، سنڌي الفاظ اڪثر حروف صحيح جا مرڪبات هئا. 'واڱڪي الف-بي' جي سڃاڻ چڻ انهيءَ قديم زماني جي يادگار آهي، جڏهن ٻوليءَ ۾ حروف صحيح تي ٻڌل سنڌي لفظن جي وڏي اڪثريت هئي.

(٤) ساڳيءَ طرح، اسان جي موجوده سنڌي ٻولي ۽ ان جي محاورن جو اڀياس، ٻوليءَ جي ماضيءَ جي تاريخ بابت قدري رهنمائي ڪري ٿو. لاڙي، ٿري، اتراڏي، ڪاري، ڪوهستان ۽ ڪاڇي جي محاورن ۾ جو فرق آهي، سو مشهور ۽ معلوم آهي. پر، انهيءَ کان سواءِ، قبائلي ٻولين ۾ ته اڃان به گهڻو فرق آهي - مثلاً ماڇين، مهاڻن، ساميِن، ڇهواڻن وغيره جي ٻولين ۾ نه صرف لب و لهجي ۽ اُچار مگر لغت توڙي محاوري جو به وڏو فرق آهي. جنهن صورت ۾ هينئر به ايترو تفاوت آهي، ته جيئن اڳ ماضيءَ ۾ تيئن اهو فرق گهڻو هوندو. لاکن، سمن، سهتن ۽ چنن ۾، گهڻو گهڻو اڳ، نه صرف ريتين رسمن جو مگر ٻوليءَ جو به فرق هوندو؛ ڇاڪاڻ ته سنڌ جي انهن اصلي قبيلن جا راڄ جدا جدا اراضين ۾ آباد هئا. سنڌي نسب- نامي جي هڪ جهوني ڪهاوت آهي ته "سنڌ سمو، ڪاڇي چنو، پاٽي جيسلمير". محمد بن قاسم سنڌ ۾ انهن قبيلن جا راڄ بلڪل انهيءَ ڪهاوت موجب آباد ڏٺا. انهيءَ وقت انهن قومن مان هرهڪ کي پنهنجي ٻولي ۽

پنهنجي پنهنجي رسم ۽ رواج هئڻ ۾ ڪو شڪ نٿو نظر اچي. انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته فتح اسلام کان اڳ، نه صرف ملڪ جي هر خطي جي زبان جدا هئي، مگر مختلف قومن ۽ قبيلن جون پنهنجون پنهنجون ٻوليون هيون. هن حقيقت جي تائيد مشهور عربي عالم، اِبْنِ نَدِيْم جي تقريباً هڪ هزار ورهيه اڳ جي ڪيل تحقيق مان به ٿئي ٿي، جا اڳتي بيان ڪئي ويندي.

(ب) عربن جي دور حڪومت ۾ ٻوليءَ جي بنيادي تشڪيل ۽ ترقي.

عربي دور حڪومت ۾ سنڌ جي ٻوليءَ يا ٻولين تي جي اثرات پيا، سي هي هئا:

١- ٻوليءَ ۾ مرڪزيت پيدا ٿي. عربن جي دور حڪومت ۾ جا وڏي ۾ وڏي ترقي ٿي، سا هيءَ هئي ته سنڌ جي ٻولين ۽ محاورن ۾ هڪ مرڪزيت پيدا ٿي، جنهن جي ڪري جامع "سنڌي ٻولي" جي تشڪيل وجود ۾ آئي، جا عام ملڪي ٻولي بڻي ۽ ان جو بنياد مضبوط ٿيو. هن مرڪزيت جا مکيه ڪارڻ هي هئا: (١) سڄي سنڌ هڪ پختي نظام حڪومت هيٺ آئي. سنڌ جي تاريخ ۾ هيءَ پهرين منظم حڪومت هئي، جنهن سنڌ جي گوشي گوشي ۾ قضا (انصاف) ۽ خراج (زرعي ڍل) جي نظام ذريعي رعايا جي زندگيءَ تي گهرو اثر وڌو؛ تقريباً ٽي سؤ سال کن سنڌ عربي سياست ۽ ان جي اثر هيٺ رهي؛ (٢) سياست سان گڏ رعايا دين اسلام اختيار ڪيو؛ اسلامي عقائد ۽ اسلامي زندگيءَ هن سياسي مرڪزيت کي اڃان به زياده مضبوط ڪيو؛ قبائلي فرق گهٽيا، ۽ اسلامي شريعت مختلف ريتين رسمن کي هموار ڪيو؛ (٣) هن دور ۾ نوان نوان شهر بڻا، ۽ واپار لاءِ خشڪي خواه درياهي رستا کليا؛ واپار جي ترقي ۽ قافلن جي اچ وڃ سبب ملڪ جا مختلف حصا پاڻ ۾ ڳنڍجي ويا، ۽ سڄي ملڪ جي ماڻهن ۾ گهري لهه وچڙ پيدا ٿي؛ انهيءَ لهه وچڙ ۽ لڳ لاڳاپي، ملڪ جي مختلف ٻولين ۽ محاورن ۾ هڪ لساني ربط پيدا ڪيو،

۽ عام سنڌي ٻوليءَ جي اوير ۽ اوسر کي ترقي ڏني.

٢- ٻوليءَ جي نفسياتي ڪيفيت بدلي. عربي دور ۾ نه صرف سنڌ جي ٻولين ۽ محاورن ۾ مرڪزيت پيدا ٿي ۽ هڪ عام سنڌي ٻولي آسري، مگر آن سان گڏ ٻوليءَ جي نفسياتي ڪيفيت به بدلي. ان جا مکيه ڪارڻ به هئا:

پهريون ته سنڌ جي عوام جا، عرب ملازمن، ڪاريگرن ۽ مهاجرن سان گهرا معاشرتي تعلقات پيدا ٿيا، عربن سنڌ کي پنهنجو وطن بنايو، ۽ محمد بن قاسم سنڌ جي گوشي گوشي ۾ عربن جون آباديون قائم ڪيون(١). محمد بن قاسم بعد ڪن ماڻهن پوئتي موٽڻ ٿي چاهيو، مگر خليفي سليمان جو فرمان آيو ته "اتي رهي کيتي ڪريو ۽ هٿرُ ڪاهيو ته سگهيا هجو"(٢). مرڪزي حڪومت جي انهيءَ پاليسيءَ عربن کي سنڌي ڪڙمين ۽ آبادگارن جو ڀاڙيسري ۽ شريڪ بنايو، انهيءَ ڪري عرب چڻ سنڌي بنجي ويا، ۽ عربن ۽ سنڌين جي وچ ۾ قريب تر معاشرتي رستو پيدا ٿيو. سر زمين سنڌ ۾ نه عربن ۽ سنڌين جي وچ ۾ متعدد شادين مُرادين ۽ ماڻتين جو امڪان نظر اچي ٿو، مگر سنڌين جي شرافت ۽ مروت کان وڏا وڏا عرب خاندان به متاثر ٿيا، ۽ انهن سنڌ مان شاديون ڪيون. هڪ قديم عرب مورخ ۽ محقق جي بيان موجب حضرت علي جي فرزند محمدؐ، امام زين العابدين ۽ امام زيد بن الحسين جون مائرون سنڌي هيون (٣). اهڙيءَ طرح علي الاصغر بن زين العابدين علي بن الحسين جي جي امڙ به سنڌي هئي(٤). بنو اميه جي مشهور جرنيل مُهلب جي ٻن بهادر پٽن، مفضل ۽ عبدالملڪ، جي ماءُ به سنڌي هئي، ۽ سندس نالو مائي 'ڀلي' هو(٥). بنو اميه جي آخري

(١) ڏسو 'فتحنامه سنڌ' (٢) 'تاريخ طبري'، ليڊن (*Lieden*) ڇاپو جلد ٢ صفحو ١٢٧٥، (٣) 'ڪتاب المعارف' (ابن قتيبه)، ص ١١٠ (٤) 'عمدة الطالب'، ص ٣٠٤ (٥) 'ديوان فرزدق'، پئرس ڇاپو ص ٧٧، مصري ڇاپو ص ١٦

ڪمانڊر - اِن - چيف يزيد بن عمر بن هبيرة الفزاري جي ماءُ، جا نهايت حسين عورتن مان هڪ هئي، سا به سنڌي هئي(١)؛ ۽ هن سنڌي رشتي جي ڪري ئي ابو عطا سنڌي شاعر سندس ظالمانہ قتل تي هڪ بي نظير مرثيو لکيو، جو ملڪان ملڪ مشهور ٿي ويو، عربي ادب ۾ فن مرثيہ جو تَڪ بنيو، ۽ متعدد عربي ادب جي ڪتابن ۾ نقل ٿيو(٢)۔

عربن ۽ سنڌين جي مائٽين جا متعدد مثال موجود آهن، مگر مٿيان مثال بالڪل اوائلي ۽ اهم آهن۔ عرب ۽ سنڌي پاڻ ۾ جو ايتري قدر سڱيڻا ٿيا، تنهن سنڌ وارن جي گهرو زندگي، پاڙي ۽ ڳوٺ جي زندگي، راڄ جي زندگيءَ ۽ ملڪ جي معاشرتي زندگيءَ تي اثر وڌو۔ ان دور جي عرب اخلاقيات واريون وصفون - مثلاً مروت، ضيافت، سخاوت، شجاعت عصبيت، حميت ۽ بدويت - سنڌين جي معاشري ۽ شخصيت جو لازم ملزوم نفسياتي جز بنجي ويون۔

پيو وڏو ڪارڻ، جنهن ماڻهن جي شخصي توڙي اجتماعي زندگيءَ ۾ وڏي نفسياتي تبديل آندي، سو هو اسلام جو دلين تي اثر۔ خداي عزوجل جو خوف، ڪفر ۽ ايمان ۾ فرق، دنيا ۽ آخرت جو تصور، دوزخ ۽ بهشت (عذاب ۽ انعام) جو فڪر، حق تي سر ڏيڻ ۽ شهادت جي دلپذيري وغيره اسلامي اعتقادن، ماڻهن جي سوچ ويچار توڙي ارادن ۾ نئين ڪيفيت پيدا ڪئي، جنهنڪري شخصي توڙي اجتماعي نفسيات جو رُخ بدليو۔ اهڙيءَ طرح اسلامي عملن - شريعت اسلام جي

---

(١) 'ڪتاب المعارف' (ابن قتيبه)، ص ٢٠٨ (٢) 'المعارف' ٢٠٨؛ 'الطبري' ٣/٧٠؛ 'الشعراء'، ٤٨٤؛ 'الامالي'، ١/٢٧١؛ 'العقد'، ٢/٣١؛ 'الخزانه'، ٤/١٦٧؛ 'الحماسه' ٢/٥١-٥٢؛ 'الاغاني' ١٦/٨١؛ 'الوفيات' ٣/٩٠-٢٩١؛ 'المرتضى' ١/١٦١؛ 'المقطعات'، ١٠٢؛ 'الحصري' ٣/٢١٣؛ 'الاقتضاب'، ٢٩٢؛ 'الاضداد'، ٦٧؛ 'ادب الڪتاب'، ٢٤ و شرح ١٢٤؛ 'مراه الجنان' ١/٢٧٨؛ لسان العرب (عهد) (اتم)۔

پابندي، نماز، روزا، صدقات ۽ خيرات ـ شخصي توڙي اجتماعي زندگيءَ جي عملي طرز ۽ طريقي کي ڦيرايو، ۽ ماڻهن جي عادات ۽ اطوار، افعال ۽ اعمال کي هڪ نئين نهج ۽ نئين نوعيت تي آندو، ۽ معاشرتي ۽ ديني عوامل ۽ اثرن عوام جي شخصي توڙي اجتماعي نفسيات ۾ تبديل آندي.

انهيءَ شخصي ۽ اجتماعي نفسيات جو ٻوليءَ جي نفسيات تي اثر پيو. جڏهن ماڻهن جي خيالات، احساسات ۽ جذبات جي نوعيت بدلجڻ لڳي، تڏهن سندن نفس ڪلام جي هيئت بدلجڻ ضروري هئي؛ نه صرف اسلام، ايمان، شريعت، دين، توحيد، سنت، صلواة، روزا، حج، زڪوات، صدقات ۽ خيرات جا الفاظ ٻوليءَ ۾ رائج ٿيا؛ مگر مروت، ضيافت، سخاوت، شجاعت، عصبيت، حميت، بدويت ـ اهي اهڙا تخيلات (concepts) هئا، جن جو اثر، خيال ۽ ويچار جي ڪيفيت (thought process)، عمل جي نوعيت (behaviour)، ۽ اجا به زياده نفس ڪلام جي هيئت ۽ ٻوليءَ جي ستاءَ تي پيو، جنهنڪري سنڌي ٻوليءَ جي نفسيات اصلاً توڙي اصولاً بدلي.

٣ـ ٻوليءَ جي تمدن ۾ واڌارو ٿيو. عربي دور حڪومت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لغات جي تمدني سرمايي ۾ وڏو واڌارو آيو. عرب حڪومت ملڪ جي اقتصادي حالت کي بهتر بنائڻ لاءِ ملڪ جي زراعت ۽ ڏنڌن کي زور ونارايو. زراعت توڙي ڏنڌن ۾ ڪم ڪندڙن، ڪم جي اصطلاحن، ۽ ڪم جي اوزارن کي عربي ٻوليءَ جا الفاظ ۽ نالا مليا. زراعت ۾ "هاري" ۽ "مجيري" جا بنيادي نالا، عربي لغت ۽ اُن جي اثر سان سنڌي ٻوليءَ جو جز بنيا. 'هاري' جيڪڏهن 'هر' مان اسم فاعل آهي، ته به عربيءَ جي اثر هيٺ، ۽ جيڪڏهن "حارث" مان نڪتل آهي، ته به عربي اثر هيٺ. 'هرلي' يا 'ايٺ' جي عربي نالي 'ناعُوره' مان سنڌي ۾ 'نار' جو نالو عام مروج ٿيو، ۽ نار چاڙهيندڙ کي اُن ابتدائي دور

۾ اسم فاعل جي ترڪيب موجب 'ناري' سڏيو ويو، جنهن جو اهڃاڻ اڄ تائين 'هاري ناري' جي اصطلاح ۾ موجود آهي. 'مجيري' 'اجار- يجير' فعل مان نڪتل آهي، ۽ ان جي معني آهي 'محافظ' يا 'سنڀال ڪندڙ'. عراق جي آباد زمين وانگر سنڌ جي زمين جي ماپ تي ۽ 'جريب' جو آڳاٽو عربي لفظ عام مروج ٿيو. هاڻوڪي سکر براج وانگر، عربي دور ۾ خليفي معتصم بالله جي ڏينهن ۾، سنڌ جي گورنر موسيٰ بن عمران ملڪ جي زراعت لاءِ هڪ بئريج يا بندبڌايو *، جنهن جو نالو رکيو ويو هو "سڪر الميد"، يعني 'ميد يا مهاڻن وارو بند'. عربيءَ ۾ 'سڪر' جي معنيٰ ئي آهي بند، ۽ 'سکر' شهر جو نالو انهيءَ آڳاٽي بند جي قديم نالي جو ياد گار آهي. درياءَ ۽ واهن جي ڪنارن تي آمدرفت لاءِ دڪا ٻڌيا، جن تان سنڌيءَ ۾ لفظ 'ڦُرڙ' (عربي = فُرضة) بمعني ڪچي پُل جي، عام استعمال ٿيو. اهڙيءَ طرح 'آن' جي ماڻ جو نالو "ڪاسو" ڪنهن عربي ماپي "ڪاسه" (برتن) جو ياد گار آهي. 'چوٿائي' عربي لفظ "ربع" جو ترجمو آهي، ۽ "خرار" لفظ عربن جي ذريعي آيل فارسي ماڻ جو ذريعو آهي. لوهارڪي ڌنڌي ۾ مترڪو (ع. ميطرقة) ۽ سنداڻ (ع. سندان) عربي اثر جا ياد گار آهن. جهازرانيءَ ۾ ملاح، ميربحر، زورق، ونجهه (فارسيءَ مان عربي ذريعي)، سڪاڻ (ع. سڪان)، ڦُرڙ يا ڦُرڙدو (ع. فُرضَة)؛ ڪاسائڪي ڌنڌي ۾ ڪاسائي (ع. قصاب)، ڪاتي (ع. قاطع)

---

* مورخ بَلاذُري پنهنجي ڪتاب 'فتوح البُلدان' ۾ سنڌ جي فتح واري باب هيٺ 'سڪرالميد' جو ذڪر ڪيو آهي (ڏسو 'فتوح البلدان' دخويه جو سنواريل، يورپ (برل) جو ڇاپو، ١٨٨٦ع، ص ٤٤٥) ۽ بلاذري جي بيان جي سلسلي جي بناءَ تي ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته اهو مهاڻن وارو بند، موجوده اروڙ- روهڙي- سکر واري ايراضيءَ ۾ ٻڌايو ويو، ڇاڪاڻ ته انهيءَ موقعي تي موسيٰ جي ڇانوڻي اروڙ ڏاري هئي.

حلوان (نندو ٻڪر)، ذبح، حلال، حرام ۽ تڪبير؛ واپار ۾ دڪان (فارسيءَ مان عربي ذريعي)، ساهمي، دلال، ڪاپاڙو (ع. قباله)، ڪَڙيو يا ڪُرجين (ع. خُرجُ)، ٻقر يا ٻاقري (ع. بَقّال)، بجاج (ع. بزاز)، حلوه (ع. حلوه)، قُرص، ٿوم، بصر وغيره.

عربن ۽ سنڌين جي گهري معاشرتي زندگيءَ سبب، سنڌي ماڻهن جي نالن جي نوعيت ۾ ڦيرگهير به آئي. عرب پنهنجن ماڻهن ۽ قبيلن جا نالا ڪڙن پٿن ۽ خطرناڪ جانورن جي نالن جهڙا، دشمنن تي رعب ويهارڻ لاءِ رکندا هئا ـ مثلاً ماڻهو جو نالو 'حنظله' (=ٿوهر)، قبيلي جو نالو 'بنو اسد' (=شينهن جا ٻچا) وغيره. ساڳيو عڪس سنڌي نالن تي پيو: سنڌيءَ ۾ ماڻهن جا نالا (مثلاً ٿوهر، ڪوڙو، اڪ، نِم، شينهڙو، گدڙ، بگهڙ، سگهو، سِر، ڏگانو، لوهه ـ مروڙ وغيره) ۽ ذاتين جا نالا (ناهر، بگهياڙ، شينهڙا، واسينگ، وغيره) عربي نهج تي مگر خالص سنڌي لغت ۾ بنيا. روزمره جي پوشاڪ بدلي ۽ ڪپڙن جا نوان نالا سنڌي جو جز بنيا، مثلاً رئو (رداء)، پوتي (فوط) گج (قز)، گندي (غطاء > غطه) ۽ صدري؛ گهرو زندگيءَ ۾ ابو، امان، دلو، دبڪي، تباڪ (طبق ـ طباق) وغيره عربي لغت جا الفاظ سنڌي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيا.

عربن جي مال متاع ۽ وهٽن جي شوق، سنڌ جي چوپائي مال جي پرورش ۽ اُٺن گهوڙن ڏارڻ جي ذوق ۽ ڏنڌي کي وڌايو. سنڌ جي ڀاڱين پنهنجي مال جي سڃاڻپ لاءِ عربن جي قديم رسم موجب داغ ۽ ڪڪر ڏنا. مال جي سڃاڻپ لاءِ 'داغن' جو سلسلو جيترو عرب ۽ سنڌي قبيلن ۾ عام مروج ۽ مڪمل نظر اچي ٿو، اوترو دنيا جي ٻيءَ ڪنهن به قوم ۾ نٿو ملي. سنڌ ۾ عربي گهوڙن ۽ اُٺن جا نسل پالجڻ شروع ٿيا. يمن جي قبيلي 'مهرة بن حيدان' جي اُٺن جي ٻچن مان سنڌ ۾ 'مهري' اُٺن جو نسل آيو، ۽ پوءِ اُٺن تي نالو ئي 'مهري' پئجي ويو. گهوڙن مان 'ابلق' ۽ 'ڪميت' جا ٻچ عربن آندا.

ازانسواء، جيئن تہ عربي ٻوليءَ ۾ آٿ ۽ گهوڙي جي قسمن، رنگن، پنڌن، مرضن ۽ علاجن جا عجيب غريب نالا هئا، تيئن ساڳئي نموني تي سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ نالا نروار ٿيا. آٿ جا ڄم کان وٺي ڇهن سالن تائين، عمر موجب نالا: ڇائو تہ گونئرو ۽ مزات؛ ٢ سال، ڀهاڻ؛ ٣ سال، تيرُهاڻُ؛ ٤-٥ سال، ڇٽ؛ ٦ سال، دؤڪ؛ ٧ سال، چوڳو؛ ٨ سال، ڇڳو؛ ۽ ٩ سال، 'نيش' (نيش يعني نون سالن جو نوجوان آٿ، جو بلڪل عربي لفظ ''بازغ'' جو مترادف آهي)؛ ان بعد ٩ کان ١٢ سالن تائين 'بنيش'، ۽ ٻارهين سال 'ارموش'. اهڙيءَ طرح گهوڙي جا نالا، عمرن موجب: وڇيرو، سَرل، دؤڪ، ڇؤسال، پانجاريو، وغيره. رنگ ۽ ٻُتَ موجب آٿ: سنڌي، لاڙائي، ساڪرائي، ڍاٽي، ڍيائي، سوٽي، ڄالوري وغيره؛ تہ وري گهوڙو-ڪميت، جابون، نيرو، بور، مُشڪي، چينو، نقرو، ٻگلو، ابلق، سنجاف، سرخو، مَڪڙو، سَمند، پنج-ڪلياڻ، ڪبوتريو، ديناري وغيره. گهوڙي جي سنجن مان 'رڪيب' ۽ آٿ جي سازن مان 'نط' (= 'نطع' يعني چمڙي جي جهُل) ۽ 'ڪاشو' (غشاء=پوش) عربي اثر جا نماياں نشان آهن. اهڙيءَ طرح چوپائي مال (جو سنڌ جي زندگيءَ جو مکيہ جز آهي)، گهوڙن ۽ اٺن بابت لفظن ۽ اصطلاحن جو ذخيرو عربي ٻوليءَ جي ساڳئي سرمايي جي زير اثر توڙي نهج ۽ نموني تي ويجهيو ۽ وڌيو.

بدوي يا بري تمدن جي خصوصيات مان هڪ هيءَ بہ آهي تہ ان جي افراد کي بدوي زندگيءَ جي جزئيات جي ذري پرزي خبر هوندي آهي. هو پنهنجي تر جي مٽيءَ جي ذري ذري، وڻ وڻ جي ذات ۽ گاهہ گاهہ جي پن کي سڃاڻي. سنڌ پنهنجي طبعي بناوت جي لحاظ سان عرب جهڙي هئي، انهيءَ ڪري بدوي تمدن جو مڪمل عڪس سنڌ جي دهقاني زندگيءَ تي پيو، ۽ عربي لغت جو عڪس سنڌ جي عام ٻوليءَ تي. جيئن عربي ۾ ڪن اسمن- مثلاً آٿ، شينهن، وغيره- جا مختلف

اوصاف، ۽ محاورن سبب مختلف نالا هئا، تيئن سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻہ انهيءَ نهج تي مختلف نالا نروار ٿيا: سنڌيءَ ۾ اُٺ لاءِ ٻوتو، ڏاگهو، چانگو، ٻور، توڏو، ميو، ليڙو، بغدي وغيره نالا بنيا، تہ ڳئونهن جا (قسم ۽ رنگ وغيره جي لحاظ سان) قيصر، ساوَڄ، مزار، ڪيهر، واگهہ، ڀيلائي، ڇيتو، گجمير، وغيره نالا نڪتا. اهڙيءَ طرح سنڌيءَ ۾ وڻن ۽ گاهن جا متعدد نالا آهن؛ ۽ ساڳيءَ طرح هُرلي ۽ نار، ڇپر ۽ منهَن جي جدا جدا ڪانئن جا جدا جدا نالا آهن. هن 'جزئياتي تفصيل' جو مثال، سواءِ عربيءَ جي ٻين ٻولين ۾ ڪٿو ملي.

عرب بدوي تمدن جو اثر سنڌ جي دهقاني زندگيءَ جي هر شعبي تي پيو: ڀير ڪٽڻ، نڪٽ نهارڻ، ڏٿ ڏورڻ، ڪوهيون ۽ ڏڙ ڪٽائڻ، وس چرڻ، جهوڪون ڪرڻ، جهوڪ جون باهيون ٻارڻ، دونهيون دکائڻ ۽ پڌ ڪرڻ- جي سڀ سنڌ جي ٻري زندگيءَ جا نشانبر پهلو آهن- انهن مڙني تي عرب جي بدوي تمدن ۽ بدوي لغت جو بالڪل گهرو اثر پيل آهي. عرب رات جو جهوڪن وقت باهيون ٻاريندا هئا، تہ مسافر پري کان ڏسي لڙي اچن. باهہ ٻارڻ ۽ دونهيون دکائڻ، مهمان نوازي ۽ مردانگي جو شيوو هو. سنڌ بہ اهو عربي تمدن انهي ساڳيءَ اخلاقي معنيٰ ۾ قبول ڪيو. سنڌيءَ جا اصطلاح 'ٻوٽو ٻارڻ' يا 'فلاڻي ڪانہ ٻاري' وغيره، انهيءَ تمدن جي ياد آهن:

تو ميرون ماري مڙس ڪي، تون ٻيٺو آهين بي ايمان
انهيءَ جئي کان مٺو ڀلو هون، تو ڪانئر ٻاري ڪان!
(دين محمد لغاري)

اهڙيءَ طرح 'کيما ڪوڙڻ' (خيما ڪوڙڻ=منزل انداز ٿيڻ) اصطلاح، انهيءَ ٻري تمدن جي ساک ڀري ٿو، جو سنڌ ۾ عربي اثر هيٺ رائج ٿيو:

عشق آئي جت کيما ڪوڙي، دين ڪفر جا ٽڳا توڙي.

عرب شاعرن پنهنجي محبوب جا ڦٽل پڌ (جهنگ ۾ گهرن جا

نشان) ڳايا آهن. مثلاً 'امرؤالقيس' چوي ٿو:

قِفا نَبْڪِ مِنْ ذِڪرِيٰ حبيب و منزلِ

(بيهو ته محبوب جي پَڊن جي ياد ۾ ڳوڙها ڳاڙيون)

شاهه صاحب چوي ٿو ته:

ڪاروڙيانُ ڪٿي، وريُڙهي جهَپ ويا،
سيڻ منهنجا، سَيّد چئي، هاٿي هيٺ هُئا،
پسي پَڊَ انهي جا، لڙي لُڙڪ پيا،
ڏيهي ڏور ويا، ڏيان ڏوراپا ڪن ڪي.

بدوي عرب شاعرن پنهنجي محبوب جي سونهن کي اُٺن ڏاچين جي سهڻين وصفن (مثلاً، ڊگهي ڳچي) سان مشابهت ڏني آهي، اهڙيءَ طرح سنڌي شاعر به چوي ٿو:

نبي سر جون نام - ڪنيون، سي ننگ پريون ڪن نات،
هڪڙي لوڏ لوهاٺين کي، ٻيءَ جا سونهن سمات،
جوڀون جيسلمير جون، اٺئي ڪُل ڪنوات.
(سانوڻ)

اهڙيءَ طرح سنڌ جي دهقاني خيال ۽ تمدن تيءَ عربي تمدن جونهايت گهرو اثر پيو. ٻهراڙيءَ ۾ هر شيءِ ۽ شيءِ جي هر ذري پرزي تي نالو رکيو ويو: ٿر ٻر، جهنگ جهر، مال پوک، گاهه ڏٽ، گهرتڙ، منهن چپر جي هر جز تي خاص نالو پيو، ۽ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي تمدني سرمايي ۾ وڏو واڌارو ٿيو.

۴- سنڌيءَ جي الف - بي جي سناء، صورتخطي ۽ صرف - نحو تي اثر پيو. عربي دور حڪومت جي مٿين پيدا ڪيل اثرن - سنڌي ٻوليءَ جي مرڪزيت، ٻوليءَ جي نفسياتي تبديل ۽ ٻوليءَ جي تمدني واڌاري- سڄي ٻوليءَ جي سناء ۽ صرف - نحو تي به دائمي اثر وڌو.

اول ته سنڌي الف-ب جي حروف صحيح ۾ واڌارو ٿيو. عربي الف - بي جا حرف - مثلاً ث، ح، خ، ص، ض، ط، ظ، ع، غ، ف، ق- سنڌي الف-ب ۾ داخل ٿيا.

پيو تہ عربي زبان جي زير اثر حروف علت (ا، و ۽ ي) جو زياده استعمال ٿيو. انهيءَ ڪري اهڙا الفاظ جي ان وقت گهٽو ڪري حروف صحيح جا مجموعا هئا، تن جي اچارن ۾ ا، و، ي جي هلڪن اچارن سهولت ۽ سلاست پيدا ڪئي. مثلاً، سنڌي لفظ "ٻت" کي عربن "بهطه" يا "بهطا" ڪري لکيو؛ جو لفظ پنجابيءَ ۾ اڃا تائين "ڳلّ" آهي، سو سنڌيءَ ۾ حروف علت جي واڌاري سان "ڳالهہ" ٿيو؛ ٻ، ڳ ۽ ڏ جي ڇٽن ۽ ڪرن اچارن مان ب، ڏ ۽ ڳ جا نرم ۽ هلڪا اُچار نمودار ٿيا؛ خاص طرح عربن ۽ سنڌين جي مسلسل ميل جول ۽ عرب عالمن جي سنڌي دانيءَ سببان سنڌي لفظن ۾ حروف علت جو زياده استعمال ٿيو، جنهن سنڌي اچارن کي سهل ۽ سليس بنائڻ ۾ گهڻي مدد ڪئي.

ٿيون تہ سنڌي لفظن جا اچار درست ٿيا. سنڌ ۾ ئي سنسڪرت ۽ هندي ڪتابن جا ترجما ٿيا. شهر منصوره ۾ جي قابل عالم ۽ اديب موجود هئا ۽ جي سنڌي سان گڏ 'هندي' ٻولين جا پڻ ڄاڻو هئا، تن يقيني طور ترجمن وقت لفظن جي صحت ۽ صحيح تلفظ تي ڌيان ڏنو هوندو. هن علمي ماحول ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن کي صحيح صورتخطي مطابق لکيو ويو، جنهنڪري اڄ بہ سنڌي لفظن جي ذريعي اصلي پراڪرت لفظن جو پتو لڳائي سگهجي ٿو. سنڌي ٻولي پهريون پيرو عربي رسم الخط ۾ لکجڻ شروع ٿي، ۽ عربي ٻوليءَ جي زير، زبر، پيش جزم ۽ مدّ وارين نشانين، لفظن جي صحيح اچارن قائم ڪرڻ ۾ وڏي واهر ڪئي.

سنڌ وارا جڏهن عرب شاعرن، عالمن ۽ اديبن جي صحبت ۾ آيا، تڏهن سندن اچار جي خامين تي نڪتہ چيني ٿيڻ لڳي. ياڻنجهي ٿو تہ سنڌ جي ٻولي يا ٻولين ۾ ان وقت يا تہ 'ج' ۽ 'ش' جا حرف هئا ئي ڪين، ۽ انهيءَ ڪري سنڌي 'ج' ۽ 'ش' جا اچار نہ ڪري سگهندا هئا؛ جيڪڏهن اهي حرف هئا، تہ بہ سنڌي

محاورن ۾ 'ز' ۽ 'ج'، 'س' ۽ 'ش' جي اچارن ۾ ڪا تميز ڪانہ هئي. انهيءَ ڪري عربي ٻوليءَ جي لفظن ۾ سنڌ وارا 'ج' ۽ 'ش' جي اچارن ڪي ڦيرائي 'ز' ۽ 'س' اچارڻ لڳا. مشهور اديب جاحظ پنهنجي تصنيف "ڪتاب البيان والتبيين" ۾ هن حقيقت ڏانهن اشارو ڪيو آهي، ۽ تنقيد ڪندي لکي ٿو تہ "سنڌ جو رهاڪو لامحالہ 'ج' جو اچار 'ز' ڪري ٿو، ڀوءِ ڀل ڪٿي هو عرب جي فصيح ۽ بليغ قبيلن بنو قيس ۽ بنو هوازن ۾ پنجاهہ سال رهيو هجي"(١). هن سلسلي ۾ جاحظ پنهنجي ٻي تصنيف "ڪتاب الحيوان" ۾، سنڌ جي هڪ پوڙهي مائي (جنهن جي مادري زبان غالباً سنڌي هئي) جو سندس سواريءَ جي لاڏو اُٺ بابت عربيءَ ۾ ادا ڪيل هڪ فقرو نقل ڪيو آهي، جنهن ۾ هن مائي "جمل" (اٺ) کي 'زمل' ڪري اچاريو(٢).

ابوعطا السندي عربيءَ جو مشهور ۽ مڃيل شاعر آهي، جنهن سادا ٻارنهن سؤ ورهيہ اڳ سنہ ١٣٢هہ ڌاري وفات ڪئي. هو ننڍي هوندي کان عرب قبيلي 'بنو اسد' ۾ رهيو هو، مگر تنهن هوندي بہ سندس زبان ۾ سنڌي اچارن واري خامي هئي، ۽ هو 'ج' کي 'ز' ۽ 'ش' کي 'س' ڪري اچاريندو هو. انهيءَ تي سندس ڪيا همعصر شاعر ۽ اديب مٿس نڪتہ چيني ڪندا هئا. هن سلسلي ۾ هڪ دلچسپ ۽ معتبر واقعو ٿي گذريو جو عربي ادب جي ڪتابن ۾ هن طرح مشهور آهي:
ابوالحسن مدائني جي تحقيق موجب، هيءَ ڳالهہ هن ريت هئي تہ معلّى بن هُبيرة ۽ حمادالراوية، جي ٻئي شاعر، راوي ۽ اديب هئا، تن جي وچ ۾ هڪ قسم جي ادبي رقابت هئي ۽

(١) "ڪتاب البيان و التبيين"، جلد ١، ص ٦٦ (٢) "القدر ڪبت عجوزه سنديه ظهر بَعير فلمّا اقبل به البعير و ادبر و طمر فمخضها مرة مخض السقاء وجعلها مره ڪانها ترهز فقالت بلسانها، وهي سنديه عجميه: اخزي الله هذالزمل، فانه يذڪر بالشر" (ڪتاب الحيوان، جلد ٣، ص ٩).

انهيءَ ڪري معلّي هڪ ڪ ستي تہ ڪنهن بہ طرح هو حماد کي ابو عطا سنڌي سان ٽڪرائي، تہ ابو عطا پنهنجيءَ هجو سان حماد کي خوار خراب ڪري. انهيءَ رٽ سان مُعلّي هڪ ڀيري حماد کي چيو: ”جيڪڏهن تو ابو عطا کان ڪنهن طرح ’زُجّ‘ (ڀالو)، ’جرادة‘ (مڪڙ) ۽ ’مسجد بني شيطان‘ جا الفاظ چوارايا، تہ آءٌ توکي پنهنجي خچر سنجن سوڌي ڏيندس“. حماد اها ڳالهہ قبول ڪئي. هڪ محفل رٿي ويئي، جنهن ۾، حماد ٿو ڳالهہ ڪري تہ، ابو عطا سنڌي آيو، اچي ويٺو، ۽ خوش خير عافيت طور چيائين تہ: ”مرحباً، مرحباً، هياڪم الله!“ (يعني مرحباً، مرحباً، حيّاڪم الله). مون خوش خير و عافيت ڪئي مانس، ۽ سندس آڏو رات جي ماني پيش ڪيم، جنهن تي چيائين تہ ”لا هاجةَ ليْ بہِ“ (= لا حاجةَ ليْ بہِ) يعني تہ مونکي ضرورت ڪانهي. ان بعد ’نبيذ‘ طلب ڪيائين، جو اسان ڪيس ڏنو. پيئڻ بعد جڏهن خمار ۾ آيو، تڏهن مون (حماد) چيومانس: ”اي ابا عطا! ڪنهن شخص کي پرولين جا بيت اسان کي طرح طور ڏنا آهن، جن جا جواب نٿو ڏيئي سگهان، حالانڪ ڪالهہ کان وٺي هن وقت تائين ڪوشش ڪئي اٿم، تون انهيءَ سلسلي ۾ منهنجي مدد ڪري سگهندين؟“ ابو عطا چيو تہ ”بيت ڏاءِ“. مون چيو:

آبِنْ ليْ اِنْ سَئَلْتُ، اباعَطاءِ،

(اي ابو عطا! مونکي سمجهاءِ، جيڪڏهن آءٌ پڇان،

يقيناً کَيْفَ عِلْمُکَ بِالمَعَانِيْ،

تہ يقيني طور توکي معنيٰ جي فن ۾ ڪيتري مهارت آهي)

ابو عطاء چيو:

خَبِيْرٌ عالِمٌ، فَاسْأَلْ تَرِدْنِيْ
(تجِدْنِيْ)

(آءٌ ڄاڻو ۽ ماهر آهيان، پڇ تہ خبر پوئي،

بـهـا تَبّاً و آيـات الـمـثـاني؟
(طبّاً)
تہ اُهي انهي فن ۾ يگانہء روزگار آهيان)
انهي پڇيو مانس تہ:
فَمَا اسْمٌ حَدِيْدَةٌ فِي رَاسِ رُمْحٍ
(انهي لوهہ جي ذڪر جو نالو ڇا آهي، جو نيزي جي چوٽيءَ ۾
دُوَيْنَ الْكَعْبِ لَيْسَتْ بِالسِّنَانِ؟
ڪُڙيءَ جي نزديڪ آهي، مگر اهو نيزو بہ ناهي؟)
چيائين:
هُوَ الزُّزُّ الذي ان باتَ دَيْفاً
(الزج) (ضيفا)
(اهو زُزٌّ [صحيح 'زج' يعني ڀالو] آهي؛ جو جيڪڏهن
لِصَدْرِكَ لَمْ تَزَلْ لَكَ اَوْلَتَانِ
(عولتان)
رات جو تنهنجي ڇاتيءَ جو مهمان بڻجي تہ توکي هميشہ لاءِ
سور ڏيئي ڇڏي)
مون چيومانس تہ "ڏئي توکي نيڪي ڏئي، شايد تنهنجي مراد
'زج' آهي!" وري پڇيومانس:
فَمَا صَفْرَاءُ تُدْعَى اُمَّ عَوْفٍ
(پلا اها ڪهڙي پيلي شيءِ آهي، جا 'اُم عوف' سڏجي ٿي
كَانَّ رِجَيْلَتَيْهَا مِنْجَلاَنِ؟
۽ جنهن جا پيرڙا ڄڻ ڏاٽي جهڙا آهن؟)
جواب ڏنائين:
اَرَدْتَ زَرَادَةً و اَزُنُّ زَنًّا،
(جرادة) (آظن ظنًّا)
(تنهنجي مراد 'زرادة' [صحيح 'جرادة' يعني مڪڙ] آهي؛

بانّک ما اردت سوی لسانی!

مگر مونکي شڪ ٿو پوي تہ تنهنجو ارادو سواءِ منهنجيءَ زبان جي خاميءَ جي ٻيو ڪونهي!)

مون چيو تہ ”ڏاڍي سٺي سمجهہ ڪرڻي، ۽ وڏي حياتي بخشيئي!“ پوءِ پڇيومانس تہ:

اتعرف مسجداً لبني تميم

(ڀلا تو کي بنو تميم وارن جي انهيءَ مسجد جي خبر آهي،

فويق الميل دون بني آبان؟

جيڪا ’ميل‘ کان ٿورو مٿي، ’بني ابان‘ پاڙي جي پريان آهي.)

انهيءَ تي ابو عطاء چيو:

بنو سيطان دون بني ابان

(بنو شيطان)

(اها ’بنو سيطان‘ [صحيح ’بنو شيطان‘] جي مسجد آهي، جا بني ابان جي پاڙي کان ايتروڻي پري آهي،

کقرب ابيک من ابدالمدان

(عبدالمدان)

جيترو پڻهين جو رشتو ’ابدالمدان‘ [صحيح ’عبدالمدان‘] قبيلي کان ڏوراهون آهي)

حماد چيو تہ: ”مون ڏٺو تہ سندس اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون، ۽ سمجهيم تہ مڙس ڪاوڙجي پيو آهي. اتي ڏنس، ۽ چيومانس تہ ’اي ابا عطا! هن وقت مونکي معافي ڏي، ۽ منهنجو بچاءُ ڪر، باقي جو ڪجهہ مونکي مليو آهي تنهن ۾ اڌ تنهنجو ٿيو.‘ اتي چيائين تہ ’سچي خبر پئي‘، جنهن تي مون سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائي. ٻڌي، چيائين تہ ’توني حرف ڪونهي؛ جيڪي تو کي مليو سو تو کي پرتو، مونکي انهيءَ جي ضرورت ڪانهي.‘ اٿين چئي اٿيو، ۽ محلي ڪي لنديندو روانو ٿي ويو“(١).

(١) هن حڪايت لاءِ ڏسو اصلي ماخذ: ’الاغاني‘، ١٦/٨٠؛ ’الشعراء‘ ص ٣٨٣؛ ’الخزانة‘، ٤/١٧٠؛ ’العقد‘ ٣/٤٥٦؛ ’الوفيات‘، ٢/٥٨٥-٥٨٦ (دسلين ٣/٤٣٨-٣٩)؛ ’بدائع البدائه‘، ص ص ١٩-٢٠.

ابو عطاء سنڌيءَ جو دور دورو تقريباً سن ١٣٢ھ ڌاري ختم ٿئي ٿو؛ انهيءَ لحاظ سان، هيءَ حڪايت ثابت ڪري ٿي ته ٻي صدي هجريءَ جي اوائل ڌاري سنڌ جي ٻوليءَ ۾ محاورن ۾ 'ز' ۽ 'ج'، 'س' ۽ 'ش' جي اچارن ۾ تميز ڪانه هئي. ٻيو ته سنڌ ۾ عربي حڪومت جي انهيءَ اوائلي دور ۾ اڃان سنڌ وارن جون زبانون خالص عربي حرفن — ح، ض، ط، ع وغيره — سان پڻ مانوس ڪين ٿيون هيون، ۽ انهن حرفن جا اچار سنڌ جي ٻولين ۽ محاورن ۾ داخل ڪين ٿيا هئا. هيءَ حڪايت اهو به ظاهر ڪري ٿي ته، ڪيئن سنڌي جي خام اچارن تي عربن طرفان تنقيد ٿيندي رهي. انهن علمي تنقيدن توڙي سنڌين ۽ عربن جي وچ ۾ عام لهه-لاڳاپي جو اهو نتيجو نڪتو، جو سنڌي لفظن جي اچارن ۾ 'ج'، 'ز'، 'س' ۽ 'ش' جي جداگانه ۽ مستقل اچارن جو اضافو ٿيو. اڄڪلهه سنڌ جا اصل باشندا — يعني لاڪا، مهتا، سما، چنا وغيره — جي ٻهراڙيءَ ۾ رهن ٿا، تن مان اڻ-پڙهيل به اهي اچار بلڪل صحيح ۽ صاف ڪن ٿا؛ صرف سنڌ جا لوهاڻا ۽ ٻيا اصلي هندو باشندا، جي سماجي طور عربن مسلمانن کان الڳ رهيا، انهن ۾ البت اڃان تائين انهن اچارن جي خامي موجود آهي.

٤. چوٿون ته سنڌي لفظن ۽ جملن جي سٽاء تي عربي ٻوليءَ جي اعراب جو اثر پيو. 'اعراب' جملي ۾ بيهڪ جي لحاظ سان لفظ جي آخري حرف واريءَ حرڪت (زير، زبر، پيش) جو نالو آهي. هندوستان جي ٻين موجوده ٻولين مان سنڌي ٻولي ئي آهي، جنهن ۾ اعراب جو سلسلو مڪمل طريقي سان موجود آهي. سنڌيءَ جا مذڪر اسم پنهنجي اصلوڪيءَ صورت ۾ اڪثر پيش سان هوندا آهن، ۽ مؤنث اسم گهڻو ڪري زير يا زبر سان (سواء ڪن جزوي مستثنات Exceptions جي — مثلاً 'مَس' 'ڪَس' وغيره). حالت فاعلي (۽ فعل لازمي) ۾ البت اسمن جي اعراب ساڳي اصلوڪي حرڪت رهندي (مثلاً 'گهر'

ڪشادو آهي)؛ مگر اضافي ۽ جري حالتن ۾ 'ر' جو پيش بدلجي زبر ٿيندو (جيئن ته حالت اضافي ۾ 'گهرَ جو ڏڻي'، ۽ حالت جري ۾ 'گهرَ ۾'، 'گهرَ کي'، گهرَ ڏانهن')؛ پر جيڪڏهن حرف جر حذف ڪبو (ڪيرائبو)، ته آخري حرف کي زير ڏبي- مثلاً 'فلاڻي جي گهرِ وڃي'، (جو دراصل 'فلاڻي جي گهرَ ۾ وڃي' جي برابر آهي). جن مردن جي نالن پٺيان 'و' آهي، اهو حالت ندا ۾ متجي 'الف' ٿيندو، ۽ حالت اضافي ۽ جري ۾ 'ي': مثلاً 'اي الهڏنا!'، 'الهڏني جو پٽ' 'الهڏني کي چيم'. مگر، عربيءَ وانگر، سنڌيءَ ۾ اڻ زالن جا نالا "مبني" آهن، يعني ته انهن جي اعراب ڪين ڦرندي- جيئن ته 'بانو جو پٽ'، 'بانو کي چيم'، وغيره. اسين چونداسين ته 'احمدُ آيو'، ۽ 'احمدَ چيو': اتي ٻنهي صورتن ۾ حالت فاعلي آهي، مگر پهريون فعل لازمي آهي، ۽ ٻيون فعل متعدي. سنڌي اعراب جي قاعدي موجب، متعدي فعل جي فاعل جي اعراب زبر ٿيندي- يعني ته پيش ڦري زبر ٿيندو ۽ 'و' متجي 'ي' ٿيندو- جيئن ته 'الله ڏنو آيو' ۽ 'الله ڏني چيو'. سنڌي ۾، بلڪل عربيءَ وانگر، ضمير سڀ 'مبني' آهن، يعني ته انهن ۾ اعراب جي ڦيرگهير ڪانه ٿيندي؛ 'هُو' 'تون'، وغيره سڀ ضمير، هر حالت ۾ پنهنجيءَ اصلوڪي صورت ۾ رهندا. مطلب ته سنڌي ٻوليءَ جو هيءُ فن اعراب، عربي ٻوليءَ جي گهري اثر جو نتيجو آهي.

٥. گرامر جي جزن ۽ پاڙن تي عربيءَ جو اثر پيو.

(الف) اسم: عربيءَ مان ڏيٺن ۽ مهينن جا نالا، ۽ ٻيا ڪيئي اسم سنڌي ٻوليءَ جو جز بنيا- مثلاً بصر، جبل، ثوم، دٻڪي (طبق)، دلو، رسو وغيره؛ ڪيئي اسم روزمره جي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيا؛ نار (ع. ناعٿوره)، مجيري، جريب، ڪامو وغيره الفاظ ڪيتيءَ جي ڏنڌي ۾ داخل ٿيا؛ سندان ۽ متڪو (مطرقة) لوهارڪي ڏنڌي جا اسم بنيا؛ ڪڙيو، ڪرجين،

ساهمي، وغيره واپارين ذريعي رائج ٿيا ۽ زورق (=ٻيڙي جو قسم)، سڙهه (شراع)، سُکان (سکان)، وغيره اسم ملاحن ۽ ناکئن جي استعمال ۾ آيا. انهن ’عربي الاصل‘ اسمن کان سواءِ، خود سنسڪرت يا پراڪرت ٻولين جي اسم سنڌ ۾ رائج هئا، تن مان به ڪن تي عربي جي لغوي ڦيرگهير جو اثر پيو، ۽ انهيءَ اثر سببان انهن جا اصلوڪا اچار حرفن جي مٽ سٽ سببان ڦريا. مثلاً اهي خالص سنڌي الفاظ يا اهي پراڪرت يا سنسڪرت الفاظ جي سنڌي ۾ رائج هئا ۽ جن جي پڇاڙي ۾ ’يه‘ يا ’ه‘ هئي، تن جون اهي پڇاڙيون، ’ج‘ ۾ تبديل ٿيون؛ انهيءَ تبديليءَ سببان ’سنوريه‘، ’اشچريه‘، ’ڪاريه‘ ڦري ’سورج‘، ’اچرج‘ ۽ ’ڪارج‘ ٿيا. لفظ ’ويٺو‘ جو انهيءَ ساڳي صورت. يا ’وٺه‘ جي صورت ۾ رائج هو ۽ جنهن کي غالباً ايراني ناکئن ’ونه‘ ڪري اچاريو، سو عربي جي انهيءَ لغوي ڦيرگهير جي اثر هيٺ بدلجي ’ونج‘ ٿيو ۽ اڄ ڏينهن انهي مثيل صورت ’ونجهه‘ ۾ رائج آهي*.

* عربي لغت جي قانون مطابق اهڙا تبديلي مشهور ۽ مڃيل آهي. علم لغت جي مشهور عرب محقق مَوهُوب الجواليقي جي مشهور ”ڪِتَابُ المُعَرَّب مِن الڪلام العَجَمِي عَلىٰ حُرُوف المُعجَم“ (ليزگ ڇاپو، ١٨٦٧ع) توڙي ٻين معتبر تصنيفن ۾ انهيءَ تبديل جا مثال موجود آهن، جن مان هيٺيان خاص هند ۽ سنڌ جي ٻولين سان تعلق رکن ٿا:

اصل صورت		عربي اثر هيٺ بدليل صورت
ايريه	(آريه نسل جو ابو)	ايرج
دَهَنُتَه	(بمبئي کان هيٺ ڏکڻ طرف بندر جو نالو)	دَهَنُتَج
بَواريَه	(عربي اصول موجب ’بيريه‘ جو جمع. بيره=ٻيڙو بَوارِج يا ٻيڙي؛ ’بيريه‘ يعني ٻيڙيءَ وارو يا ٻيڙياتو)	
سَيَابِيَه	(هڪ آڳاٽي بلوچ قبيلي جي نالي ’سياه پا‘ يا ’سياه پاد‘ جو بدليل اچار - سياپه ﹤ سيابه)	سَيَابِجه
آنبَه	(سنڌي ’آنب‘ جو انوقت مروج اچار)	اَنُبج
هَلَيُلَه	(جارڪرن، ڪارڪرن يا هريڙ. هن وقت ’هليلا‘ اتر ۾ تازين ڪارڪن کي چون)	هَلَيُلَج

(ب) ضمير: ضمير 'هُو' ۽ 'آءٌ' عربي الاصل آهن. 'آءٌ' خاص طرح سنڌ جي هيٺين ڀاڱي ۾ رائج آهي؛ ۽ جيئن ته انهي ڀاڱي ۾ ديبل ۽ منصوره جي مرڪزي شهرن سبب سنڌيءَ تي عربيءَ جو گهرو اثر پيو، ته آتي عربي 'أنا' جو سنڌي اُچار آنءُ (= آنءَ = آئون) هميشه لاءِ استعمال ۾ اچي ويو. سنڌ جي اترئين حصي ۾ اڳاٽي وقت کان وٺي پارسيءَ جو زياده اثر رهيو، انهيءَ ڪري پارسي لفظ 'مَن' منجهان 'مان' مروج ٿي ويو.

ٻيو ته فعل جون پٺيون متصل ضميري پڇاڙيون جنهن مڪمل صورت ۾ سنڌيءَ ۾ رائج آهن، اهڙيءَ طرح اهي ٻي ڪنهن به هند-آريائي ٻوليءَ ۾ نٿيون ملن. اهي 'پٺيون متصل' پڇاڙيون غالباً سڌو سنئون عربي مان يا عربي مان فارسي ذريعي سنڌي ۾ رائج ٿيون. جاڻي گهرجي ته اڪيليون متصل ضميري پڇاڙيون سنسڪرت ۾ ملن ٿيون، جن جو مثال سنڌيءَ ۾ ٿيندو 'ڇيم' (مون ڇيو)، 'ماريوسون' (اسان ماريو)؛ پر سنڌيءَ ۾ انهيءَ ترڪيب جي پويان ٻي پٺي پڇاڙي پڻ رائج آهي، جيئن ته 'ڇيمس' يا ڇيومانس' (مون هن کي ڇيو)، 'ماريوسونس' (اسان هن کي ماريو). ٻٽين ضميري پڇاڙين جو اهو نظام عربي جي خاص خصوصيت آهي: جيئن ته مصدر 'ضَرَبَ' مان 'ضَرَبْتُ' (مون ماريو) ۽ 'ضربتُهُ' (مون هن کي ماريو).

(ج) فعل: اصل عربي لفظن مان سنڌيءَ ۾ فعل ٺهيا- جيئن ته دفنائڻ، نظرڻ، نيتڻ، مرهڻ، ضربڻ، طلبڻ ترڪڻ، وغيره.

(د) اسم فاعل ۽ مفعول: عربيءَ جي اثر هيٺ 'فاعِلٌ' ۽ 'مَفْعُولٌ' جي وزن تي سنڌيءَ ۾ اسم فاعل ۽ اسم مفعول جون ترڪيبون مروج ٿيون. هن وقت انهن وزنن تي سنڌيءَ ۾ سوين الفاظ استعمال ٿين ٿا، جن مان گهڻا تڻا فارسيءَ جي اثر هيٺ بلڪل پوئين 'علم ادب' واري دور ۾ داخل ٿيا آهن، پر سنڌيءَ ۾ 'فاعل' ۽ 'مفعول' ترڪيبن جا اڳاٽا اهڃاڻ نسبتاً

انهن لفظن ۾ ملن ٿا، جي سطحي نظر سان عربي جا ڄڻ معلوم ٿي نٿا ٿين. مثلاً هاري، ماري، ڪاري (= ڪار وارو)، چاري، ماڇي، مانجهي وغيره، نج سنڌي الفاظ عربي 'اسم فاعل' واري ترڪيب جي اثر هيٺ آسريا آهن، ۽ 'باقي'، 'جاري'، 'لائق'، 'جاهل'، 'سائل'، 'شامل' وغيره قسم جا نج عربي اسم فاعل آڳاٽي وقت کان سنڌي ۾ رائج ٿي چڪا آهن. عربي وزن 'مفعول' واري ترڪيب مان آخري 'ل' واري خصوصيت سنڌي ۾ اسم مفعول جو لازم ملزوم جز بڻجي چڪي آهي.

(ھ) حرف جر: 'لاء' (= عربي 'ل') ۽ 'واسطي' - اهي ٻئي حرف دراصل عربي آهن، مگر سنڌيءَ ۾ عام طرح استعمال ٿين ٿا. ازانسواء 'طرف' (= ڏانهن)، "في" (= ۾؛ 'في ماه'، 'في سيڪڙو' وغيره) ۽ "ب" (= سان؛ 'بالله'، 'بالاخر' وغيره) پڻ رائج آهن.

(و) حرف ندا: 'يا'، 'آلا' ۽ 'شال' (= ان شاءالله) - ٽيئي حرف ندا عربي الاصل آهن. ازانسواء، خوف وقت 'نانگ - نانگ' يا 'چور - چور' ٻه عربيءَ جي ندائي صيغاء "تحذير" جو نتيجو آهي.

٥. ٻوليءَ جي علم ادب جو بنياد پيو. سنڌ ۾ عربي حڪومت جي دور ۾ اسلامي سلطنت واري اراضي، علم ادب ۽ سائنس ۾ سڄيءَ دنيا ۾ ممتاز هئي. جتي جتي اسلام پهتو، اتي علمي ترقي ٿي. سنڌ ۾ به فتح اسلام بعد نئون علمي دور شروع ٿيو. سنڌ ۾ عربي حڪومت شروع ٿيڻ کان اٽڪل هڪ سؤ ورهين اندر، سنڌ جي علمي درسگاهن، عربي خواهه سنڌي ۽ هندي ٻولين جا ڄاڻو پيدا ڪيا. عباسي دور حڪومت ۾ - خصوصاً مامون جي وقت ۾ - جي علمي ۽ فني ڪتاب سنسڪرت مان ترجمو ٿيا، سي گهڻو ڪري سنڌ جي گورنرن جي معرفت ۽ سنڌ جي درسگاهن مان نڪتل عالمن جي مدد سان ٿيا. ڪنهن عربي عالم جو بيان آهي ته هن طبرستان طرف

ڪنهن ڪتبخاني ۾ هڪ ’هندي‘ ڪتاب عربيءَ ۾ ترجمو ٿيل ڏٺو، جنهن ۾ چاڻايل هو ته هيءُ ترجمو ماونديءَ جي امير جي سرپرستيءَ هيٺ ٿيو(١). ’ساوندي‘، جيئن فتحنامي مان ظاهر آهي، سنڌ جو شهر هو(٢)، جنهن جا والي سُما هئا. خاص سنڌ وارن مان ڪيترائي محدث، مصنف، مورخ ۽ شاعر پيدا ٿيا. ابو عطاء سنڌي، عربيءَ جو بلند پايہ شاعر، ۽ ابو معشر سنڌي، تاريخ جو مشهور راوي، انهن اوائلي شخصن مان هئا. سنڌ جي گاديءَ ’منصوره‘ جي قاضي، احمد بن محمد، عراق ۽ فارس ۾ شهرت حاصل ڪئي. ”انساب سمعاني“، ”مُعجَمُ البُلدان“ ۽ ٻين عربي ڪتابن مان ڪيترن ئي سنڌي محدثن، خصوصاً شهر ديبل جي عالمن جا نالا ملن ٿا. سنڌي مصنفن مان فَرَح السندي، ابوالفَرَج السندي، ۽ خَلّاد السندي (جو ڪوفي ۾ بجاج هو) جا نالا قابل ذڪر آهن(٣).

هڪ طرف سنڌي نسل جي عالمن عربي علوم ۾ شهرت حاصل ڪئي، ته ٻئي طرف وري عربي نسل جي عالمن سنڌ ۾ سنڌي ۽ هندي ٻولين جي مطالعي ۾ گوءِ کٽي. سنڌ ۾ ’منصوره‘ علم جو مرڪز هو. سنہ ٢٨٨ هجريءَ ۾ ابو محمدالحسين نالي هڪ عالم منصوره ۾ هو. اتي هن هڪ معتبر شخص کان ٻڌو ته ڪشمير طرف جي هڪ راجا ـ جنهن جو لقب ”راءِ“ ۽ نالو ”مهروڪ بن رايق“ هو، ۽ جو هندوستان جي نامِ نهاد راجائن مان هو ـ سنہ ٢٧٠ هجريءَ ۾ سنڌ جي حاڪم عبدالله هَبّاري ڏي لکيو ته سندس واسطي اسلامي احڪام جو هندي ڏيهي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرائي. عبدالله، منصوره جي هڪ عالم کي گهرايو، جو اصل عراقي خاندان مان هو، شاعر به هو، ۽ هندستان

---

(١) سردست اصل حوالو دستياب نہ ٿي سگهيو، ۽ حافظي جي آڌار تي مطلب ادا ڪيو ويو آهي.

(٢) يعني ساوڙي، جو تعلقي نواب شاه ۾ آهي.

(٣) فهارس النجاشي والطوسي.

جي مکيه ٻولين بلڪ محاورن جو به ماهر هو. ان عالم، راجا جي ضرورت موافق، اسلامي احڪام کي ڏيهي ٻوليءَ ۾ قصيدي جي صورت ۾ نظم ڪيو، ۽ راجا ڏي موڪليو ويو. راجا کي اهو نظم نهايت پسند آيو، ۽ امير عبدالله کان مصنف جي گهر ڪيائين. هي عالم، راجا جي دربار ۾ ويو ۽ ٽن سالن بعد موٽيو؛ [۽ خبر ڪيائين ته] راجا قلب توڙي زبان سان اسلام قبول ڪري چڪو آهي، مگر سياست جي مصلحت سببان عام اعلان ڪونه ٿو ڪري؛ [۽ ٻڌائين ته اتي] راجا کيس ملڪي ٻوليءَ ۾ قرآن شريف جي ترجمي ڪرڻ لاءِ چيو، جو پورو ڪيو ويو. [راجا جي انعام متعلق ٻڌائين ته] راجا ٽن ڀيرن ۾ کيس ڇهه سؤ من سون بخشش طور ڏنو(١). من انهيءَ وقت هڪ ننڍو وزن هو.

هنن حقيقتن مان ظاهر آهي ته سرزمين سنڌ ۾ نه صرف عربيءَ جي اڀياس لاءِ درسگاهون هيون، مگر سنڌي بلڪ هندي زبانن جي مطالعي لاءِ به جوڳو بندوبست ٿيل هو. سنڌ ۾ سنڌي توڙي عربي ٻنهي ٻولين کي وڏي اهميت هئي، ڇو ته عربن ۽ سنڌين جي گڏيل رهڻي ڪهڻيءَ سبب، ٻئي هڪٻئي جي ٻولي سمجهندا ۽ ڳالهائيندا هئا. جملي عرب سياحن جو بيان آهي ته سنڌ ۾ سنڌي توڙي عربي ٻولي ٻئي رائج هيون-جنهن مان ثابت آهي ته عرب حڪومت سنڌي ٻوليءَ کي وڏي اهميت ڏني، ۽ ان جي ترقيءَ ۽ واڌاري جو باقاعدي انتظام ڪيو.

سنڌ ۾ سنڌيءَ سان گڏ عربيءَ جي عام فهم هجڻ مان هڪ وڏو فائدو هيءُ ٿيو، جو سنڌ وارن پنهنجا تعلقات بغداد توڙي اسلامي سلطنت جي ٻين ڀاڱن سان قائم ڪيا، ۽ اتي جي علمي، ادبي ۽ فني ترقيءَ کان براه راست بهرور ٿي سگهيا، ۽ سنڌ ۽ بغداد جي درميان تمدني تعلقات وڌيا. سنڌ جا عرب

(١) 'عجائب الهند'، لکيل بزرگ بن شهريار، ڇپيل ليڊن، ص ٣-٤

گورنر، جي مرڪزي حڪومت طرفان ايندا هئا، سي اڪثر ڪري علم ادب جا ڪوڏيا هئا. اول ۾ انهن مان گهڻا ڪاسبي، ڪاريگر، منتظم ۽ فوجي آفيسر آيا، مگر بعد ۾ مرڪزي عرب ملڪن مان وڏا عالم، سياح ۽ سياسي ليڊر به سنڌ ۾ ايندا رهيا. شايد ابو جعفر منصور جي ڏينهن ۾ امام ابراهيم ـ جنهن کي پوءِ شهيد ڪيو ويو ـ سنڌ ۾ آيو، ۽ ان سنڌ جي تاريخ جي تحقيق ڪئي. منهنجي راءِ ۾ 'فتحنامي' جو هڪ باب، جو محمد بن قاسم جي درياءَ اڪرڻ بابت آهي، سو امام ابراهيم جي تحقيق جو نتيجو آهي(١). سنڌ مان وري ڪپڙي جا واپاري (بزاز)، پيلبان، صراف، سڪي ساز ۽ بورچي، بغداد ۽ بصري، ڪوفي ۽ ٻين مرڪزي شهرن ۾ ويا. سنڌ جي بورچين ئي شايد بغداد ۾ سنڌي پلاءَ جا ٻه قسم، "ليمونيه" (ليمائي) ۽ "مهلبيه" (سنڌ جي مهلبي گورنرن جي نالي پٺيان) جنهن کي "بهطه" (ڀت) به سڏيندا هئا، رائج ڪيا(٢). سنڌ جي سرازن جا ٺهيل موزا ۽ سليپر بغداد جون شوقين بيگمون نهايت پسند ڪنديون هيون(٣). سنڌ جي انهن ڪاريگر سرازن، پنهنجي عربي دانيءَ مان فائدو وٺي، انهن سليپرن تي دلچسپ عربي شعر ڪڍي دوز ڪيا. هڪ سنڌي سليپر تي هي اشعار لکيل هئا:

جَعَلْتُ خَدّي لَه ارْضا
فَقُلتُ طَامَن فَوقَها وارْضا؛
فقال 'لا'، قلت 'بلى سيدي'!
صبراً على الحُبِّ و انْ مَضى.

(١) ڏسو 'فتحنامه سنڌ'، ڇپيل 'سنڌي ادبي بورڊ'، حيدرآباد، ١٩٥٤ع، ص ص ٢١٥، ٤٨٠ - ٤٨٢.
(٢) 'ڪتاب الطبيخ' (تصنيف ٦٢٣ هه) لکيل محمد ابن الڪاتب البغدادي، ڇپيل موصل، سنه ١٣٥٣هه (١٩٣٤ع)، ص ص ١٥٠، ١٩، ٣١ - ٣٢.
(٣) 'ڪتاب التربيع والتدوير من رسائل الجاحظ' (طبع ساسي)، ص ص ١٣٤ - ١٣٥.

(ٻانهن پنهنجي ڳل کي فرش ان لاءِ،
جيم خوش ٿي قدم رکي، ڪر تون دلجاءِ؛
جيائين ’اُءِ‘ جيو مون ’سائين، ها ها
محبت جا نباهيو ڏينهن جي وڏاءِ.)*

سنڌ ۽ مرڪز جي درميان هنن آزاداڻ ۽ باهمي تعلقات کان سواءِ سنڌ جي عرب گورنرن به ادبي ذوق کي زور وٺرايو. انهن گورنرن جي معرفت ڪي مشهور عرب شاعر (مثلاً مُطيع بن اياس ۽ الصمية بن عبدالله القُشَيْرِي) سنڌ ۾ آيا. سنڌي نسل جا شاعر – مثلاً ابو عطاءِ سنڌي، عياض سنڌي ۽ ابوالضلع سنڌي – سنڌ اعليٰ عربي شاعريءَ سبب اسلامي ملڪن ۾ مشهور ٿيا. جنهن صورت ۾ سنڌ ۾ سنڌي زبان کي به عربي سان گڏو گڏ زور وٺايو ويو هو، انهيءَ ڪري سنڌي زبان جا شاعر پڻ سنڌ ۾ پيدا ٿيا هوندا، ۽ ممڪن آهي ته منجهانئن ڪي ٻاهر به ويا هجن. سنڌ ۾ انهن شاعرن جي ڪارنامن بابت ڪوبه احوال ڪونه ٿو ملي. البت هڪ حوالي جي بناءَ تي چئي سگهجي ٿو ته غالباً سنڌي زبان جو هڪ شاعر، جنهن سنڌي زبان ۾ بغداد جي برمڪي وزيرن جي تعريف ۾ هڪ قصيدو ناهيو ۽ جو سنڌ جي عرب گورنر جي معرفت ۽ معاونت سان بغداد پهتو، ان جو ذڪر عربيءَ جي هڪ آڳاٽي عالم پنهنجي تصنيف ۾ ڪيو آهي. امام حافظ ابو حاتم محمد بن حبان البُستي، جنهن سنه ۳۰۴ھ ۾ وفات ڪئي، سو پنهنجي ڪتاب ”روضة العُقَلاءِ و نُزهَة الفُضلاءِ“ ۾ لکي ٿو ته ”مون ابراهيم کان ٻڌو، جنهن کي ابن ابي القعتاع چيو ته مون سان ابو هُذَيْل ڳالهه ڪئي، ۽ چيائين ته آءٌ يحيٰ بن خالد برمڪيءَ وٽ روبرو ويٺو هوس، جو هڪ هندي شخص، پنهنجي مترجم سان گڏ، ڪچهريءَ ۾ آيو؛ يحيٰ کي مترجم چيو ته ’هي

* عربي شعرن لاءِ ڏسو ’ڪتاب الظروف والظُّرَفاءِ‘، مصنف ابو الطيب الوشاءِ، ص ۱۴۸.

شخص شاعر آهي، ۽ توهان جي مدح ڪئي اٿس'؛ يحيٰ چيو ته 'پلي پڙهائي'؛ انهيءَ تي هن شخص چيو:

آرَه اَصرَه ڪنڪرا، ڪي ڪيرَه مَنڊَره؛

يحيٰ مترجم ڪان پڇيو ته 'ڇا ٿو چوي'؟ چيائين ته چوي ٿو:

'اذا المکارم في آفاقنا ذُکِرَت،

فانّما بِکَ فِيهَا يُضرَبُ المَثَلُ'

(جڏهن اسان جي طرف چڱاين ۽ نيڪين جو ذڪر ڪرندو آهي، تڏهن تنهنجو مثال ڏيندا آهن).

پوءِ يحيٰ ان کي هڪ هزار دينار انعام ڏيڻ لاءِ حڪم فرمايو"(۱).

مٿين روايت ۾ هن شاعر کي 'هندي شخص' (رَجلٌ هندي) ڪري ڄاڻايو ويو آهي، مگر ان مان مراد 'سنڌي' آهي. انهي آڳاٽي عرب دور ۾ 'سنڌي' کي 'هندي' به ڪري لکندا هئا، ڇاڪاڻ ته سنڌ ۽ هند ساڳئي ملڪ جا ڀاڱا هئا؛ اهڙا ڪيئي مثال آهن، جن ۾ ڪن مصنفن جڏهن 'هندي' لکيو آهي، تڏهن ٻين دليلن مان ان جي مراد 'سنڌي' ثابت ٿئي ٿي. خوش قسمتيءَ سان، هن ڳالهه جو ذڪر "مجمل التواريخ والقصص" جي مصنف به ڪيو آهي، جنهن ۾ صاف طور "سرزمين سنڌ جو شاعر" ڄاڻايو اٿس؛ البت هن مصنف جي قول موجب، هن شاعر اهو بيت يحيٰ جي پٽ فضل جي تعريف ۾ چيو. هن مصنف جو بيان هن طرح آهي ته "سرزمين سنڌ جو هڪ شخص سندس (فضل) آڏو آيو، ۽ پنهنجي زبان ۾ هڪ بيت پڙهي ٻڌايائين، جو هيءُ هو:

'اره بره ڪنڪره، ڪرا ڪري منده ره'

فضل پڇيو ته 'ڇا ٿو چوي'؟ ترجمان جواب ڏنو ته 'چوي ٿو ته:

---

(۱) ڪتاب 'روضة العقلاء و نزهة الفضلاء'، مطبع (ڪردستان العلمية) مصر، سنه ۱۳۲۸هه، ص ۲۱۵؛ ۽ مطبع مصطفى البابي الحلبي، مصر، ۱۳۷۴/ ۱۹۵۵ع، ص ۲۱۴.

إذَا الكمارِمُ فِي آفاقِنا ذُكِرَت
فَانّما بِكَ فِيها يُضْرَبُ المَثَلُ؛

انهيءَ تي فضل خوش ٿيو، ۽ کيس هڪ هزار دينار هڪ قيمتي ونڊو، آن ۽ ٻيون سو ڪرڙيون ڏنائين، ترجمان کي پنج سؤ دينار ڏنائين، ۽ چيائين ته ’اسان هن زبان ۾ اهڙو ڪونه ڏٺو‘ (١).

بعد ۾ ٻارهين صديءَ جي هڪ سياح، ابن نورالدين المڪي، پنهنجي ڪتاب ”نُزهة الجليس“ ۾، اهو بيت حضرت بلال ڏانهن منسوب ڪندي لکيو آهي ته حضرت بلال اهو بيت حبشي ٻوليءَ ۾ نبي ڪريم جي تعريف ۾ چيو(٢). ابن نورالدين، سنه ١١٣٣هه ڌاري هندستان جي سفر تي آيو هو، ۽ هو بلڪل پوءِ جو مصنف آهي، جنهنڪري آڳاٽن عربي مصنفن جي ڀيٽ ۾ سندس راءِ کي اهميت نٿي ڏيئي سگهجي.

افسوس جو هن تاريخي بيت جي لفظن جي هاڻوڪي صورت اهڙي آهي، جو ان مان ڪوبہ مطلب نڪري نٿو سگهي. هي بيت برمڪي امراءِ جي تعريف ۾ چيو ويو. جيئن ته سنه ١٨٧هه ۾ هارون الرشيد، جعفر بن يحيٰ برمڪيءَ کي ماريو، ۽ برمڪي خاندان جو خاتمو ڪري ڇڏيو، انهيءَ صورت ۾ ظاهر آهي ته هي بيت سنه ١٨٧هه کان اڳ پڙهيو ويو، ۽ قلمبند ڪيو ويو. ايتري آڳاٽيءَ لکيت جي اصلي صورت مجتي وڃڻ جو هر امڪان آهي. اول ته جنهن اهو بيت قلمبند ڪيو، تنهن ڪيتري قدر اچار صحيح لکيا، سو

---

(١) ’مُجمل التواريخ والقِصص‘، ڇپيل ايران، ص ٣٤٣.
(٢) ابن نورالدين المڪي: ”نُزهة الجليس“، جلد ١، ص ٣٥٩. سندس راءِ جو بنياد غالباً انهيءَ سطحي خيال تي آهي ته ڇاڪاڻ جو اهي الفاظ حضرت بلال جي مرقد تي لکيل آهن، انهيءَ ڪري اهو بيت سندس چيل هوندو ـــ حالانڪ حضرت بلال جو مقبرو (دمشق ۾) نسبتاً پوئين دور جو ٺهيل آهي، جنهن تي اها عبارت پوءِ لکي ويئي.

معلوم ڪونهي؛ تنهن ڪان پوءِ مٿين ٻن مصنفن، جنهن صورتخطيءَ ۾ اهو بيت پنهنجي ڪتابن جي اصلي نسخن ۾ نوٽ ڪيو، سو معلوم ڪونهي؛ امان وٽ هن بيت جي اهائي صورتخطي موجود آهي، جا ڪاتبن جي سهون ۽ ڇاپي جي غلطين بعد وچي باقي بچي آهي؛ انهيءَ ڪري جيڪڏهن اصلوڪا الفاظ ڪٿي امان جي سمجهڻ جهڙا هجن، ته به هينئر بدليل صورت ۾ اسين انهن کي نٿا سمجهي سگهون.

انهيءَ هوندي به هيءُ آڳاٽو حوالو سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ لاءِ هڪ قيمتي وٿ آهي. سڀ کان اول ته هيءُ سنڌي ٻوليءَ جو عربي صورتخطيءَ ۾ سڀ کان پهريون نمونو آهي؛ ٻيو ته هيءُ حوالو ثابت ٿو ڪري ته سنه ۱۸۷ هجري تائين - يعني ته سنڌ ۾ عربي دور حڪومت جي شروع (۹۳هه) کان تقريباً هڪ سؤ سالن اندر - سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙي ادبي صلاحيت پيدا ٿي چڪي هئي، جو ان ۾ اهڙي بهترين شاعري ٿي سگهي ٿي، جنهن ۾ مرڪزي سلطنت جي وزير جي تعريف ۾ قصيدو منظوم ٿيو؛ ٽيون ته هيءُ حوالو ان وقت جي سنڌي ادبي ذوق جو شاهد آهي؛ جيڪڏهن هيءُ شاعر سنڌ جي ڪنهن گورنر جي مدد ۽ معاونت سان بغداد پهتو، ته ان مان عرب گورنرن جي سنڌي ادب سان دلچسپيءَ جو ثبوت ملي ٿو؛ شاعر کي جو انعام مليو، سو برمڪين جي مثالي سخاوت جي علاوه، سندن سنڌي زبان جي شاعر جي قدردانيءَ جي ساک ڀري ٿو؛ ۽ پڻ هيءُ حوالو ان وقت جي عرب عالمن ۽ اديبن جي سنڌي ٻوليءَ سان علمي دلچسپي ثابت ڪري ٿو، جو انهن هن بيت کي اصلي زبان جي لفظن ۾ قلمبند ڪري محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

ان وقت جي عرب عالمن جي سنڌي ٻوليءَ متعلق تحقيق جو بهترين مثال ابن نديم جي قيمتي تصنيف "ڪتاب الفهرست" مان ملي ٿو، جو هن سنه ۳۷۷ هجريءَ ۾ لکيو. هو سنڌ وارن

جي ٻوليءَ ۽ صورتخطيءَ بابت لکي ٿو ته ”سنڌ وارن کي مختلف ٻوليون (لغات) ۽ مختلف مذهب آهن؛ ڪن ڪيترن ئي قسمن جا رسم الخط آهن؛ هڪ شخص جو سنڌ ملڪ گهمي آيو آهي، تنهن مونکي ٻڌايو ته ’ڪين تقريباً هڪ سؤ رسم الخط آهن‘؛ پڻ چيائين ته ’سنڌ وارا نوَن (٩) تائين جدا جدا انگ لکندا آهن، ڏهاڪا هر انگ جي هيٺان هڪ ٻڙي ڏيئي لکندا آهن (’هڪ‘ جي هيٺان ٻڙي = ١٠؛ ’ٻن‘ جي هيٺان ٻڙي = ٢٠ وغيره)؛ سؤ هر انگ جي هيٺان ٻه ٻڙيون (’هڪ‘ جي هيٺان ٻه ٻڙيون = ١٠٠؛ ’ٻن‘ جي هيٺان ٻه ٻڙيون = ٢٠٠ وغيره) ڏيئي، ۽ اهڙيءَ طرح هزار هر انگ جي هيٺان ٽي ٻڙيون ڏيئي لکندا آهن“ (١).

ابن النديم جو قول ته، سنڌ ۾ ڪيترا رسم الخط مروج آهن، سو قابل غور آهي. غالباً آڳاٽي وقت کان سنڌ جي هرهڪ ڀاڱي يا وڏي شهر ۾ جدا جدا صورتخطيون ۽ انگ اڪر استعمال ٿيندا هئا، ۽ وچندي عربي دور حڪومت تائين اهي آڳاٽيون صورتخطيون ۽ انگ اڪر ڪم ايندا رهيا ويا. هن پوئين دور ۾ اميرن جي ڏينهن تائين، سنڌ جي جدا جدا شهرن ۾ مختلف طريقي جا رسم الخط هئا، جن کي ڪپتان اسٽئڪ (Stack) سنه ١٨٥٠ع ۾ پنهنجي ٺاهيل گرامر ۾ جمع ڪيو آهي.

ذڪر ڇا

راءِ ۽ برهمڻ گهراڻن ۽ عربن جي حڪومت واري دور ۾، سنڌ جي مسلسل سياسي وحدت سبب، سنڌ جي ٻولين ۾ مرڪزيت پيدا ٿي ۽ مجموعي طور سان هڪ عام فهم ’سنڌي ٻولي‘ جي تشڪيل وجود ۾ آئي. خصوصاً عربن جي دور ۾ سياسي ڏوڙي ڏيني وحدت سبب مرڪزي ’سنڌي ٻولي‘

(١) ڪتاب الفهرست، مصري ڇاپو، ١٣٤٨ هه، ص ٢٧.

ويتر وڏيڪ ترقي ڪئي، حالانڪ ملڪ جي مختلف قومن جون مختلف زبانون ۾ رائج هيون؛ جيئن تہ ابن النديم جي حوالي مان معلوم ٿئي ٿو.

فتح اسلام بعد جيئن پوءِ تيئن عربن جي معاشري ۽ عربي ٻولي جي اثر هيٺ 'سنڌي ٻولي' ۾ وڏيڪ مرڪزيت پيدا ٿي، ٻوليءَ جي نفسياتي ڪيفيت بدلي، ٻوليءَ جي تمدني سرمايي ۾ واڌارو ٿيو، ۽ ٻوليءَ جي سٽاءَ، صورتخطي ۽ صرف نحو تي اثر پيو. ملڪ ۾ علمي ترقي سببان، 'سنڌي ٻولي' جا عالم ۽ شاعر پيدا ٿيا. عرب عالمن سنڌي ٻولي، ادب تہ سنڌي صورتخطيءَ ۾ دلچسپي ورتي، ان بابت تبادلہ خيالات ڪيو ۽ پنهنجا معلومات پنهنجين تصنيفن ۾ قلمبند ڪيا. سنڌي ٻولي پهريون دفعو عربي صورتخطيءَ ۾ لکجڻ ۾ آئي، جنهن جو اوائلي ۽ نادر مثال انهيءَ سنڌي شاعر جي قصيدي جو بيت آهي، جو هن يحييٰ يا اُن جي پٽ فضل برمڪيءَ جي تعريف ۾ چيو.

باب ٽيون

’سنڌي ٻوليءَ‘ جو تعميري دور

(سومرن جي حڪومت: ١٠٥٠-١٣٥٠ع)

اسين مٿي بحث ڪري آيا آهيون ته راءِ ۽ برهمڻ گهراڻن ۽ عربي حڪومت جي دور ۾ ’سنڌي ٻوليءَ‘ کي مرڪزيت ملي، ان جي سٽاءُ گهڻي حد تائين مڪمل ٿي، ۽ اها هڪ مکيه عام ملڪي ٻولي بڻي. تقريباً عربن جي حڪومت جي زوال وقت يعني يارهين صديءَ جي شروعات ۾ محقق ابو ريحان بيروني هندوستان ۾ آيو، ۽ اچي هندن جي تهذيب ۽ تمدن بابت تحقيق ڪيائين. هن پنهنجي ڪتاب ”الهند“ ۾ ڪن جاين تي سنسڪرت جا الفاظ ۽ اصطلاح، توڙي عام مروج مقامي ٻوليءَ جا الفاظ ۽ اصطلاح ڏنا آهن: اهي مقامي الفاظ ۽ اصطلاح، بقول پروفيسر سخاؤ، لڳ ڀڳ سنڌي ٻوليءَ جا آهن*. بيروني پنهنجي تحقيق ملتان ۽ ان کان مٿي لاڳيتي ڀاڱي ۾ ڪئي، جنهن مان سمجهجي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ جا الفاظ، پنهنجي لغوي ۽ ادبي فوقيت سبب، ملتان واري مٿين اراضيءَ تائين پکڙجي ويا هئا. درحقيقت سنڌي ٻوليءَ جي اهائي لغوي ۽ ادبي صلاحيت هئي، جنهن سومرن واري روماني دور جون ضرورتون پوريون ڪيون.

١. ’سنڌي ٻولي‘ جي اسرڻ لاءِ تاريخي ۽ سياسي اسباب:

سومرن جو عروج سنڌ جي مقامي سياسي طاقت جو عروج هو،

* ڏسو ”ڪتاب الهند“ (عربي متن، تصحيح پروفيسر سخاؤ) مقدمو، ص ٢٥

جو سنڌي ٻوليءَ جي اوسر ۽ ارتقاءَ لاءِ هڪ مکيہ سبب بڻيو.
اٺين صدي عيسوي جي شروعات ۾ محمد بن قاسم جي فتح
وقت (٧١١ع) سنڌ ۾ سومرن جو ذڪر ڪونہ ٿو ملي، پر
محمد بن قاسم فقط سنڌ جي الهندين ۽ وچين ڀاڱي مان لنگهيو،
جتي سما، سهتا، جت، لاکا، لوهاڻا، چنا وغيره قومون آباد هيون.
ان وقت غالباً سنڌ جي ڏکڻ-اڀرندين ڀاڱي، خصوصاً موجوده
اڀرندي ناري واري اراضي ۽ ڪڇ-سنڌ جي وچ واري سرحد
تي آباد هئا. پر ٽي سؤ ورهيہ کن پوءِ، ڏارهين صدي عيسويءَ
جي شروع ۾ "راجپال عرف ابن سومار" نالي هڪ سردار جو ذڪر
عربي مأخذن ۾ ملي ٿو، جو غالباً پهريون سومرو سردار هو،
جنهن کي سنڌ ۽ ملتان جي سياست ۾ قدري دخل هو. غالباً
انهيءَ وقت کان وٺي سومرن جي طاقت اسري ۽ ٻارهين صدي
جي آخر ۾، عربي حڪومت جي زوال بعد، سنہ ١٠٥٠ع ڌاري
سومرا سنڌ جا حڪمران بڻيا. سومرن جي حڪومت جو اوائلي
مرڪز غالباً سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ واري اراضي هئي، ۽ انهيءَ
اوائلي دور ۾ سومرن جون ڪڇ ۽ گجرات واري سرحد تي
گجرن سان لڙائيون ٿيون. انهن لڙاين ۾ ڪامياب ٿيڻ ۽ پنهنجي
طاقت کي برقرار رکڻ لاءِ سومرن کي سنڌ ۽ ڪڇ جي سمن،
توڙي ٿر جي سوڍن جي تعاون جي ضرورت ٿي، جنهنڪري
سما ۽ سوڍا سردار سومرن جي حڪومت ۽ طاقت جو جزو
بڻيا. ڪڇ جي نسبتاً آڳاٽين روايتن ۾ جن نالي وارن سردارن
جو ذڪر اچي ٿو ۽ جيڪي سومرن بادشاهن جا حامي هئا،
تن ۾ سمن مان ڄام ڄونڙرو ۽ ان بعد سورهيہ سردار اٻڙو،
۽ سوڍن مان راڻو مينڌرو، جو حمير جو وزير هو، مشهور
آهن. 'گجرات-ڪاٺياواڙ' واري سرحد تي لڙاين، اروڙ وٽان
درياءَ جي ڦيرڻ گهيرڻ ۽ اڀرندي ناري واري قديم ڦاٽ ۾
پاڻي جي گهٽ-وڌائي سببان، سومرن جي حڪومت جا مرڪز
پڻ اڀرندي کان الهندي (سنڌ طرف) ڏانهن منتقل لڳا. غالباً

سومرن جي سياسي طاقت جا اوائلي مرڪز 'ڏوري' جي آباديءَ جي سهاري سان قائم هئا، ۽ انهيءَ لحاظ سان 'وڳهه ڪوٽ'(١) ۽ عمرڪوٽ آڳاٽا مرڪز قرار ڏئي سگهجن ٿا. ان بعد الهندي طرف 'ڏوري پُراڻ' جي آباد اراضي ۽ ان جو ڏاکڻيون دو-آبو سومرن جي طاقت جو مرڪز بڻيو، جتي 'ٿَرِي'(٢) ۽ 'رُوپاه'(٣) سندن طاقت جا مرڪز بڻيا. ان بعد غالباً ستين صدي هجري (تيرهين صدي عيسوي) جي شروعات ۾ 'ڏوري پُراڻ' ۾ پاڻي جي گهٽ وڌائي سبب، سومرن جي حڪومت جو مرڪزي دائرو اڃان به الهندي طرف 'لوهاڻي-پَٽِيءُ‌هَل' ڍورن جي آباد اراضي طرف وڌيو ۽ موجوده ٺٽي ضلعي ۾ الهندي طرف ديبل بندر ۽ ايرندي طرف 'محمد طور'(٤) سندن پوئين دور واري حڪومت جا مرڪزي شهر بڻيا. سنه ٦٢١هه/١٢٢٤ع ۾ ديبل جو حاڪم 'سنان‌الدين چنيسر' هو(٥)، جو جلال‌الدين خوارزمشاهي جي حملي وقت ديبل ڇڏي ڀڄي ويو. 'محمد طور' غالباً سومرن جو آخري تختگاهه هو.

متين تاريخي سلسلي مان ظاهر آهي ته جيئن پوءِ تيئن سومرن جو الهندي پلاڙ طرف، خاص سنڌ جي اراضي سان واسطو وڌيو، جنهن جو اقتصادي

---

(١) جنهن جا ڪنڊر 'رهموڪي بازار' کان چار ڪوهه ڪن ڏکڻ اوڀر طرف ڪڇ جي رڻ ۾ موجود آهن.
(٢) 'ٿري' جا شاهي ڪنڊر تعلقي ماتلي ۾ (ماتلي کان) ٦ ميل اتر اوڀر طرف واقع آهن.
(٣) هن شهر جا ڪنڊر 'روپاه ماڙي' جي ٽالي سان بدين کان اوڀر-ڏکڻ طرف ۽ موجوده ڳوٺ 'ڪڍڻ' کان ٦ ميل کن اولهه-ڏکڻ طرف موجود آهن، جتي مقامي روايت مطابق 'ڏوڏي' ۽ 'چنيسر' جي قبرستان جا نشان پڻ موجود آهن.
(٤) 'محمد طور' جا ڪنڊر تعلقي جاتي ۾ موجوده بستي 'شاهه ڪپور' جي ڏکڻ اوڀر طرف لڳولڳ هڪ وڏي اراضي ۾ پکڙيل آهن، جتي شهر جي جامع مسجد جي بناءُ جا نشان اڃان تائين چٽا ڏسڻ ۾ اچن ٿا.
(٥) ڏسو اڳتي حاشيه ص ٥٦

حالتن سان گڏ پيو وڏو ڪارڻ سنڌ جي طاقتور سما قوم سان سندن سياسي ۽ سماجي تعلق هو. مقامي روايات مطابق سومرن جي دور جي پوين حاڪمن جو، سمن سردارن سان سڱابندي جو رشتو پڻ ثابت ٿئي ٿو، جيئن ته 'ڄام هالي' جي ڌيءَ 'ٻاگهي' حمير سومري جي گهر ۾ هئي. سمن ۽ سومرن جي انهيءَ سياسي ۽ سماجي سنٻنڌ سببان سمن جي ٺيٺ سنڌي ٻولي حڪمرانن جي ٻولي بڻي ۽ عوام جي زبان تي ان جو اثر پوڻ لڳو.

سومرن جي دور جي انهيءَ تاريخي-جغرافيائي پس منظر جي روشني ۾، سنڌي ٻولي جي پهچ پکيڙ بابت هيٺيان نتيجا نروار ٿين ٿا: اول ته حڪمرانن جي زبان جو حڪومت جي حدن اندر توڙي سرحدن تائين وڏو اثر ٿئي ٿو ڏکڻ اوڀر سنڌ ۽ سنڌ-ڪڇ جي سرحد، سومرن جي حڪومت جي خاص اثر ۽ طاقت جو مرڪز بڻيا، ۽ انهيءَ مرڪزي اراضيءَ ۾ 'سنڌي ٻولي' پکڙي. سومرن جي اوائلي دور ۾، سومرن جي طاقت جو رخ ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات وارين سرحدن طرف رهيو، انهيءَ ڪري ڪڇ طرف سومرن، سمن ۽ ٻين سنڌي قومن جون بستيون قائم ٿيون، ۽ ڪڇ ۾ 'سنڌي ٻولي' پکڙي. گجرن سان سومرن جون لڙايون اهو اهڃاڻ ڏين ٿيون ته 'سنڌي ٻولي' ۽ ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جي ٻولين جو هڪٻئي سان واسطو شروع ٿيو. سومرن جون ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ طرف متعدد بستيون (جي ١٩٤٧ع پاڪستان جي قائم ٿيڻ تائين سلامت هيون) انهيءَ آڳاٽي دور جي سياسي ۽ معاشرتي اثر جون يادگار آهن. ٻيو ته عمرڪوٽ ۾ سومرن جي سياسي مرڪز ۽ سوڍن سان سنٻنڌ سببان سنڌي ۽ سوڍن جي ٿري ٻولي جي محاورن (ڍاٽڪي، پارڪري وغيره) ۾ گهاٽو تعلق ٿيو ۽ سنڌي ٻولي ٿر واري خطي ۾ پکڙي. ٽيون ته سومرن جي حڪومت جي اوائلي دور بعد

جيئن ئي سندن سياست ۽ طاقت جا مرڪز، الهندي طرف خاص سنڌ واري اراضي ۾ منتقل ٿيا تہ ممن ڪي سومرن جي حڪومت ۾ وڏو دخل ٿيو، جنهنڪري 'سمن جي ٻولي'، جا سندن وچ سنڌ وارين قديم بستين سببان نسبتاً صاف 'سنڌي ٻولي' هئي، جنهن حڪومت جي زبان بني ۽ ان سنڌي ٻولي جي عروج لاءِ ميدان هموار ڪيو. جيتوڻيڪ سومرن جي حڪومت، عربي حڪومت جي جاءِ نشين هئي ۽ انهيءَ ڪري لاشڪ جو دستور موجب 'عربي' سومرن جي دور جي تعليمي سلسلي ۽ سرڪاري ڪاروبار جي زبان طور جاري رهي. سومرن، عربي حڪومت جي دور جي پڇاڙي ڌاري اسلام قبول ڪيو ۽ غزنوي طاقت جي اثر هيٺ شرع اسلامي جا علمبردار ٿيا*. سومرن بادشاهن جا اختيار ڪيل لقب مثلاً 'عصام الدين'

---

* سما، سهتا، لاکا، چنا، جت، لوهاڻا ۽ ٻيون قومون، جي سنڌ جي وچين خطي ۾ آباد هيون، سي محمد بن قاسم جي فتح وقت سنڌون سڌو عربن سان لهہ وچڙ ۾ آيون ۽ انهن غالباً سڀ کان اڳ اسلام قبول ڪيو. سومرن جون بستيون اوپر طرف اڀرندي ناري واري خطي ۾ هيون ۽ انهن غالباً پوءِ اسلام قبول ڪيو. ڪن تاريخي حوالن جي بناء تي چئي سگهجي ٿو تہ سومرا غالباً 'ٻارهين اسماعيلي مبلغن ذريعي پنجين صدي هجري (ٻارهين صدي عيسوي) جي شروع ۾ (١٠١٠ع بعد) اسماعيلي مت مطابق مسلمان ٿيا. 'شام' جي 'دُرُوزي' اسماعيلي فرقي طرفان جو 'راجپال عرف ابن سومار' ڏانهن سنہ ٤٢٣ هه ١٠٣٢ع ۾ لکيل خط جو دروزي مبلغ بهاوالدين جي ڪتاب ۾ موجود آهي، انهيءَ نظريي جي پٺڀرائي ڪري ٿو. انهيءَ خط ۾ 'ابن سومار' جي عزيزن جا ذڪر ۽ ٻي توڙي عربي نالا مليا ٿا، جنهن مان گمان نڪري ٿو تہ سندس پيءُ سومار ۽ سندس گهراڻو 'اسماعيلي' فرقي ۾ شامل ٿيا. راجپال ڪي ملتان جي سردار 'دائود' ڪي اسماعيلي مت تي مضبوط رهڻ ۽ ملتان جي باشندن خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ پڙڪايو ويو آهي، جو غالباً اهي غزنوين جي فتوحات سببان اسماعيلي مت کان ڦري ويا هئا. (ابن سومار ڏانهن لکيل خط لاءِ ڏسو 'ايليٽ جي مقامي مأخذن مطابق تاريخ هندوستان' جلد ١، تصحيح ڊائوسن، لنڊن، (باقي حاشيه ص ٥٦)

(پونگر)، 'شهاب الدين' (سنگهار)، 'سراج الدين' (ڦتو يا فتح خان)، 'عمادالدين' (خفيف)، 'جلال الدين' (عمر)، 'غياث الدين' (دائود)، 'علاؤالدين' (کيرو)، 'سنان الدين' (چنيسر) وغيره*. - سنڌ ۾ دين اسلام جي حمايت واري جذبي جي ساک پرين ٿا، ۽ انهيءَ طرف رهنمائي ڪن ٿا ته غالباً سومرن جي حڪومت واري دور ۾ عربي ٻولي نظام تعليم ۽ شرع اسلامي (سرڪاري قانون) جي زبان رهي. البت 'عربي حڪومت' ۽ 'سومرن جي دور' ۾ هڪ خاص فرق هو. عرب حڪمرانن جي پنهنجي زبان عربي هئي، پر سومرن حڪمرانن ۽ سنڌ جي سردارن جي

(اڳتي ص ٥٥ تان)

١٨٦٧ع، ص ص ١٩١-١٩٣). پنجين صدي هجري جي شروعات ۾ سلطان محمود جي حملن سنڌ ۽ ملتان ۾ اسماعيلي فرقي جي سياسي اثر کي هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏيو ۽ اتر - اولهه کان هندوستان ۾ اسلامي طاقت جي داخل ۽ عروج جو پايو وڌو؛ انهيءَ ڪري سومرن پڻ اسماعيلي فرقي جي عقيدن کي ترڪ ڪري شرع اسلامي جي مرڪزي نظريي کي اختيار ڪيو.

* سومرن جا اهي بادشاهي لقب اسان کي سنڌ جي سومرن جي خانداني روايتن مان ملن ٿا، جن جي آڌار تي مولوي عبدالرحيم سومري 'تاريخ گلزار سنڌ' لکي، جنهن جي بناء تي مولوي عبيدالله صاحب 'شائق' سنه ١٩٢٩ع (وسنڌ پريس، جيڪب آباد) ۾ "دولت علويه يعني سومرن جي حڪومت" نالي ڪتاب سنڌي ۾ شايع ڪيو. مگر سنڌ کان ٻاهر لکيل معتبر تاريخن مان پڻ سومرن جي 'شاهي لقبن' جي انهيءَ سلسلي جي قدري تصديق ٿئي ٿي. مثلاً تاريخ 'طبقات ناصري' ۾ ڄاڻايل آهي ته سنه ٦٢١ هه/١٢٢٤ع ۾ جڏهن سلطان جلال الدين مَنْڪَبَرْنِي خَوارَزْمشاهي سنڌ مان لنگهيو، تڏهن "ديبل ۽ سنڌ جو حڪمران ملڪ سنان الدين چنيسر هو" (ڏسو تاريخ 'طبقات ناصري'، مصنف ابو عمر منهاج الدين عثمان بن سراج الدين الجوزجاني، ميجر راورٽي جو ايڊيشن، ڪلڪته ڇاپو، ١٨٦٤ع، ص ١٧٣؛ ۽ 'تاريخ جهان ڪشاي' مصنف عطا ملڪ جُوَيني، گب ميموريل ڇاپو، جلد - ٢، ص ١٤٨).

پنهنجي زبان سنڌي هئي. حڪمرانن جي پنهنجي ٻولي ڪي باوجود ٻي سرڪاري ٻولي جي، ملڪ ۾ عوامي زبان طور اڀرڻ جو وڏو موقعو مليو ٿو، جنهن جو مثال پوئين دور ۾ ڪلهوڙن ۽ ٽالپورن جي حڪومتن ۾ موجود آهي، جڏهن باوجود انهيءَ جي، جو سرڪاري زبان فارسي هئي ته به ڪلهوڙن ۽ ٽالپورن حڪمرانن جي مادري زبان سرائڪي، گهڻي حد تائين سڄي سنڌ ۾ هڪ عام مقبول زبان طور رائج ٿي. انهيءَ لحاظ سان، ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته سومرن واري دور ۾ باوجود انهيءَ جي، جو تعليمي ۽ سرڪاري زبان عربي هئي، ته به 'سنڌي ٻولي' کي عوامي ٻولي بڻجڻ جو وڏو موقعو مليو ۽ خاص طرح 'سمن جي ٻولي'، غالباً سومرن جي پوئين دور ۾، 'معياري سنڌي ٻولي' جو درجو حاصل ڪيو.

۲. مقامي عشقيه داستانن ۽ عام مقبول ڪهاڻين جو بنياد.

سومرن جي آزاد ملڪي حڪومت ٽي سؤ سال کن قائم رهي. انهيءَ وڏي عرصي ۾ گهڻي حد تائين سنڌ ٻاهرين حملن کان محفوظ رهي، ۽ هن نيج مقامي ملڪي ماحول ۾ ماڻهن جو توجهه پنهنجن اندروني مسئلن ۽ معاملن طرف ٿيو. ملڪي آزادي سببان ماڻهن جا ذهن کُليا، ۽ حاڪمن ۽ سردارن جي ڪچهرين ذريعي مقامي قصن، ڪهاڻين، عشقيه داستانن ۽ ٻين خاص واقعن جي پهت پچار شروع ٿي. سنڌ جي عام مقبول ڪهڻن قصن ۽ عشقيه داستانن جي عنوانن تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته انهن مان گهڻن جو بنيادي تَڏو سومرن جي دور واري سرزمين ۾ لڳل نظر ايندو.

انهن قصن ۾ غالباً اوائلي قصو "سسئي - پنهون" جو آهي، جنهن جو بنياد سنڌ ۽ بلوچستان جي وچ ۾، قافلن ذريعي، واپار واري ماحول تي ٻڌل آهي. اهو واپار عربن جي بنايل انهيءَ خشڪي شاهراهه سان هلندو هو، جيڪا لس ٻيلي، ڪيچ، مڪران، ڪرمان ۽ اهواز کان وٺندي عراق تائين جاري هئي. انهيءَ ڪري

چٽي سگهجي ٿو ته اهو قصو عربن جي دور جي بلڪل آخر يا ڪجهه پوءِ جو آهي. پنهور وٽان درياءَ پڻ انهيءَ آڳاٽي دور ۾ وهندڙ هو. البت، هن قصي ۾، سنڌ ۾ بلوچن جي آمد جو جز پڻ شامل آهي، ۽ انهيءَ لحاظ سان بلوچن جي ڪن قبيلن جي سنڌ ۾ اوائلي آمد، قدري دير سان 'پنجين صدي' يا ان بعد، سومرن جي ڏينهن ۾ ئي تصور ڪري سگهجي ٿي(١).
ٻيو قصو "سيف الملوڪ" جو آهي، جنهن ۾ اروڙ وٽان درياءَ جي رخ بدلائڻ جو ذڪر آهي، جنهن سان اپرندي ناري جي قديم وهڪري جو تاريخي لاڳاپو آهي. سيف الملوڪ جو تلاءُ ۽ سيف الملوڪ جي وانءُ (کوه)، ڪنڍڻ (بدين تعلقو) کان چار پنج کوهه اوڀر. ڏکڻ طرف، اپرندي ناري جي قديم ڊوري جي الهندين ڪناري لڳ موجود آهي، ۽ غالباً 'سيف الملوڪ' سوداگر جي ٻيڙين جو سات انهيءَ ڊوري ذريعي پڻ لنگهيو. 'سيف الملوڪ' جي دعا گهرڻ تي اروڙ وٽان درياءَ جو رخ ڦريو ۽ سندس گهر واريءَ جي لڄ ۽ عصمت سلامت رهي(٢).
درياءَ جي انهيءَ اوائلي رخ بدلڻ وارو واقعو به غالباً سومرن جي حڪومت جي شروعات ۾ ٿيو، جو هن 'وڳهه ڪوٽ' ڇڏي اچي 'ٻراڻ' ڦاٽ جي دو-آبي وارا پٽ وسايا، جتي 'ٿري' ۽ 'رُوُپاه' سندن طاقت جا مرڪز بنيا. روهڙيءَ لڳ پيٽ تي خواجه خضر واريءَ درگاهه ۾ هڪ سر تي لکيل ڪتبي مان گمان نڪري ٿو ته اهو ڪتبو غالباً پنجين صدي هجريءَ جو آهي، ۽ ان ۾ درياءَ جي رخ مٽائڻ ڏانهن اشارو آهي. پنجين صديءَ جو اوائلي زمانو سومرن جي اڀرندڙ طاقت جو زمانو آهي، ۽ ان وقت ئي غالباً درياءَ پنهنجو مکيه وهڪرو اروڙ وٽان

---

(١) چوٿين صدي هجري جي عرب سياحن ۽ جغرافيه نويسن جي بيانن مان معلوم ٿئي ٿو ته بلوچ قبيلا 'ڪرمان' مان بلوچستان طرف هجرت ڪري چڪا هئا.
(٢) ڏسو 'تاريخ طاهري'، فارسي متن، ڇاپايل سنڌي ادبي بورڊ، ص ص ٥ ٢-٦ ٢.

بدلايو، ۽ ڏري روهڙيءَ وٽان وُڙهو. ٽيون قصو ”مورڙئي ۽ مَڇ“ جو آهي، جو پڻ عربن جي حڪومت جي زوال ۽ سومرن جي بالڪل اوائلي دور جو آهي، ڇاڪاڻ ته هن قصي جو مرڪز ’مون مياڻي‘ ۽ ’ڪلاچي‘ (ڪراچي؟) وارو سامونڊي ڪنارو آهي، جو سنڌ ۽ عراق واري شاهراه تي واقع آهي. ازانسواءِ سورهيه سورڙئي جو تعلق ’دلوراءِ‘ جي دربار سان ڄاڻايل آهي، جنهن جي حڪومت غالباً عربن جي زوال ۽ سومرن جي عروج جي درمياني عرصي ۾ هئي. چوٿون قصو ”سورٺ ۽ راءِ ڏياچ“ جو آهي، جو پڻ سومرن جي ڏينهن جو آهي. ڪئپٽن ولبر فورس جي بيان موجب، همير سومري ١٠٢٠ع ڌاري ”جامل“ نالي ڪنوار ڪنئي، جنهنڪري راءِ ڏياچ سنڌ تي لشڪر چاڙهي موڪليو*. پنجون قصو ”مومل-راڻو“ آهي، جنهن ۾ سنئون سڌو همير سومري جو نالو آيل آهي. ڇهون قصو ”عمر-مارئي“ جو آهي، جنهن ۾ عمر سومري جو نالو پڌرو آهي. ستون قصو ”ليلان-چنيسر“ جو آهي، جو پڻ شايد سومرن جي ڏينهن جو آهي - ڇاڪاڻ ته ’چنيسر‘ جو نالو سومرن جي پُٺري پيڙهي مان پڌرو ٿيو، ۽ ٻين راڻن ۽ راجائن غالباً انهيءَ نالي کي اتان اختيار ڪيو. چنيسر دامڙو هو، ۽ هيٺ لاڙ جي هڪ ڀاڱي جو راڄ هو. اٺون قصو ”سهڻي-ميهار“ جو آهي. سنڌ جي قديم روايت موجب، سهڻي ۽ ميهار جون قبرون شهدادپور ۾ قتل درياءَ جي ڪنڌيءَ تي آهن، جنهن کي ”سهڻيءَ جو ڍورو“ چئجي ٿو. اهو ڍورو سومرن جي اوائلي دور بعد ’لوهاڻي درياءَ‘ جي نالي سان مشهور ٿيو. انهيءَ ڪري گمان غالب آهي ته اهو قصو به سومرن جي ڏينهن جو آهي. خود ”سهڻي-ميهار“ جي قصي جي پنجاب واري روايت ۾ ميهار

---

* ڏسو ڪئپٽن ولبر فورس جي ”ڪاٺياواڙ جي تاريخ“، همير سومري ١٠٢٠ع ۾ ’جامل‘ ڪنئي، جنهن تي راءِ ڏياچ جو پٽ راءِ نوگهڻ گجرات مان سنڌ تي چڙهي آيو.

کي ترکستان جو واپاري ڪري چاڙھيو ويو آھي. ترڪستان طرفان واپارين ۽ شهزادن جي هندستان ۾ آمد پڻ محمود غزنويءَ (پنجين صديءَ جي شروعات) جي فتوحات بعد ٿي ـ ۽ اھو دور سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت جو دور ھو.

سنڌ جي انهن اڻن مشهور ’ڪلاسيڪي‘ قصن کان سواءِ، ڪن ٻين قصن ڪهاڻين ۽ داستانن جو بنياد پڻ مقامي روايتن مطابق عربن جي حڪومت جي زوال ۽ سومرن جي ابتدا ۽ عروج واري عرصي ۾ ثابت ٿئي ٿو. انهن مان ھڪڙيون قصو ”مل محمود ۽ مهرنگار“ جو آھي، جنهن جو تعلق ’شاهه مڪائي‘ (عرف جيئي شاهه) سان آھي، جو پنجين يا ڇهين صدي هجري ۾ نيرون ڪوٽ (حيدرآباد) ۾ وارد ٿيو(١). ٻيو ’ڏمن سوناري‘ جو داستان آھي، جنهن کي غالباً سڀ کان اول سنڌ جي هنرمند قصہ خوانن ’ڳاھن‘ ذريعي ڳايو(٢). روايت جي لحاظ سان ’ڏمن سوناري‘ واري ڳالهه جو تعلق پڻ ’دلوراءِ‘ جي دربار سان آھي. خاص سومرن حاڪمن سان تعلق رکندڙ ”عمر ۽ گنگا“ جو قصو آھي، جنهن جو ذڪر ’تاريخ طاهري‘ جي مصنف ڪيو آھي (٣). ازانسواءِ ”خدا دوست ۽ محمود غزنوي“ جو قصو پڻ اڃان تائين سنڌ جي مقامي روايتن ذريعي مُروَّج آھي، جو تاريخي لحاظ سان پنجين صدي هجري جي شروع جو آھي (جڏھن سلطان محمود غزنوي سنڌ جي سرحدن ۾ قدم رکيو) ۽ ٿي سگهي ٿو ته اھو قصو پڻ سومرن جي دور کان ڳائجڻ ۾ آيو (٤).

---

(١) ڏسو لوڪ ادب سلسلي جو اوڻيهون ڪتاب ”مشهور سنڌي قصا-١“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد. (٢) ڏسو لوڪ ادب سلسلي جو ستاويهون ڪتاب ”ڳاھن سان ڳالهيون“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.
(٣) ڏسو ’تاريخ طاهري‘ مطبوع سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ص ص ٣٦-٤٠. (٤) قصي جي روايت لاءِ ڏسو لوڪ ادب سلسلي جو اوڻيهون ڪتاب.

غور طلب ڳالهه هيءَ آهي ته اٽڪل روهه عربن جي دور جي خاتمي ۽ سومرن جي دور جي شروعات کان انهن قصن ۽ داستانن جا بنيادي ٿڌا لڳا ۽ سومرن واري دور ۾ اهي آسريا ۽ زبان زد عام ٿيا. انهيءَ لحاظ سان چئي سگهجي ٿو ته سومرن واري دور ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ بيان جي ادائگي ۽ صلاحيت پيدا ٿي چڪي هئي، جنهن جي ڪري انهن قصن ۽ داستانن جي ابتدائي واقعن کي ويچاريو ويو، جو اهي هميشه لاءِ زباني روايتن ذريعي محفوظ ٿي ويا.

٣. سومرن جي دور جي جنگين بابت ڳاهون. سنڌ جي موجوده عام مقبول روايتن ۾، سومرن جي دور جي ڪن مشهور لڙاين ۾ سومرن حاڪمن ۽ سندن سمن سردارن جي سورهيائي بابت ڳاهل داستانن ۾ 'ڳاهون' ۽ 'بيت' ملن ٿا، جن مان گهڻا تڏا جيتوڻيڪ پوئين دور جي قصي خوان پانن، پٽن، چارڻن ۽ ڀين سگهڙن جا چيل ٿا ڀانئجن، پر ڪي 'ڳاهن وارا بيت' اهڙا آهن، جي تاريخي آهجاڻن توڙي ٻوليءَ جي قدامت جي لحاظ سان ڪافي آڳاٽا معلوم ٿا ٿين، ۽ گمان غالب آهي ته اهي سومرن جي دور جا چيل هجن ۽ مسلسل صدري روايتن ذريعي سيني به سيني اسان تائين پهتا آهن. اهي ڳاهن وارا تاريخي بيت خصوصاً سومرن جي دور جي ٽن مشهور معرڪن – سومرن ۽ گجرن جي لڙاين، سومرن ۽ سلطان علاؤالدين جي لشڪر جي جنگين، ۽ آخري سومري بادشاهه همير سان چام هالي ۽ سندس پٽن جي مقابلن – سان تعلق رکن ٿا. موجوده عام مروج صدري روايتن جي بناء تي هيٺ انهن جنگين تي مختصر طور روشني وڌي وڃي ٿي.

(الف) سومرن ۽ گجرن جون جنگيون. اسان ڏسي چڪا آهيون ته سومرن جي طاقت جي عروج واري اوائلي دور ۾، غالباً سومرن جون ڪڇ ۽ گجرات واري سرحد تي

گجرن سان لڙايون ٿيون*. اهي لڙايون اندازاً ١١٥٠-١٢٥٠ع واري عرصي ۾ لڳيون، جن جا آهجاڻ عام صدري روايتن مان ملن ٿا. هڪ روايت موجب اُئين ٿو ڀانئجي ته ڪو وقت اهڙو آيو، جو گجرن ۽ سومرن ۾ صلح ٿيو ۽ سومري حاڪم ڀونگر گجرن کي سڱ ڏيڻو ڪيو پر سنڌين جي غيرت اها ڳالهه گوارا نه ڪئي ۽ ڀڻ ولي عهد شهزادي 'ڏونگرراه' مخالفت ڪئي ۽ سڱ ڪان انڪار ڪيو، جنهن تي صلح ٽٽي پيو ۽ گجرن جو لشڪر سومرن تي ڪاهي آيو. ان وقت 'ڏونگرراه' جو وڏو ڀاءُ 'دودو' (جنهن کي روايت ۾ "نهري ددو" يعني پهلوان دودو سڏيو وڃي ٿو) ڪاوڙجي وڃي دلوراءِ جي دربار ۾ رهيو هو؛ جنهن ڏانهن مدد لاءِ ڪنهن داناءُ چارڻ هٿان پيغام موڪليو ويو. دودو پنهنجن کان نهايت رنج ٿي آيو هو، تنهنڪري چارڻ کي چيائين ته، جي هيٺا ٿيا آهن ته ڪنهن گولي پانهيءَ جو سڱ ڏيئي ڪئي صلح ڪن. انهيءَ تي چارڻ جواب ۾ چيس ته:

* گجرن جي اوائلي حڪومت، جا سنڌ جي ڏکڻ اوڀر سرحد سان لاڳو هئي، تنهن جي گادي 'ڀنمل' (ضلعو جسونت پور، رياست جوڌ پور) يا بقول ڪنگهام 'ٻاهڙمير' ۾ هئي. اها حڪومت ٩- صدي عيسوي جي شروع تائين قائم رهي، مگر سنڌ طرفان عربن جي فتوحات، ۽ ٻئي طرفان ڪاٺياواڙ، گجرات ۽ مالوا جي راجائن جي حملن سببان گجرن جي حڪومت انهيءَ خطي مان ختم ٿي ۽ سندن گادي وڃي قنوج ۾ ٿي. غالباً انهيءَ ڪشمڪش ۾ ڪي گجر قبيلا ۽ سندن سردار ڪاٺياواڙ ۽ گجرات طرف وڌيا، ۽ اتي ڇانئجي ويا. انهيءَ ڪري اهو ديس جو اڳ 'سؤراشتر' (سورٺ) جي نالي سان سڏبو هو، سو پنج سؤ ورهيه ڪن پوءِ 'گجرات' سڏجڻ لڳو، جيئن ته مورخ 'رشيدالدين' جي 'مجمل التواريخ' ۾، جا هن سنه ١٣١٠ع ۾ لکي، پهريون ڀيرو 'گجرات' جو نالو ملي ٿو. انهيءَ وقت سنڌ ۾ سومرا حڪمران هئا، جن جون لڙايون غالباً سنڌ ۽ ڪڇ جي ڏاکڻي سرحدن تي ڪن گجر راون سان ٿيون.

جَرَ نہ ڪَٽن ڪِنگرِڻن، راوَ نہ ڳنڍن ويهڻ،
ڳولي وڃي ڳجرڻن، توه چنڊا دودي پيهڻ.

هن بيت جي ٻولي قدري ان جي قدامت جي ساک ڀري ٿي. چارڻ دانائيءَ سان دودي کي چتايو تہ: ڪا ڳولي ٻانهي موڪلياڻون تہ ان جي وجهہ سان حرمسراءِ ۾ ڪمي ڪانہ ٿيندي، جو ڪنگرن جي ڀرجهہ سان جَرَ (اجهاڳهہ پاڻي وارا کوهہ) ڪين کٽيندا، ۽ نڪي وري آڏو راوَ (ڳجر) ٻهہ سگهہ وٺي جو ويهڻ ڏيئي وڙ وڃائيندا: ٻر سوال عام شهرت جو آهي، چاڪاڻ تہ ماڻهن جا وات بند ڪين ٿيندا: هتان ڪٿي ڪا ڳولي ٻانهي ڳجرن ۾ ٻرڻجي ويندي تہ بہ اتي ماڻهو سڀ ائين چوندا تہ دودي جي پيهڻ آهي. اهي الفاظ ٻڌي دودو سڀ رنج رُساما ڇڏي چڙهيو ۽ پنهنجي ڀاءُ ڏونگر راءِ سان اڇي ٻانهن ٻيلي ٿيو. ڏونگر راءِ اڳئي سگهہ ڏيڻ کان صفا انڪار ڪري جنگ لاءِ تيار ٿيو ويٺو هو ۽ هاڻي هنن ٻنهي ڀاڻرن گڏجي بهادري سان ڳجرن سان مقابلو ڪري ميدان ملهايو. شاهہ جي رسالي ۾ ڏنل هيٺيون بيت ٻہ انهيءَ جنگ جا اهڃاڻ ڏئي ٿو تہ:

ٻين سيني ڏنيون، ڏني نہ ڏونگر راءِ،
آڻ ڏنين آڏو ٿئي، ڏِنيون ڏِئي ڪياءِ!
لوڙهيون لڪ مٿاءِ، تنهن مٿيري موٽائيون.

ڳجرن ۽ سومرن جي ڪشمڪش غالباً گهڻي وقت تائين هلي. سما سردار ان وقت سومرن جي ساڄي ٻانهن هئا ۽ سنڌ جي ڪڇ واريءَ سرحد ڪان سمن سردارن ئي ڳجرن سان مقابلا ڪيا. اهڙو هڪ آڳاٽو مقابلو، ڪڇ جي سمي 'ڄام ڀُونئَري' ۽ ڳُجرن جي سردار 'وير ڳجر' جي وچ ۾ همير سومري جي ڏينهن ۾ ٿيو. پهريائين ڳجرن حملو ڪيو ۽ هن طرف جو مال هڪي ويا. پوءِ ڄام ڀونئري ڳجرن جي ملڪ تي

جوابي حملو ڪري وڃي مال ورايو:

ڀُونڱري ڪيا ڀَريانڻَ، ’ڀَرڙي‘ تـي ڀَرَ ڀِيئا،
تيني وڃـــي وارِيئُون، لـوڙيئُون لَڪَ مٿا.

[چام ڀونڱري ڀول ڀڏا ۽ چڙهائي ڪري (وير ڳجر جي ملڪ ۾) ’ڀَرڙي‘ پهاڙ جي لڪ تان وڃي هَنيل مال واريو.]

چاوت ڪري چـڙهيو، ڳَجرَ گهومَلِيئا،
ڀَوارڙا ڀُونڱري ڀلئين، گهڻا وِڇ ڪِيئا.

[(وير ڳجر سندس ڳادي) ’گهوملي‘ مان ڪست منجهان ڪاهه ڪئي، پر چام ڀونڱري جي سائين به واهه جي مقابلا ڪيا!]

انهــيءَ مقابلي ۾ ڳجرن سرـي ڪئي جنهن تـي چام ڀونڱري بادشاهه همير سومري کان مدد گهري، جو هتان جنگ لاءِ چڙهيو:

جيئن ڏونگر تِيئن هاٿِيا، جيئن ڪِيريئُون تِيئن ڇٽَ،
همـيرائـــي فـــوج، ڪرَ آڳا آيـ نڪـٽَ.

[فوج جا هاٿي جهڙا ڄڻ جبل، ۽ مٿان وڏا ڇٽ جهڙا ڪيرين جا وڻ؛ همير جي فوج (نيزن، ترارين ۽ زرهين سان اٿين تجلا ڪندي چڙهي جو) ڄڻ آسمان ۾ نکٽ آيريا.]

(ب) سومرن جي سلطان علاؤالدين جي لشڪر سان جنگ.

’دودي - چنيسر ۽ علاؤالدين‘ جـو قصو سنڌ ۾ آڳاٽي وقت کان مشهور آهي، جنهن جو ذڪر (البت هڪ ضعيف روايت سان) ”تاريخ طاهري“ جي مصنف ساڍا ٽـي سؤ ورهيه اڳـ، سنه ١٠٢١ - ١٠٣٠هه ڌاري ڀڻ ڪيو آهي*. سنڌ ۾ هن قصي جي مسلسل ۽ عام طور تسليم ٿيل روايتن مان گمان نڪري ٿو ته هيءُ قصو اصل ۾ ڪن حقيقي واقعات تي مبني آهي، ڇاڪاڻ ته سلطان علاؤالدين (١٢٩٦ - ١٣١٦ع) جي سپهه سالار ظفر خان جو سنه ٦٩٧هه (١٢٩٧/١٢٩٨) ڌاري سنڌ تي چڙهي

* ’تاريخ طاهري‘ فارسي متن، ڇاپيل، سنڌي ادبي بورڊ، ص ص ٠٣-١٣.

اچڻ ثابت ٿئي ٿو(١) سنڌ جي هڪ مقامي روايت موجب ان وقت 'اسدالملة' دودو سومرو حڪمران هو، جنهن سنہ ٧٠٠هہ (١٣٠٠/١٣٠١ع) ۾ وفات ڪئي(٢). جيڪڏهن ٦٩٧هہ کان ٧٠٠هہ واري عرصي ۾ سلطان علاؤالدين جي سپہ سالار ۽ سومرن جي وچ ۾ جنگيون فرض ڪجن، تہ پوءِ اهي مقابلا سومرن جي دور جي خاتمي کان الڪل پنجاہ سٺ سال کن اڳ ٿيا. انهيءَ لحاظ سان چئبو تہ 'دودي-چنسر ۽ علاؤالدين' جو جنگي داستان سنہ ٧٠٠هہ بعد، يعني اٺين صديءَ جي شروعات کان وٺي ڳائجڻ لڳو ۽ اڄ ڏينهن تائين پيو ڳائجي.

هيءُ قصو سنڌ جو هڪ ڪهنو جنگي داستان (Epic) آهي، جنهن جو بنياد يقيني طور سومرن ۽ دهلي جي سلطان جي ڪا خونخوار لڙائي آهي؛ البت انهيءَ داستان جي ساخت ۽ سٽاءَ ۾ سنڌ جي پيشہ ور قصہ خوانن، خصوصاً ڀانن ۽ ڀٽن، چارڻن ۽ سگهڙن جو وڏو هٿ آهي. هن رزميہ داستان جي روايتن ۾ ڪيئي بيت ۽ ڳاهون شامل آهن، جن مان گهڻيون غالباً پوءِ جون آهن، مگر ڪي بيت ۽ ڳاهون البت آڳاٽا معلوم ٿين ٿا، ۽ ٿي سگهي ٿو تہ سومرن جي آخري دور جا هجن. جهونجهارن جي هن جنگ ۾، دودي ۽ چنيسر ساٿين جي مارجڻ بعد آخرڪار ڄام ابڙي سمي، سومرن جون ساٿون جهليون ۽ ٻاڻ ستائن گهوري سورهيہ ٿي سر ڏنائين. انهيءَ ڪري سومرن سردارن جي بهادريءَ سان گڏ سردار ابڙي سمي جي سورهيائيءَ کي ٻڻ ساراهيو ويو ۽ سندس سورهيائي بابت

(١) ڏسو 'تاريخ فيروزشاهي' (تصنيف ضياء برني، سنہ ٧٥٨ هہ) مطبوع ڪلڪتو، ١٨٦٢ع، ص ص ٢٥٣-٢٥٤؛ ۽ 'طبقات اڪبري' (تصنيف نظام الدين بخشي، سنہ ١٠٠٢ هہ)، مطبوع ڪلڪتو، ١٩٢٧-١٩٣٥ع، جلد ١، ص ١٤٢.

(٢) ڏسو 'دولت علويہ يا سومرن جي حڪومت' (تاليف مولوي عبدالله 'شائق')، مطبوع ١٩٢٩ع.

ڇيل هيٺيان بيت غالباً سومرن جي دور جا آهن. جڏهن ڀاڳُ فقير، جو روايتن ۾ ’ڀاڳُو ڀانُ‘ جي نالي سان مشهور آهي، سومرن جو ساٽ وٺي ڪڇ طرف ابڙي سمي ڏانهن روانو ٿيو ته واٽ تي ’ابڙي‘ نالي جوڳيءَ وٽ ’ڏُڏُي‘ (’ڏُڏُو‘ مڪان، موجوده ٿيپي ڪوٽي، تعلقي جاتي ۾ آهي) ۾ وڃي لٿا. ۽ جڏهن پڇا ڪيائون ته اتي جي ڪنهن ڀان فقير (يا ٻي هڪ روايت موجب ابڙي جي ماءُ) کين جواب ڏنو ته:

آءُ ابڙو آڳتي، آءُ ڏونگر ٿـي ڏيهه ٻيو،
آءُ جُوڻاچاڻوجڳ، جوءِ رنيءَ سُونَٽا ٿَٽِي(١).

يعني ته اهو سورهيه ابڙو سردار، جو جنگ مان پٺي پيرو نه ٿئي، سو ڪڇ ۾ ڏونگر واري طرف آهي، جو ڏيهه اڳتي آهي ۽ هيءُ نه آهي: اهو ’جوڻاچا‘(٢) وارو ملڪ آهي جتي جو سردار ابڙو سمون سامون جهلڻ جهڙو آهي.

آخر ابڙي سامون جهليون، ۽ شاهي لشڪر کي سامهون ٿي وڏا مقابلا ڪيائين:

آڙ آڏي هٿي ابڙي، تَوَ چاليون ڏهه لک،
گهوڙي ڪنڌ نه ڦيريو، ماري او خلق.

اَپ سيڪهين آڇيو، آپَ نه آڇيو ڪوءِ،
سُٺي ٻه مٿي ٿيو، شوره سِرُ سندوءِ.

ابڙي جو پاءُ ڪانئس ڪاوڙيل هو، ۽ ابڙي سان جنگ جو ٻڏي چڙهيو، ۽ چيائين ته:

(١) مختلف راوين وٽ هيءُ بيت مختلف روايتن سان مليو آهي، جن جي ڀيٽ سان اسان هن نتيجي تي پهتا آهيون ته هيءَ روايت نسبتاً زياده صحيح ۽ حقيقتن مطابق آهي.

(٢) ’جوڻاچا‘ جي بستي اڄ تائين ڪڇ جي لکپت تعلقي ۾ ’نري‘ شهر کان الهندي طرف موجود آهي.

عشق آبـــڙي ناهہ، نيهن اسان پــڻ ناهہ،
ويندس اُنِ وِراهہ، جــو آڙهہ منڊيو اَبڙي.

(ج) ڄام هالي ۽ همير سومري جي جنگ. هيءَ جنگ سومرن جي حڪومت جي زوال ۽ سمن سردارن جي اڀرندڙ طاقت واري دور ۾ لڳي. سومرن جو آخري حاڪم دودي جو پٽ همير هو، جنهن غالباً ٺٽي طرف سمن جي وڌندڙ طاقت سببان عمرڪوٽ کي اچي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ ڪيو هو. ڄام هالي جي ڌيءَ ’ٻاگهي‘ سندس گهر ۾ هئي. شاديءَ وقت ڄام هالي ’سَڪيري‘ نالي پنهنجي خاص خدمتگار کي ٻاگهيءَ سان گڏي موڪليو هو. ٻاگهيءَ جي شاديءَ کان پوءِ پاڻس ’موٽي‘، جو ٻاگهي کي ملڻ ايندو هو، تنهن هڪ ڏينهن همير جي ڌيءَ ’جيجڙي‘ کي ڏٺو ۽ پنهنجي پيءُ ڄام هالي کي چيائين تہ مونکي ’جيجڙي‘ جو سڱ وٺي ڏي. ڄام هالي همير کان سڱ گهريو پر همير انڪار ڪيو. پوءِ ٻاگهي، همير کي باربار چوڻ لڳي، جنهن تي همير ڪاوڙجي ٻاگهيءَ کي ڪوٽ مان ڪڍائي ڇڏيو. هيءَ مائي مرداني هئي، سا مائٽين موٽي ڪانہ وئي پر پنهنجي خادم سڪيري کي ساڻ ڪري، شهر کان ٻاهر ڪنهن آباد اراضي ۾ وڃي جدا حويلي ناهي وئي. همير جا ماڻهو ڪيس انهي ستائڻ لڳا جن سان سڪيرو سامهون ٿيو پر هو مارجي ويو. انهيءَ تي ٻاگهيءَ پنهنجي پيءُ ڏانهن پيغام موڪليو تہ آءٌ ڪوٽ کان ٻاهر نڪتي ويٺي آهيان ۽ ’سڪيرو‘ پڻ مارجي ويو آهي:

ٻَل ٻابل ٻانهو مئو، هئو سَوان مڙسان رو ٻن،
هيري رَتاس ڏندڙا، هوس ڪاتيءَ سونو ڳن،
مولهيو موتين چانئيو، هوس پَرپَٽر موتين ٻوٽ.

انهيءَ تي ڄام هالي جا پٽ هوٿي، علي، ٻلي ۽ ٻيا لشڪر ڪري چڙهيا:

ڀَلي ڀاٽـي نـہ ڀڳي، علي آنؐ نـہ ڪاھ،
ھميراڻي ڪوٽ ۾ان، جان جان جنگ نہ ڪياھ .

انھيءَ جنگ ۾ فتح چاڻ ھاليءَ جي طرف جي ٿي، ۽ غالباً ھمير مارجي ويو ۽ سومرن جي حڪومت جي پڻ پڄاڻي ٿي. چاڻ ھاليءَ جو ڀٽ ھوٺي پڻ ھن جنگ ۾ مارجي ويو، جنھن ٿي ڀاڳھي ڀار ڪڍيو ته:

ھوٺيءَ جي ڦٽيءَ ڪي ھو ڪھيوَر ڪھيوَر ڪل
ڪي ڀرن سومرا، تـوھ ڪواھي ڦـٽـيءَ تَل.

سومرن جي دور جي مٿين جنگين بابت ڪيئي بيت 'ڳاھن' طور انھن جنگي داستانن ۾ شامل آھن، جي ويندي ھن وقت تائين ڪن سچاڻ سگھڙن کي ياد آھن ۽ سندن صدري روايتن ذريعي اسان تائين پهتا آھن. انھن مان مٿين بيتن جي متاع توڙي ٻولي آڳاٽي آھي ۽ مضمون پڻ انھن اڳوڻن واقعن سان موافق آھي، جنھنڪري چئي سگھجي ٿو تہ انھيءَ قسم جي 'ڳاھن' وارا بيت غالباً سومرن جي دور جا آھن.

۴. سومرن جي سخا بابت پڙن ۽ چارڻن جون شڪايتون.

سومرن کان اڳ عرب حڪمران ھئا. سخاوت عربن جي اجتماعي زندگي جو اھم جزو ھئي. سانجھيءَ ڏاتي قافلن جي جھوڪ وقت باھين جا مچ ڪري چڙھندا ھئا تہ پل مسافر لڙي اچن. سنڌ ۾ سما خاص طرح عربن سان گھڻو لھ وچڙ ۾ آيا، انھيءَ ڪري سخاوت سندن زندگيءَ جو شعار بڻي. سومرا سنڌ جي ڏکڻ-اوڀر واري اراضي ۾ رھندڙ ھئا، انھيءَ ڪري عربن سان بلڪل سندن زوال واري عرصي ۾ (اندازاً چوٿين صدي ھجري) ۾ روشناس ٿيا. ٻيو تہ سومرن جون اصل بستيون سنڌ جي ڏکڻ اوڀر اراضيءَ ۾ ھيون جا اندرو آباد ڪانہ ھئي. انھيءَ ڪري سومرن وٽ سخا لاءِ سرمايو ڪونہ ھو. بھرحال، جڏھن سومرا حڪمران ٿيا تہ عربن واري سخاوت سومرن وٽ ڪانہ

رهي. اهي ٻاهين جا سڄ، جي عربن ۽ ٻين پاڙيسري راڄن جي ٻستين مان جهوڪ ويلي لاٽون ڪري ٻرندا هئا، سي سومرن جي دور ۾ باقي نه رهيا. سومرن جي ڳوٺن ۽ ٻستين جون ٻاهيون ۽ دونهيون مانجهيءَ ٽاڻي، جهوڪ ويلي، جهڪيون ۽ جهيڻيون ٻرڻ لڳيون، ۽ عربن جون مهمان نوازي واريون خوبيون سومرن وٽ قائم نه رهيون. انهيءَ حالت کي ڏسي، غالباً ان وقت جي ڪنهن سنڌي شاعر سومرن جي ندا ڪئي ته:

سڄو ڦٽسي ٻيا سومرا، اڌ ڦٽسي ٻيو لوڪ،
جهيڻي ٻارڻ جهوڪ، نه ته لپڙ پيائي لاٽون ڪري.

يعني ته جيڪڏهن اڌ ڦٽ پئي ساري جهان تي، ته سڄي ڦٽ سومرن تي چوته (باوجود انهيءَ جي، جو حڪمران آهن، ته به) سندن ڳوٺن ۽ ٻستين جي ٻاهه جهوڪ ويلي جهڪي ۽ جهيڻي ٿيو وڃي، باقي ٻين وقتن تي لاٽون ڪريو پئي ٻري. هن بيت جو مضمون ۽ معنيٰ انهيءَ آڳاٽي سمي جي رسم رواج جي ڄاڻ ڏين ٿا، جنهنڪري چئي سگهجي ٿو ته غالباً هيءُ بيت سومرن جي دور جو آهي.

سنڌ جي اڪثرين اترئين پاسي، يعني بهاولپور واري اراضيءَ جي هڪ قديم روايت (۱) ذريعي سومرن جي آخري دور جو هڪ بيت مليو آهي، جو اڃان تائين انهيءَ اراضيءَ جي وڏڙن وٽ مشهور معروف آهي. چون ٿا ته حاڪم همير سومري

(۱) اها روايت، بيت سميت، بهاولپور رياست گزيٽيئر (پنجاب رياست گزيٽيئر سلسو، نمبر xxxvi-A 1904، مطبوع لاهور، ۱۹۰۸ع، ص ۳۷۸) ۾ 'پتڻ' شهر جي بيان هيٺ ڏنل آهي، جتان اردو ترجمي جي صورت ۾ "پتڻ منارا" جي عنوان سان، رسالي "العزيز"، بهاولپور (ماهه فيبروري ۱۹۶۱ع، ص ص ۶۱-۶۴) ۾ پڻ شايع ٿي. اسان انهيءَ روايت کي قدري وضاحت سان ۽ بيت جي صورتخطيءَ توڙي معنيٰ جي اصلاح سان هت پيش ڪيو آهي. گزيٽيئر جي اصل مضمون ۾

جي ڏينهن ۾ سمي ڄام لاکي جي ڀٽ، ڦُل وڏي، هڪ چارڻ کي ڪي ڀلا گهوڙا انعام ڏنا، جي 'ڍوري راءِ' سومري جي سازش سان چورائجي ويا؛ انهيءَ تي هن چارڻ، پٽ طور، هيءُ بيت چيو ته:

ڍُرِي ڍورِي راهِ، جَنْهِيْنُ چارڻ سان ڪاهُه،
پَٽَڻ پَٽي جو ٿيو، سمج وِرتايو ساهُه،
هميرا پوراهه، راڄ نه ڪندا سومرا.

هن بيت کي انگريزي صورتخطيءَ ۾ لکيو ويو آهي، پر رسالي "العزيز" ۾ بيت ۽ ان جي معنيٰ کي اردو صورتخطيءَ ۾ هن طرح لکيو ويو آهي:

دهري ڏهورارائے، جنهين چارن سانکهياه،
پتن پتيجو تهيو، سمج وناڻو ساه،
حميرا ڀورا، راڄ نه ڪندا سومره.

ترجمه: "ڏهورا رائے (سومره، جس نے چارن کے گهوڑے چرائے تهے) پر لعنت هو، اور پتن تباه هو، اور سمج (اوس وقت درياء هکڑه کا نام تها) اپنا راسته تبديل کردے، اور خدا کرے حميرا سومره کو سلطنت کرنے کی زياده مهلت نصيب نه هوا"

ظاهر آهي ته سنڌي ٻوليءَ کان غيرواقفيت سببان اها معنيٰ ذرا اوٽ تي ڪيل آهي. اسان اصل انگريزي ۾ لکيل عبارت کي ٺيٺ سو سنڌيءَ ۾ سلجهايو آهي: "ڌهورا رائي" کي اسان "ڍوري راءِ" ڪري لکيو آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ "ڍوري" نالو عام مروج آهي (حيدرآباد ضلعي ۾ 'ڍوري هڱوري' جي ڳوٺ جو تاريخن ۾ ذڪر موجود آهي، حالانڪ هينئر انهيءَ ڳوٺ جي کنڊرن کي 'ڏونئرا هڱورا' چيو وڃي ٿو)؛ "سانکهياه" يقيناً "سان ڪاهه" آهي؛ "پتيجو" کي متن ۾ "پٽي جو" پڙهيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته اڳتي درياهه جي سڪي ويڻ ٿيڻ جو ذڪر آهي. انهيءَ لفظ کي "پٽيي جو"، يعني "پٽيل جو"، به پڙهي سگهجي ٿو، پر پوءِ فعل 'ٿيو' جي 'خبر' اڻپوري رهجي ويندي.

-يعني تہ ڏوري راھ، جنھن ’جيي چارڻ سان دشمني آھي،
سو ڏُرڪي ضعيف ٿي چڙي مري؛ سندس شھر ’پٽڻ‘ ڦيٽي پونو
(پٽي) ٿيو، ۽ ھاڪڙي (سيج) درياءَ سڪي ساھ ڇڏيو؛ ھمير
سومري پڇاڙا (سندن حڪومت جو خاتمو ٿيندو ۽) سومرا راڄ
ٿي ڪين ڪندا.

بقول ’تحفة الڪرام‘، سومرن جو آخري حاڪم ھمير
ھو، جنھن کان سمن حڪومت کسي. انھيءَ جي تصديق
سلطان فيروز شاھ طرفان ملتان جي گورنر عين الملڪ ماھرو
جي خطن مان ٿئي ٿي، جيڪي ھن سنہ ١٣٥٢ع کان ١٣٦٥ع
واري عرصي ۾ لکيا. ھو لکي ٿو تہ ’ھن وقت سومري حاڪم ھمير
پٽ دودي جي حڪومت جو سلو سڪي رھيو آھي؛ حضرت
سلطان جي مدد سان ٿي قدري ساڻو ٿيو بيٺو آھي. ٻئي طرف،
سمو چام بانڀيو پٽ اُنڙ سندس سرڪشيءَ ۽ طاقت سبباں اُڀري
رھيو آھي‘*. چئي نٿو سگھجي تہ ھمير سومري کان ڪھڙي سال
۾ حڪومت کسي ويئي، يا ڪڏھن وفات ڪيائين؛ پر جيئن
تہ سلطان فيروز شاھ ١٣٦٥-٦٦ع ڌاري ٺٽي تي حملو ڪيو،
انھيءَ مان گمان نڪري ٿو تہ لڳ ڀڳ ١٣٦٥ ڌاري ھمير
سومري جي حڪومت جو خاتمو ٿيو. انھيءَ لحاظ سان،
مٿين بيت جو زمانو بہ اندازاً ١٣٥٢ کان ١٣٦٥ع وارو عرصو
قرار ڏيئي سگھجي ٿو. ’تاريخ طاھري‘ جي روايت مطابق پڻ سومرن
جو خاتمو سمن زميندارن جي وڌندڙ طاقت سبباں ٿيو. مٿين
روايت مان ظاھر آھي تہ سمن چارڻن، پنھنجي خوشحاليءَ
سبباں سخاوت ڪري ٻئي چارڻن کي نوازيو، جن سڄي ملڪ
۾ وڃي ٿي سندن گڻ ڳايا. چارڻن جون اھي ڪيرتون پڻ
سمن لاءِ ھڪ قسم جي پروپئگنڊا ھيون، ۽ انھيءَ ڪري سومرن
کي ڏکيون ٿي لڳيون؛ تنھنڪري غالباً ڪن سومرن حاڪمن

* ڏسو ”انشاى ماھرو“ (منشات عين الملک عين الدين عبدالله بن ماھرو)،
مطبوع ’شعبہ تاريخ مسلم يونيورسٽي، علي ڳڙھ‘، ص ٨٧.

چارڻن کي هيسڻ تي چاهيو، انهيءَ ڪري ڏوري راءِ سومري جي اشاري تي چارڻ جا گهوڙا چورائجڻ هڪ قرين قياس امر آهي. انهن دليلن جي بناءَ تي چئي سگهجي ٿو ته غالباً هيءَ بيت سومرن جي آخري دور جو آهي.

نتيجا

سومرن جو دور، سنڌ جي تاريخ توڙي 'سنڌي ٻولي' ۽ ان جي ادبي ارتقاءَ جو روماني دور هو. هن دور ۾ ئي سنڌ جي اڪثر عشقيه داستانن، آکاڻين جنگنامن، ۽ سنڌ جي سورهيه سخي سردارن جي ڪارنامن جو بنياد پيو، جن جي تاڃي پيٽي ۾ پوءِ سنڌي ادب کي اُڻيو ويو. سومرن جي دور ۾ انهن داستانن، قصن ۽ ڪهاڻين جو اُڀرڻ ثابت ڪري ٿو ته ان وقت سنڌي ٻولي ۾ بيان جي ڪافي صلاحيت پيدا ٿي چڪي هئي.

سومرن جو دور 'سنڌي ٻولي' جو تعميري دور هو، جنهن ۾ سنڌي، سنڌ جي ڏکڻ-اڀرندين خطي ۾ عام رائج ٿي ۽ اڳتي ڪڇ ۽ ٿر طرف پکڙي. زباني روايتن ذريعي مقامي واقعات تي مبني قصا ۽ ڪهاڻيون ملڪ ۾ رائج ٿيا: عشق ۽ محبت جا روماني داستان ۽ سنڌ جي سورهيه سردارن ۽ سپهه سالارن جا جنگي ڪارناما ڳائجڻ لڳا، جنهنڪري نه صرف سنڌيءَ ۾ نثري داستانن جو بنياد پيو پر سنڌي شعر پڻ 'ڳاهن' جي صورت ۾ نمودار ٿيو. هن دور ۾ غالباً 'سنڌ جي سمن' جي زبان کي فوقيت ملي، جنهنڪري 'معياري سنڌي ٻولي' جي اُڀرڻ لاءِ ميدان هموار ٿيو.

باب چوڏون

معياري سنڌي ٻولي جو ارتقاءُ ۽ سنڌي شعر جي تاريخي ابتدا

(سمن جي حڪومت وارو دور ١٣٥٠ - ١٥٢٠ع)

'سومرن جو دور' سنڌي ٻوليءَ ۾ بيان جي وسعت، قصن ڪهاڻين جي اوسر، ۽ ادبي صلاحيت جي نشو و نما وارو 'تعميري دور' هو، جنهن ۾ عشقيه داستان ۽ قصا رائج ٿيا ۽ سنڌي شعر ڳاهن جي صورت ۾ نمودار ٿيو. سمن جي اوائلي دور ۾، سنڌي ٻولي ۽ ساهت جي انهيءَ 'تعميري دور' جي تڪميل ٿي. 'سمن جي دور' جي شروعات ۾ سنڌي ٻولي جون لساني خصوصيتون خواه ادبي روايتون، ساڳيون سومرن جي دور واريون رهيون؛ البت ٻوليءَ ۾ قوتِ بيان اڳي پيدا ٿي چڪي هئي، جنهنڪري هاڻي ان جي ترقي جا دروازا کلي پيا ۽ ان جي لساني سرمايي ۾ وڏي وسعت پيدا ٿي. قصن ۽ ڪهاڻين کي هڪ 'ادبي فن' جي درجي تي پهچايو ويو، ڳاهن مان ڳالهيون عام مروج ٿيون، ۽ سنڌي 'بيت' هيئت جي لحاظ مان تڪميلي صورت کي پهتو ۽ عام مروج ٿيو. سمن جي دور مان سنڌي شاعريءَ جي تاريخي دور جي شروعات ٿي.

(الف) سمن جي دور جو تاريخي پس منظر: سنڌي ٻولي جي ترقي جا اسباب.

سمن جي طاقت جو عروج، ڄام آنڙ جي سرداري مان شروع ٿيو، جنهن سنه ٧٣٤-٧٣٣ هه ڌاري بغاوت ڪري دهلي طرفان سيوهڻ جي گورنر 'ملڪ رتن' کي ماريو ۽ بالاخر

سنه ٧٥٠-٧٥١هه (١٣٥٠ع) ڌاري 'ٺٽي جي ڄام' جي حيثيت ۾ خود مختار حڪومت قائم ڪئي*. سنه ٩٢٦هه (جنوري ١٥٢٠ع) ۾ شاه بيگ ارغون ٺٽو فتح ڪيو ۽ سمن جي آزاد حڪومت جي پڄاڻي ٿي. سمن جي دور جا اهي ٻوٿا ٻه سؤ ورهيه سنڌ جي اندروني ڀاڱن ۾ 'معياري سنڌي' جي ارتقاء لاءِ ۽ سنڌ جي سرحدن کان ٻاهر عام سنڌي ٻولي جي ڦهلجڻ لاءِ نهايت مفيد ثابت ٿيا. سمن جي دور جا هيٺيان سياسي ۽ سماجي پهلو انهيءَ دور ۾ سنڌي ٻولي جي تاريخي حيثيت کي سمجهڻ لاءِ خاص اهميت رکن ٿا.

١. معياري سنڌي ٻولي جو ارتقاء. سمن جا مکيه قبيلا آڳاٽي وقت کان وٺي سنڌ جي وچولي اراضي ۾ رهندڙ هئا. اٺين صدي عيسوي جي شروعات ۾ محمد بن قاسم جي فتح وقت "ساوندي سمه" ("سمن جي ساوڙي"، يعني 'سمن ساوڙي' واري اراضي، جا هن وقت نواب شاه ضلعي جي نواب شاه تعلقي ۾ آهي) سمن جو هڪ مکيه مرڪز هئي. ڇهه سؤ ورهيه کن پوءِ چوڏهين صدي عيسوي جي وچ ڌاري، سمن جي طاقت جو عروج ڄام اُنڙ سان ٿيو، جنهن اول سيوهڻ تي قبضو ڪيو. ان مان ظاهر آهي ته ان وقت به سمن جي طاقت جو مرڪز اهوئي وچولي وارو خطو رهيو. ڄام انڙ يقيني طور سمن جي 'انڙ برادري' جو سردار هو، ۽ سمن جي نسبنامي توڙي تاريخي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته انهيءَ برادري ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج مکيه قبيلا ـ انڙ، ڏاهري، ساند، ساريا ۽ ڪيريا ـ شامل هئا. سمن جي حڪومت جي ختم ٿيڻ بعد به اهي قبيلا ڪافي طاقتور رهيا، ۽ ارغونن،

* ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو انگريزي ۾ مضمون "سنڌ جي سمن حاڪمن جو سلسلهٔ حڪومت"، پاڪستان هسٽاريڪل ريڪارڊ اينڊ آرڪائيوز ڪميشن، جي پنجين اجلاس (پشاور، فبروري ١٩٥٤ع) جي ڪارروائي، پاڪستان گورنمينٽ پريس، ڪراچي، ١٩٥٧ع، ص ص ٢٣-٢٩.

ترخانن ۽ مغلن جي علائقائي گورنرن، سپہ سالارن ۽ فوجن سان سندن مقابلا ۽ معاهدا ٿيا*. انهيءَ دور جي مکيہ تاريخي مأخذن، خصوصاً 'بيگلارنامي' ۽ 'تاريخ مظهر شاه جهاني' جي مطالعي مان انهن قبيلن جي مکيہ بستين ۽ طاقت جي مرڪزن جو پتو لڳي ٿو. ان وقت جا سيوهڻ، 'خِطو' ۽ نصرپور علائقا ('سرڪارون')- يعني تہ موجوده تعلقا ڪوٽڙي (اتريون حصو) سيوهڻ (ڏکڻ اولهہ)، مورو(ڏکڻ)، سڪرنڊ، نواب شاه، شهدادپور، ٽنڊوالهيار (اتر)، ۽ ويندي ميرپور تعلقي جي حدن تائين- انڙ قبيلن جي گهوٽن، آبادين ۽ قبائلي جمعيت واري اراضي هئي، ۽ خاص طرح موجوده سڪرنڊ تعلقي ۾ (جتي اڄان تائين انڙن جو سردارگهر آباد آهي) 'لاکاٽ' وارو ڀاڱو سندن طاقت جو مرڪز هو. بهرحال، انين صدي کان وٺي سورهين صدي تائين، تاريخي حوالن جي بناء تي ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ اها وچولي واري اراضي، سمن جي مکيہ قبيلن جو مرڪز هئي ۽ سمن جي طاقت ۽ حڪومت جو بنياد پڻ انهن وچولي واري اراضي جي سمن سردارن وڌو. انهيءَ ڪري سمن جي دور ۾ انهن سمن قبيلن جي مادري ٻولي- يعني تہ وچولي واري سنڌي ٻولي- حڪمرانن جي ٻولي جي حيثيت اختيار ڪئي ۽ ملڪ جي 'معياري ٻولي' بڻي. ازانسواء سنڌ جو اتريون ڀاڱو پڻ سمن جي حڪومت ۾ هميشہ لاء شامل ٿي ويو ۽ اتر-وچولي واري ٻولي، جا سمن جي اراضي کي

* ترخانن جي دور ۾ انڙ قبيلن ميرزا محمد باقي جي خلاف ميرزا جان بابا جي مدد ڪئي ۽ شاه قاسم خان 'خان زمان' سان گڏجي ميرزا محمد باقي جي طرفدارن سان مقابلا ڪيائون (بيگلارنامو). ان بعد مغلن جي دور ۾ ٺٽي جي گورنرن جي نائبن ۽ سندن فوجن سان خوب چوٽون کاڌائون. حڪومت جون فوجون زور سان کين مطيع ڪري نہ سگهيون، جنهنڪري ساڻن معاهدن ذريعي امن امان قائم ڪيائون (مظهرشاه جهاني).

وڏيڪ وڌيڪ هئي، تنهن تي پڻ معياري ٻولي جو رنگ چڙهيو ۽ 'وچولي واري معياري ٻولي' جو دائرو وسيع ٿيو. ٻئي طرف سمن حاڪمن ٺٽي کي پنهنجي گادي بنايو، جنهن ڪري لاڙ جي قديم قبيلن ۽ قومن تي هن 'معياري ٻولي' جو اثر پوڻ لڳو.

٢. سنڌي ٻولي جي سرحدن جو وسيع ٿيڻ. سمن جي دور ۾، سنڌي ٻوليءَ جون سرحدون ڏکڻ اوڀر ڪڇ ۽ گجرات طرف، اولهه ۽ اتر اولهه بلوچستان طرف، ۽ اتر ڏانهن بهاولپور ۽ ملتان طرف وڌيون، ۽ انهن سرحدن طرف سنڌي ٻولي جو ٻين پاڙيسري ٻولين- خصوصاً گجراتي، بلوچي ۽ لهندا (سرائڪي)- سان عمل ۽ رد عمل شروع ٿيو.

اول ته سمن جي حڪومت ۾ ڪڇ ۾ سمن قبيلن جي آبادي وڌي ۽ اهي قبيلا ڪاٺياواڙ ۽ گجرات وارين سرحدن تائين پکڙي ويا، انهيءَ ڪري' ڪڇ ۾ 'سنڌي ٻولي' هڪ عام مقامي زبان طور هميشه لاءِ رائج ٿي وئي. سومرن جي طاقت جي زوال ۽ سمن جي عروج سببان غالباً سومرن جي ڪافي آبادي سنڌ جي سرحد ۽ ڪڇ واري اراضي مان لڏي وڃي ڪاٺياواڙ وسايو، جنهنڪري ڪاٺياواڙ جي حدن اندر پڻ سنڌي قبيلن سان گڏ سنڌي ٻولي داخل ٿي. ازانسواءِ سمن جي دور ۾ سنڌ ۽ گجرات جي وچ ۾ خاص سياسي تعلق قائم ٿيو، جو وينديءَ سمن جي دور جي آخر تائين قائم رهيو. سنڌ جي سمن حاڪمن توڙي گجرات جي سلطانن، دهلي جي بادشاهن کان بي نياز ٿي، پنهنجون آزاد حڪومتون قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهنڪري پاڻ ۾ دوستيءَ جا ناتا ڳنڍيائون. سمي ڄام تغلق (٨٠٧-٨٣١هه) جي حڪمراني ۾ اهي دوستانه سياسي تعلقات وڌيڪ پختا ٿيا، جو سنڌ جي حڪمران خاندان ۽ گجرات جي سلطانن ۾ سڱابندي جو سلسلو شروع ٿيو. پنهنجي آزادي کي برقرار رکڻ لاءِ، سمن بادشاهن کي خاص طرح گجرات جي سلطانن توڙي عوام جي مدد ۽ معاونت جي ضرورت هئي،

انهيءَ ڪري ڄام تغلق پنهنجون ٻه ڀائٽيون گجرات جي ٻن با اثر خاندانن ۾ پرڻايون: هڪ ڀائٽي ’بي بي مغلي‘ گجرات جي سلطان محمد ـ اول (٨٤٠-٨٥٥هه) کي ڏنائين، جنهن مان گجرات جو مشهور سلطان محمود بيگڙو ٢٠- رمضان ٨٤٩هه تي ڄائو. ٻي ڀائٽي ’بي بي مرڪي‘ گجرات جي مشهور درويش حضرت شاهه عالم کي ڏنائين، جو سمن حاڪمن جي روحاني پيشوا حضرت بهاؤالدين ذڪريا ملتاني جي سلسلهٔ طريقت جي بزرگ مخدوم جهانيان ’جهان گشت‘ جي اولاد مان هو. هن بزرگ سان سمن جي رشتي سبب گجرات جي عوام ۾ پڻ سنڌ جي حڪمرانن لاءِ همدردي ۽ محبت جي جذبي جو بنياد پيو. بهرحال، سمن جي دور ۾ سنڌ جي سمن حاڪمن ۽ گجرات جي سلطانن جي وچ ۾ سياسي ۽ سماجي تعلقات، ۽ سمن حاڪمن جي گجرات جي بااثر صوفي بزرگن سان رشته داري سببان سنڌ ۽ گجرات جي عوام جي درميان پاڙيسري ناتا وڌيڪ گهاٽا ۽ پختا ٿيا، ۽ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپار سان گڏ ماڻهن جي آمدورفت وڌي؛ انهيءَ ڪري هڪ طرف گجراتي الفاظ ڪڇ جي سنڌي محاوري ۾ داخل ٿيا ته ٻئي طرف وري ڪي سنڌي الفاظ ڪاٺياواڙ واري علائقي جي گجراتي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيا.

(٩١) ٻيو ته ٿتو سمن جي گادي بڻيو، جنهنڪري سنڌ ن طاقت ۽ سياسي اثر اولهه طرف وڌيو ۽ ڪوهستاني علائقي ۾ ’سنڌي ٻولي‘ رائج ٿي. غالباً سمن جي طاقت جي عروج وقت، يا ان کان به ڪافي اڳ، سنڌي قومن ۽ قبيلن ڪوهستاني علائقي کان اڃان به اولهه طرف وڌي وڃي موجوده لس ٻيلي ملڪ ۾ پنهنجون بستيون قائم ڪيون، جنهنڪري وينديون لس ٻيلي واري علائقي تائين ’سنڌي ٻولي‘ رائج ٿي. انهن سنڌي قبيلن مان خاص طرح رونجهن اتي پنهنجي سرداري قائم ڪئي ۽ سنڌ ن ڄامن مان ’سپڙ ڄام‘ مشهور ٿي گذريو، جنهن جي سخاوت جا قصا مشهور آهن. رونجها خالص سنڌي قوم هئا، جنهنڪري

سندن ٻولي نسبتاً معياري سنڌي ٻولي هئي، جنهن جو اثر لس ٻيلي جي مڙني ميداني محاورن تي پيو. ان زماني کان وٺي سنڌي لس ٻيلي جي عام ٻولي بڻجي وئي؛ البت رونجهن جي زبان وڌيڪ معياري رهي ۽ اڄ تائين ٻيلي جي شهر کان اتر طرف واري اراضي ۾ رهندڙ رونجهن جي ٻولي نهايت مٺي ۽ معياري آهي. غالباً لس ٻيلي ۾ رونجهن جي عروج وقت کي سنڌي قبيلا اڃان به اڳتي اولهه ۽ اتر طرف بلوچستان واري اراضي ۾ وڃي آباد ٿيا ۽ سنڌي ٻولي انهن قبيلن سان گڏ اولهه بلوچستان واري اراضي ۾، ويندي مڪران تائين وڌي. البت اهي قبيلا "معياري سنڌي" جي اثر واري دائري کان ٻاهر هئا، انهيءَ ڪري اندروني بلوچستان وارن ڇڙوڇڙ سنڌي باشندن جي ٻولي ڪچي رهي، جا اڄ تائين خام 'جدگالي' محاوري جي صورت ۾ رائج آهي.

ٻيون ته سمن جي دور جي پوئين نصف ۾، سمن جي سياسي طاقت سنڌ جي اترئين سرحد کان اڳتي وڌي ۽ اتر اولهه طرف موجوده جيڪب آباد ۽ سبي وارا علائقا سمن جي سياسي اثر هيٺ اچي ويا، انهيءَ ڪري انهن خطن ۾ سنڌي ٻولي رائج ٿي ۽ پڻ انهيءَ طرف جي بلوچي قبيلن جي زبان تي سنڌي جو گهرو اثر پوڻ لڳو. انهيءَ سرحد تي انهيءَ آڳاٽي نج سنڌي اثر جو نتيجو اهو ٿيو، جو سنڌي الفاظ ۽ محاورا "مشرقي بلوچي" جو جزو بڻجي ويا، جا اڄ تائين 'مشرقي بلوچي' جي خاص خصوصيت آهي.

۳. سنڌي ۽ ملتانيءَ جو سنٻنڌ. اتر طرف، سمن جي دور ۾ سنڌي ۽ سرائڪي جو سنٻنڌ وڌيو. اول راءِ ۽ برهمڻ گهراڻن جي وقت ۾، ۽ پوءِ عربن جي دور ۾، سنڌ ۽ ملتان گهڻي عرصي تائين هڪ ئي سياسي طاقت جي زير رهيا، جنهن جو خاص مرڪز سنڌ (شروع ۾ اروڙ ۽ پوءِ منصوره) هو. انهي سياسي وحدت سببان سنڌ ۽ ملتان جي ٻولين جو سنٻنڌ شروع ٿيو. سومرن جي

دور ۾ ئي ڪنهن حد تائين ۽ ڪجهه عرصي لاءِ، بهاولپور واري اراضي سنڌ جي زير اثر رهي، جنهنڪري سنڌي ۽ سرائڪي جو رشتو قائم رهيو. سومرن جي دور ۾ سهروردي طريقي جي وڏي صوفي درويش بهاؤالدين زڪريا رحه جي تبليغ جو سنڌ ۾ وڏو اثر پيو ۽ خصوصاً سما قبيلا وڏي تعداد ۾ هن بزرگ جا مريد ۽ معتقد ٿيا. هن درويش بالاخر ملتان ۾ سڪونت اختيار ڪئي. جنهنڪري سنڌ مان سوين معتقد هن بزرگ جي حياتي ۾ توڙي پوءِ ملتان وڃڻ لڳا. سمن جي طاقت جي عروج وقت پڻ سمن سردارن جي حضرت بهاؤالدين جي پوين بزرگن توڙي سندن سلسلي جي ٻين درويشن سان عقيدت رهي. اهوئي سبب هو جو جڏهن سلطان فيروزشاهه ٺٽي کي گهيرو ڪري ويٺو ۽ آڏو ڄام صدرالدين ۽ ٻانڀڻي ٻه ٻهادري سان منهن ڏنو، تڏهن غالباً سلطان فيروزشاهه جي اشاري تي ۽ ڄام جوڻي جي موافقت سان شيخ الاسلام صدرالدين ملتاني ۽ اُچ جي بزرگ مخدوم جهانيان 'جهان گشت' (جو حضرت بهاؤالدين زڪريا جي روحاني سلسلي جو درويش هو) وچان پئي صلح ڪرايو. مخدوم جهانيان، ڄام جوڻي جو مرشد هو ۽ سنڌ سان سندس خاص تعلق هو، ۽ انهيءَ ڪري سندس ملفوظات ۾ پڻ دهلي ۽ سنڌ جي سياست بابت ڪافي ڪجهه ذڪر موجود آهي. بهرحال، سمن سردارن توڙي عوام جو انهيءَ دور ۾ ملتان ۽ اُچ جي بزرگن سان روحاني تعلق رهيو، ۽ اِنهيءَ روحاني تعلق پڻ سنڌي ۽ سرائڪي جي رشتي کي مضبوط ڪيو. ازانسواءِ سمي ڄام سڪندر جي ڏينهن ۾ بهاولپور وارو ڀاڱو سمن جي حڪومت ۾ شامل ٿي چڪو هو، جنهنڪري سنڌ جي سياسي اثر سببان اتي جي ٻولي تي پڻ سنڌي جو اثر پيو.

انهن سياسي ۽ روحاني اثرن سببان، سنڌي ۽ ملتاني جو سنٻنڌ وڌيو: هڪ طرف ملتان کان ڏکڻ طرف موجوده بهاولپور واري خطي جي زبان تي سنڌيءَ جو گهرو اثر پيو، جنهنڪري

اتي جي ٻولي جنهن کي هينئر سرائڪي، بهاولپوري يا 'ديري والي' چئجي ٿو، ان ۾ سنڌي لفظن ۽ محاورن جي آميزش شروع ٿي؛ ٻئي طرف وري سنڌ جي حدن اندر اها سرائڪي ٻولي رائج ٿي ۽ نائين صدي هجري جي شروعات ڌاري اها مقامي ڪتبن ۾ لکيتن ۾ استعمال ٿيڻ لڳي، جنهن جو ثبوت چام سڪندر جي ڏينهن جي هڪ ڪتبي مان ملي ٿو.

تعلقي اباوڙي جي سرحد جي ويجهو ضلعي رحيم يارخان ۾ شهر 'سنجرپور' لڳ 'سروَاهي' جا کنڊر آهن، جن جي پرسان هڪ پراڻي کوه کي کيڻ ڪندي، ان مان هڪ سير لڌي وئي، جنهن تي هيٺيون ڪتبو لڳل هو:

سلان' سلبند تيپان، ڦگيا نام نصير
کئو کٽايا پُتر گاموَن دي، اونڙ نام همير
وقت سڪندر بادشاه ملڪ ڏني پهلوان
رعيت راضي ايهه جيهي' جو ٻڍا نيت جوان
هڪ لک سلان لڳ چڪيان، تيا کئو تمام
تريءَ سؤ ٻوٽي باغ دي راڌي اونڙ چام

(يعني ته نصير ڦگيي نالي سر بند سرون جوڙيون؛ انڙ پٽ گامڻ (يا همير پٽ گامڻ انڙ) جي کوه کٽايو - ملڪ ڏني سڪندر بادشاهه جي وقت ۾، جڏهن رعيت اهڙي ته خوش هئي جو ٻوڙهو به هميشه جوان هو؛ هڪ لک سرون لڳيون جو کوه جڙي راس ٿيو، ۽ انڙ چام، باغ جا ٽي سؤ ٻوٽا پوکايا.)

مٿيون ڪتبو مرحوم مولانا محمد حفيظ الرحمٰن بهاولپوري پنهنجي ڪتاب "ذکر کرام" ۾ نقل ڪيو آهي، ۽ اردو صورتخطيءَ ۾ لکيو اٿس(١). اصل سر تي انهيءَ عبارت جي حرفن ۽ لفظن جي هوبهو صورتخطي ڪهڙي هئي سو معلوم

---

(١) ڏسو "ذکر کرام"، مطبوعه محبوب المطابع پريس دهلي، شايع ڪرده بهاولپور سنه ١٣٥٧هه، ص ص ١٢٨-١٢٩.

ناهي. البت ڪافي يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ ”سڪندر بادشاهہ“ مان مراد ڄام سڪندر سنڌ جو ٻيو بادشاهہ آهي، جنهن جي ڏينهن ۾ مٿيون اٽڙ ڄام اهو ڪوه ڪٺايو. سمن ۾ 'ڄام سڪندر' نالي سان ٻہ بادشاهہ ٿي گذريا آهن. ڄام سڪندر ثاني (چوڏهون بادشاهہ) فقط سال ڏيڍ کن حڪومت ڪئي، جنهنڪري ان ڏانهن هن ڪتبي جو حوالو ٿي نٿو سگهي. البت ڄام سڪندر اول (نائون بادشاهہ) جنهن جو پورو لقب ۽ نالو غالباً ”صدرالدين ڄام سڪندر شاهہ بن خيرالدين ڄام تماچي“ هو، سنہ ٨١٦هہ (١٤١٣ع) ڌاري تخت تي ويٺو(١) ۽ جيتوڻيڪ سندس حڪومت جو عرصو پڪيءَ طرح معلوم ناهي، مگر هن ڪتبي جي بناء تي چئي سگهجي ٿو تہ هن پنج ست ورهيہ يا اڃان بہ زيادہ حڪمراني ڪئي، جو سندس ايامڪاريءَ ۾ ملڪ جي آبادي ۽ رعيت جي خوشحالي وڌي.

اسان مٿين قسم جي سر جي 'موجودہ سنڌ' جي حدن اندر جهونن ڪنڊرن ۾ تلاش ڪئي. هڪ پيري اهي جهونا ڪنڊر ووڙيندي اسان تاريخ ٩- جولاء سنہ ١٩٥٨ع ۾ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ميان الياس محمد ڪلهوڙي جي قبي تي پهتاسون. معلوم ٿيو تہ ميان الياس محمد کان اڳ پڻ اتي مقام هو ۽ ان جي آثارن بابت پڇا ڪندي، اتي جي مجاور پيرل فقير لاشاري کان معلوم ٿيو تہ سال کن اڳ (يعني ١٩٥٧ع ۾) قبرستان جي ڏکڻ-اوڀر واري پاسي ۾ جتي سندن ڪنهن فوت ٿيل ماڻهوءَ جي قبر کنئي تہ اندران زمين مان هڪ سر نڪتي، جنهن تي اکر هئا، جي ماڻهن پڙهيا تہ ”ٽپڻ والي ٽپي سڪندر دي واري دي(٢)“. پيرل فقير کي انهيءَ سر جي ڪتبي مان

(١) سمن بادشاهن جي سلسلي ۽ حڪمراني لاءِ ڏسو اسان جو انگريزيءَ ۾ لکيل مضمون ”سنڌ جي سمن بادشاهن جو سلسله' حڪومت“ جنهن جو حوالو اڳي اچي چڪو آهي. (٢) انهيءَ موقعي تي، دوست محترم محمد اسماعيل خان نون (ان وقت ڊپوٽي ڪليڪٽر، دادو) ۽ بندہ راقم گڏ هئا ۽ پيرل فقير جي هن زباني کي بروقت قلمبند ڪيو ويو.

فقط ايترا الفاظ انهيءَ نموني ۾ ياد رهجي ويا هئا، پر غالباً ان ۾ سيربند جو توڙي ڄام سڪندر جو نالو اهڙي ڏي سهڻي سليقي سان ڏنل هو جهڙو متين ڪتبي ۾ آهي. پرل فقير جي اها اکين ڏٺي شاهدي نهايت قيمتي آهي، ڇاڪاڻ ته ان مان معلوم ٿئي ٿو ته ڄام سڪندر سمي جي عهد ۾ پڪين سرن تي ڪتبن لکڻ جو رواج عام هو.

بهاولپور رياست جي قديم آثارن مان هڪ ٻي لکيت جو پتو لڳو آهي، جنهن جو تعلق ٻڻ سمن جي دور سان آهي. انهيءَ لکيت مان هڪ ته اتر طرف سمن جي حڪومت جي حدن جو پتو پوي ٿو ته ٻئي طرف انهيءَ علائقي ۾ ان وقت جا ٻولي سرڪاري لکيتن ۾ ڪم آندي ٿي وئي ان جا آهڃاڻ ملن ٿا. 'مروٽ' جي قديم ڪچي قلعي(١) جي دروازي جي هڪ سر تي لڳل هندي(؟) صورتخطيءَ ۾ هيٺيون ڪتبو هٿ آيو آهي(٢):

"سنبت ١٥٤٨ بيرکي پوه سُدي ٢، مروٽ پتا
ملڪ ڄام سومرا ڪوٽ پاڪيي ڪيل ڦرائي."

هن ڪتبي مان معلوم ٿئي ٿو ته سنبت ١٥٤٨ (١٤٩١ع) ۾ ڄام سومرو سنڌ جي سمن بادشاهن طرفان هن قلعي جو حاڪم (ملڪ) هو، جنهن انهيءَ سال ۾ هن قلعي جي مرمت ڪرائي. جيئن ته مروٽ جو قلعو بيڪانير جي حدن کي ويجهو آهي، انهيءَ ڪري هن ڪتبي جي ٻولي توڙي صورتخطي تي انهيءَ طرف جو رنگ چڙهيل آهي.

متين شاهدين مان ثابت ٿئي ٿو ته نائين صدي جي

---

(١) هن قلعي جا کنڊرات، قديم هاڪڙي درياهَ جي ڏاکڻي ڪناري تي (29: 10N – 72 :23E) واقع آهن.
(٢) ڏسو 'بهاولپور رياست گزيٽيئر' (پنجاب رياست گزيٽيئر سلسلو نمبر xxxvi-A, 1904) مطبوع لاهور ١٩٠٨، ص ٣٤٣.

شروعات ڏاري اتر سنڌ (بهاولپور جي حدن سميت) ۾ خالص سنڌي ٻولي سان گڏ سرائڪي ٻولي ٻه رائج هئي ۽ لکجڻ ۾ ٿي آئي. پيو نہ خاص سرحدي ڀاڱن ۾ مقامي لحاظ سان انهيءَ خطي جي ئي ٻولي سرڪاري ڪتبن ۾ استعمال ٿي ڪئي وئي.

۴. تعليمي ۽ سرڪاري ٻولي. 'باب ڏهين' هيٺ بيان ٿي چڪو آهي تہ عربن جي حڪومت کان پوءِ سومرن جي دور ۾ پڻ غالباً دستور موجب عربي سرڪاري زبان طور جاري رهي. ازانسواءِ سومرا دين اسلام ڏانهن متوجہ ٿيا ۽ انهيءَ ڪري عربي ذريعي تعليم جو سلسلو جاري رهيو. سمن قبيلن سومرن کان اڳ دين اسلام قبول ڪيو هو، انهيءَ ڪري سمن قبيلن ۾ عربي تعليم جو سلسلو نسبتاً اڳاٽو رائج هو. هڪ تاريخي حوالي موجب 'ساوندي' (ساوڙي) جي اميرمحمد سمي جي وساطت سان سنسڪرت ۽ ٻين ڪن ڏيهي ٻولين سان عربي ۾ ترجما ٿيا(١). سومرن جي دور جي آخر ۾ سما قبائل حضرت بهاؤالدين زڪريا جي تبليغ ۽ روحاني فيض سببان شرع اسلام ڏانهن ويتر گهڻو متوجہ ٿيا ۽ منجهائن ڪيترائي صوفي درويش ۽ بزرگ پيدا ٿيا، جن سنڌ ۾ اسلامي تبليغ ۽ تعليم کي عوام ۾ رائج ڪيو. انهيءَ ڪري تعليمي ذريعي طور عربي سنڌ ۾ وڏيڪ رائج ٿي. سمن حاڪمن ذاتي طور درسي ڪتابن لکائڻ ۾ ڪوشش ورتي، جنهن جو ثبوت ان دور ۾ 'منطق' بابت لکايل هڪ درسي ڪتاب مان ملي ٿو، جو اتفاقاً زماني جي دستبرد کان بچي ويو آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين قلمي صورت ۾ موجود آهي(٢). منطق جي درسي ڪتاب "شمسيه

(١) ڏسو حاشيه ص ١٤٢

(٢) 'الزبدة' جنهن جو هيٺ ذڪر اچي ٿو سو سنڌ ۾ درسي ڪتاب طور پڙهيو ويو جيئن تہ سنڌ يونيورسٽي جي ڪتبخاني ۾ محفوظ قلمي نسخي جي حاشيه آرائي مان ظاهر آهي. هن ڪتاب جا ٽي قلمي نسخا

فيِ الميزان“ جي مطالعي کي وڌيڪ آسان بنائڻ خاطر ڄام اڙ عرف محمد سڪندر شاهه ثاني سنه ٨٠٥/٨٥٨ هه (١٣٠٦ع) ڏاري(١) منگلور (ڪاٺياواڙ) جي استاد ۽ عالم مولانا علاؤالدين(٢) کي چيو تہ هو ٽئين سر سمجهائي (شرح) سان اهو ڪتاب مرتب ڪري. جنهن تي مولانا علاؤالدين ’الزُّبدَة‘ نالي ”شمه في الميزان“ جي شرح لکي. ڪتاب جي مهاڳ ۾ مؤلف لکي ٿو:

فقد سالني من لايسعني ان اخالفه ــ الذي اقرّ بفضله الموافق والمخالف ــ والاحرى لمن يقصد في حقه مدحا يناسب فضله ان يراعى شجر حُساده وغيظ عداه، آنْ يرى مبصر ويسمع واع ــ وهوالملڪ المعظم ذوالحلم والعلم والجود والكرم محمد المعروف بانر بن فتح خان بن طوغاچي بن جام لازال له من التوفيق عُصام ومن التاييد قوام ــ ان اكتب ما يجرى مجرا الشرح للشمه في الميزان لينفع به من يهتم بشانها من الخلان ــ

(ــ يعني تہ: مونکي اهڙي هڪ هستي چيو، جنهن جي انڪار جي مونکي طاقت ناهي ــ جنهن جي فضيلت جا موافق توڙي مخالف قائل آهن ۽ جنو بہ سندس

لنڊن ۾ انڊيا آفيس لائبرري ۾ محفوظ آهن. هڪ نسخو ڪوٽڙي جي قاضين جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي. گجرات طرف پڻ هيءُ ڪتاب مقبول رهيو ۽ هڪ نسخو قاضي احمد ميان اختر جهوناڳڙهي مرحوم جي ڪتبخاني ۾ هو جو بنده جي نظر مان گذريو.

(١) هن سمي بادشاهه جي نالي، لقب ۽ دور حڪومت لاءِ ڏسو اسان جو انگريزي ۾ مضمون ”سنڌ جي سمن حاڪمن جو سلسله حڪومت“ پاڪستان هسٽاريڪل ريڪارڊس ۽ آرڪائيوز ڪميشن جي ٻئي اجلاس (پشاور) جي ڪارروائي، پاڪستان گورنمينٽ پريس، ڪراچي ١٩٥٧ع.

(٢) مصنف جو نالو، ’انڊيا آفيس لائبرري‘ جي هڪ نسخي جي پويان ڏنل آهي (ڏسو لائبرري جي ”عربي ڪتابن جي فهرست“، لنڊن ١٨٧٧ع، ص ١٥٦).

> ڪماحقه مدح جو خيال ڪري تنهن ڪي جڳائي ته سندس حامدن ۽ دشمنن جي ڪدورت کان ڪناره ڪشي ڪري تاڪه ٻين لاءِ حقيقت واضح ٿئي ۽ اهو آهي وڏو حاڪم، علم، ۽ حلم، سخا ۽ ڪرم جو صاحب محمد عرف انڙ پٽ فتح خان پٽ صدرالدين پٽ توڳاچي پٽ چام [جوڻو]. شال سدائين سندس ذاتي خوبين سان توفيق شامل حال هجي ۽ (ڏٺي جي) مدد سهارو هجي.)

بحيثيت سرڪاري زبان جي غالباً سمن جي دور جي شروعات کان وٺي فارسي جو دخل شروع ٿيو. ان جو مکيه سبب اهو هو جو ان کان اڳ تقريباً ٻن سون ورهين کان وٺي فارسي دهلي جي مرڪزي حڪومت جي دفتري ۽ سرڪاري ٻولي جي حيثيت ۾ ڪافي اهميت حاصل ڪري چڪي هئي ۽ صوبائي گورنرن جي دفتري زبان جي حيثيت ۾ هندوستان جي ڪُنڊي ڪُنڊ ۾ عام ڪاروباري زبان جي صورت ۾ رائج ٿي چڪي هئي. سمن جي طاقت جي اسرڻ وقت سنڌ جا پاڙيسري پرڳڻا، گجرات توڙي ملتان، سڌو سنئون دهلي جي ماتحت هئا ۽ اتي جا گورنر سنڌ جي سياسي انقلاب ــ يعني ته سومرن جي زوال ۽ سمن جي ايرندڙ طاقت ــ کي غور ۽ فڪر سان ڏسي رهيا هئا، خصوصاً ملتان جي گورنر عين‌الملڪ ماهرو، چام ٻانڀڻيي سمي سردار جي سرڪشي کي شڪي نگاهن سان ڏسندي، سومرن جي آخري حاڪم همير پٽ دودي کي ڪوشش ڪري پٺي همٿايو ۽ "سندس وجود جي ٻوڏي کي حادثن جي تند هوا کان بچايو"، ۽ ساڳئي وقت چام ٻانڀڻيي ۽ سندس حمايتين ۽ ساٿين کي هن خط و ڪتابت ذريعي پٺي چتايو ۽ هيسايو*. انهيءَ عرصي ۾ هڪ پيرو شيخ‌الاسلام

---

* انشاي ماهرو، مطبوع شعبه تاريخ، مسلم يونيورسٽي علي‌گڙهه، ص٨٧.

صدرالدين ملتاني ۽ سيد جلال الدين بخاري وچ ۾ پئي ڪن شرطن تي ٻنهي ڌرين (دهلي ۽ سنڌ) جي وچ ۾ صلح ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پر صلح ڪونه ٿيو. گورنر عين الملڪ سيوهڻ تي لشڪر چاڙهي موڪليو ۽ جام ٻانڀڻيي انهيءَ لشڪر ساڻ پڻ خط و ڪتابت ذريعي ڳالهيون هلايون پر ڪو ڦڙ تيل ڪونه نڪتو. گورنر عين الملڪ انهيءَ سڄي سياسي هنگامي جو پنهنجن ڪن خطن ۾ ذڪر ڪيو آهي، جي هن سنڌ جي ڪن سربراهن ۽ بااثر شخصيتن ڏانهن لکيا. انهن خطن ۾ سنڌ طرفان لکيل خطن ۾ جام ٻانڀڻيي جي سرڪشي ۽ حجتن ۽ سيوهڻ ۾ شاهي لشڪر ڏانهن سندس لکيل مراسلن جو ذڪر آهي*.

گورنر عين الملڪ جي خط و ڪتابت فارسي ۾ آهي ۽ يقيني طور جام ٻانڀڻيي ۽ سنڌ جي ٻين سربراهن طرفان لکيل پڻ فارسي ۾ ئي ٿي هئي. اها آڳاٽي ۾ آڳاٽي فارسي خط و ڪتابت آهي، جا دهلي جي مرڪزي حڪومت جي گورنر ۽ سنڌ جي طاقتور سمن سردارن ۽ ٻين سربراهن جي وچ ۾ ٿي؛ جنهن جو پڪو پختو تاريخي رڪارڊ موجود آهي. انهيءَ بناءَ تي چئي سگهجي ٿو ته سمن جي طاقت جي شروعات کان وٺي فارسي سياسي معاهدن ۽ مراسلن جي زبان تسليم ٿي. گورنر عين الملڪ جي خطن ۾ اهو اشارو پڻ موجود آهي ته 'جام جونا' (يعني جام ٻانڀڻيي جو چاچو جام جوڻو) ان وقت پڻ دهلي جي سلطان جي اطاعت جو خواهان ۽ هر شاهي فرمان مڃڻ لاءِ تيار هو؛ انهيءَ ڪري ئي بعد ۾ جام ٻانڀڻيي کي دهلي ۾ نظربند ڪري رکيو ويو ۽ جام جوڻي کي سلطان فيروز شاهه طرفان ٺٽي جو جام مقرر ڪيو ويو، ۽ هن علاؤالدين 'جام جونا' جي لقب سان اندازاً ٧٧٧ھ کان ٧٩٠|٩١ھ (١٣٨٨ع) تائين ٺٽي ۾ حڪومت ڪئي. سندس حڪمراني واري انهيءَ دور ۾، هن

* انشاي ماهرو، ص ص ١٦٠-١٦٢، ١٩٨-٢٠٣.

هڪ آڳاٽي بزرگ شيخ حاجي ابو تراب رحه جي مزار تي ٧٨٢هه ۾ گنبذ ٺهرايو ۽ ان تي هيٺيون ڪتبو هڻايو، جنهن جي شروع ۾ سلطان فيروز شاهه جو نالو آداب ۽ القاب سان ڪنيل آهي؛ ۽ ان بعد خود ’علاؤالدين ڄام جونا‘ جو نالو ڏنل آهي:

بعهدِ شهريارِ دهر سلطان داورِ دوران
شهِ فيروز منصور و مظفّر در صفِ ميدان
باسرِ سرفرازِ سند خاصِ حضرتِ عالي
که پاي قدر او اعليٰ ز فرّ فرقدِ تابان
ستوده ’ڄام‘ جم سيرت ’علاؤالدين‘ دريا دل
که از ارزانيِ لطفش جهان شد جمله آبادان
بر آمد اينچنين گنبد معلّيٰ کز صفا گوئي
بسانِ بيت مسعود آمد ست ازهارِ اين ايوان
مقامِ شيخ حاجي بوترابي آن ولي الله
که بر درگاهِ او گردد روا حاجاتِ خلق آسان
بسالِ هفصد وهشتاد و دو از هجرتِ احمد
زعونِ ايزدو ذوالمن والافضال والاحسان
بنا شد ثالثِ ماهِ صفر اين روضۂ ميمون
بسعيِ کمترينِ بندگانِ موسيٰ بن شهجان.

هيءُ ڪتبو اڄ ڏينهن تائين موجود آهي*، ۽ سمن حاڪمن جي دور جو آڳاٽي ۾ آڳاٽو ڪتبو آهي، جو عربيءَ جي

* اهو ڪتبو پٿر تي ڪنڊ ٿيل آهي، جو شيخ حاجي ابو تراب جي قبي جي اندر الهندين ديوار تي مٿي وچ ۾ لڳل آهي. بزرگ جو اهو قبو ٺٽي ۽ گهاري جي وچ ڌاري، ’گُجي‘ جي ڳوٺ کان ميل کن ڏکڻ اولهه ۽ ڪراچي ڏانهن ويندڙ شاهي پڪي رستي کان ٻه فرلانگ کن ڏکڻ طرف هڪ ٽڪري تي واقع آهي، جنهن جي چوڌاري جهونو قبرستان آهي. انهيءَ ٽڪري تي قديم دور جي ڪنهن کهني بستي جا آثار پڻ موجود آهن.

بدران فارسيءَ ۾ لکيل آهي. هن شاهي ڪتبي مان پڻ ظاهر آهي ته سمن جي حڪومت جي شروعات کان وٺي سرڪاري لکيتن ۽ يادگارن ۾ فارسي استعمال ٿيڻ لڳي، ۽ فارسي کي سرڪاري ٻولي جي حيثيت ۾ ملڪ جي ڪاروبار ۾ دخل شروع ٿيو.

(ب) سمن جي دور ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب جو روايتي ذخيرو

سومرن جي دور ۾ سواءِ 'دودي چنيسر' جي رزميه داستان جي، جنن کي آڳاٽن سگهڙن ۽ راوين، پنهنجن ۽ پانن حب‌الوطني جي لحاظ سان ڳايو، ٻيا مڙيئي داستان قصه خواني طور رائج ٿيا. 'عمر-مارئي' ۽ 'راڻي-مومل' جي قصن ۾ سومرن بادشاهن جي ساراهه يا سورهيائي جي بدران سندن اوڻاين جو پهلو پڻ نمايان آهي، انهيءَ ڪري غالباً اهي قصا سمن جي دور ۾ ئي ڪُليءَ طور ڳايا ويا.

ڪن تاريخي آکاڻين ۽ عام مروج مقامي روايتن جي جائزي مان معلوم ٿئي ٿو ته سومرن جي حڪومت جي زوال وقت سما سڪيا ستايا ۽ وڏا زميندار هئا. غالباً عوام جي همدردي حاصل ڪرڻ خاطر هنن دل کولي سخا ڪئي، جنهنڪري عوام سمن اميرن ڏانهن مائل ٿيا. پٽ ۽ پان، جي ان وقت جون اخبارون هيون، تن کي سمن سردارن خاص طرح ورسايو ۽ انهيءَ ڪري انعام جي اميد تي پٽن ۽ پانن سندن سخا کي ڳايو، ۽ سندن نانءُ ناموس کي وڌايو. سمن جي دور ۾ خاص طرح ڪن سمن سردارن، جهڙوڪ ڄام لاکي، ڄام جکري، ڄام اوڍي جکرائي، هنگورَ ٺٺ يائي، ورکي ڏاتار، راءِ ڏياچ وغيره جي سخا جا قصا مشهور ٿيا. سومرن جي بهادريءَ جي ڪارنامن جي پيٽ ۾، پٽن ۽ چارڻن وري ڄام لاکي، ڄام ابڙي سمي، ڄام ڀونگري، ڪارائڙي سمي ۽ ٻداماڻي ڀُنري جهڙن سمن سردارن جي سورهيائيءَ جا ڪارناما واکاڻيا ۽ پڌرا ڪيا.

ٻئي طرف انهن سگهڙن سومرن جي دور جي عشقيه داستانن سان گڏ سمن حاڪمن ۽ سردارن جي محبت جي داستانن (جهڙوڪ ڄام لاکي ۽ مهرراڻي، ڄام لاکي ۽ اوڍڻ، ڄام آڏي ۽ هوٿل پري، ڄام ڄراڙ ۽ بوبنا، ڄام تماچي ۽ نوري، دولهه دريا خان ۽ همون وغيره) کي ڳايو ۽ مشهور ڪيو.

چئي نٿو سگهجي ته سمن حاڪمن ۽ سردارن جي انهن قصن ۽ داستانن مان هرهڪ ڪهڙي خاص عرصي ۾ آيو، سواءِ 'ڄام تماچي ۽ نوري' جي داستان جي، جنهن جو بنياد ئي بالڪل سمن جي دور ۾ پيو. اهو داستان ڄام تماچي جي حڪمراني واري دور جو آهي. تاريخي مطالعي جي بناء تي چئي سگهجي ٿو "رڪن الدين شاهه ڄام تماچي بن فيروزالدين شاهه ڄام انڙ" پهريون ڀيرو سنه ٧٦٨ هه کان ٧٧٧ هه (١٣٦٦-١٣٧٥ع) تائين "خيرالدين ڄام تو ڳاچي" سان گڏ حڪومت ڪئي. ان بعد هو نظربند ٿي دهلي ويو ۽ سلطان فيروزشاهه جي وفات بعد سنڌ ۾ موٽي آيو ۽ غالباً سنه ٩١/٧٩٠ هه کان ٧٩٤ هه (١٣٨٨-١٣٩٢ع) تائين حڪومت ڪيائين*. انهيءَ لحاظ سان نوري ۽ ڄام تماچي جي محبت وارو داستان اٺين صدي هجري (چوڏهين صدي عيسوي) جي آخر جو آهي.

هوشيار ۽ هنرمند ڀٽن ۽ چارڻن نه فقط سمن سردارن جي سخا، سورهيائي ۽ محبت جي داستانن کي نئين سر زنده ڪيو، پر انهن کي 'قصه-خواني فن' جي لحاظ سان ڳايو، ۽ ڳائڻ خاطر 'ڳاهن' کي انهن قصن ۽ داستانن جي تاڃي پيٽي ۾ اُڻيو. 'ڳاهون' سٽاءَ جي لحاظ سان منظوم مصراعون آهن، جن ۾ قصي جي ڪن خاص نزاڪت وارن موقعن جو مضمون سمايل هوندو آهي. اهو معلوم ناهي ته 'ڳاهن سان ڳالهيون' ڪڏهن کان شروع ٿيون يا ڳاهن سان قصا ڪنهن جوڙيا، البت

---

* ڏسو راقم جو مضمون "سمن حاڪمن جو سلسله حڪومت"، ص ص ٢٣-٢٩.

سنڌ جي سگهڙن ۽ راوين جي زباني ايترو معلوم ٿئي ٿو ته، اهي ڳالهيون ۽ قصا زباني روايت طور آڳاٽي وقت کان پئي، پيا، چارڻن ۽ ٻين سگهڙ راوين جي زباني هلندا اچن، ۽ ننڍيا وڏن کان سکندا اچن. سمن سردارن جي سخا، سورهيائي ۽ عشقيه داستانن بابت ڏه-ٻارهن کن مشهور قصا آڳاٽي وقت کان رائج آهن ۽ چئي سگهجي ٿو ته جيتوڻيڪ انهن مان گهڻن جو واقعاتي بنياد غالباً سومرن جي دور ۾ پيو، پر قصه خواني جي لحاظ سان انهن جا افسانوي سانچا ۽ قالب سمن جي دور ۾ ٺهيا ۽ بنيا. انهن ۾ شامل 'ڳاهون' جيڪي اسان کي موجوده دور جي راوين کان مليون ٿيون ۽ جي هنن وڏن کان سکيون، سي سيئي آڳاٽي وقت جون معلوم نه ٿيون ٿين؛ ڇاڪاڻ ته گهڻين 'ڳاهن' ۾ لفظن توڙي خيالن جي ٻيهڪ گهڻو پوءِ جي پئي معلوم ٿئي. ازانسواءِ اهي ڳاهون، جن جي پهرين يا آخري مصرع ۾ وچ واري ورائي آهي ۽ جن جي هيئت بلڪل 'بيت' واري آهي، تن مان پڻ غالباً گهڻيون سپ پوءِ جون چيل آهن. البت ڪي ڳاهون لفظي سٽاءَ توڙي معنوي لحاظ سان آڳاٽيون معلوم ٿين ٿيون ۽ گمان غالب آهي ته اهي سمن واري دور جون آهن، جيتوڻيڪ سمن سردارن بابت قصن جي اڃان پوري تحقيق نه ٿي آهي، جو انهن ۾ آيل آڳاٽين ڳاهن کي صحيح طور سڃاڻي سگهجي. اسان پنهنجي موجوده تحقيق جي بناء تي ايترو چئي سگهون ٿا ته هيٺيان مثال انهن آڳاٽين ڳاهن جا آهن، جي غالباً سمن جي دور ۾ جوڙيون ۽ ڳايون ويون.

١. سمن سردارن جي سورهيائي بابت ڳاهون. سومرن جي دور ۾ پڻ سمن سردارن جنگين ۾ پاڻ موکيو. جيئن ته ڄام ڄونٽري ڪڄرن تي ڪاهيو، ڄام ابڙي سمي سامون جهليون ۽ سر ڏيئي سرهو ٿيو، ۽ سومرن جي زوال وقت ڄام هالي جي پٽ هوٿي ۽ ٻين همير سومري جي لشڪر سان مقابلا ڪيا. انهن بهادرن جي ڪارنامن کي غالباً سومرن جي دور ۾ ئي ڳايو ويو.

انهن مشهور جنگي ڪارنامن کان سواءِ، ٻين سومرن سردارن جي بهادريءَ جي ڪارنامن کي ٻڌ ڏيڻ ۽ ڀانئڻ ڳايو، جن مان چام لاکي ۽ ڪاراڙي سمي بابت ڳاهون ۽ بيت ڪافي اڳاٽا معلوم ٿا ٿين.

چام لاکو: سمن ۾ چام لاکو غالباً اڳاٽي ۾ اڳاٽو سومرو ۽ سخي سردار هو، جو سومرن جي دور ۾ ٻارهين صدي عيسويءَ ۾، يا ٻيءَ روايت موجب سومرن جي اوائلي عروج کان به اڳ، يعني ڏهين صدي عيسويءَ ۾ ٿي گذريو(١). 'شاهه جي رسالي' جي سُر ڏهر ۽ ٻين رسالن ۾ چام لاکي جي لوڙهين ۽ ريهارڻ تي سندس ڪاهن جو ذڪر موجود آهي(٢). لاکو هڪ وڏو سرڪش ۽ سورهيه جوان هو. چوائين ٿا ته 'جو مونکي منهنجي ڀيءُ ڦُل جي مرڻ جي خبر ٻڌائيندو، ان جي زبان وڍائيندس'. ٻوڙهه هڪ ڀاڻ حرفت ڪري، ڪهڙي نه طرح خبر ٻڌائي ته:

هڪ ڦُلَ ڀَسَجَنِ، واڙيُون، ٻيا جي ٻَنيُون ڏاڻَ،
لاکا! آءٌ مهراڻَ، تو ريءَ سُڃو ڪاڇڙو.

[يعني ته (ڦُل نالي سان هينئر کو ڏسجي ٿي ڪونه ٿو، سواءِ انهيءَ جي جو) هڪڙا ڦل (گل) ولين جي واڙين ۾، ۽ ٻيا ڦل (ڦلا) ٻلين ۾ پُچندي ٿا ڏسجن. لاکا! مهراڻ مثل، هاٿي آءٌ، جو تو کان سواءِ تنهنجو ملڪ 'ڪاڇڙو' سڃو آهي]

ڪاراڙو سمو: ڪاراڙو سمو، ڪڇ ۾ ڪُرڙي

(١) ڪڇ جي روايت موجب لاکو سنبت ٩٧٦، يعني ٩- صدي عيسوي جي آخر ۾ ڄائو، جنهن جي معنيٰ ته ڏهين صدي ۾ ساماڻو:

سنبت نو سؤ ڇاهتر، پيڄ تيٿي ڪارتڪ ماس
تهن ڏِهن لاکو جنميو، سورج جوت پرڪاس

(٢) تفصيل لاءِ ڏسو راقم جو لکيل ڪتابڙو "لاکو ڦلاڻي"، ڇاپيل 'سنڌي مجلس' سنڌ يونيورسٽي پريس، سنه ١٩٥٧ع.

آبڙاسيءَ جي پيڻنگهڙ ڄام جو پٽ هو. هيءُ وڏو سورهيه ۽ هاڻو هو ۽ ڪنهن تي سندس اک ڪانه ٿي پڙي. بالآخر ان وقت جي ڪڇ جي حاڪم ۽ سندس وزير هڪ ميٽ مٿي، جنهن ۾ ڪاراڙو ڪوٽ اندر گهيري ۾ اچي ويو، ۽ ڪوٽ تان وٺي ٽپ ڏنائين ته هيٺ ڪاهيءَ ۾ لوهين ميخن جي آڻين چنجن چولين مٿان وڃي ڪريو ۽ انگهون چڙهي پيس. مٿي پڃاڻان سندس سر وڍي اماڻيائون، جو سندس پيءُ پيڻگهي ۾ وڃهي لوڏيو ۽ پار ڪڍيائين ته:

ڪارايل جي ڪوڏ، مون ننگر سپ نهارئا
پيڻگهي پائسي لوڏ، سر سمي ڄام جو.

٢. سمن سردارن جي سخاوت بابت ڳاهون. سمن سردارن دل کولي سخا ڪئي ۽ ڏڏن کي ڏان ڏنا. ڀٽن ڀانن ۽ چارڻن کي وٽر ورسايائون، جن پنهنجن مربين توڙي سندن وڏن کي 'ڏاتار' ڪري ميڇيو ۽ مشهور ڪيو. اهڙيءَ طرح سمن سردارن مان 'ڏهه ڏاتار' مشهور ٿيا. مثلاً لاکو ڦلاڻي، جکرو اوڍاڻي، هٿند ٿڌياڻي، اونو جکراڻي، سپڙ چوٽاڻي، جسودن آگرو، ڄام وينجهو، وڪيو ڏاتار، راءِ ڏياچ ۽ ڄام ڪرن. ڀٽن ۽ ڀانن انهن ڏاتارن جي قصن ۽ ڪهاڻين کي ڳاهن سان ڳايو، جنهن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا.

ڄام لاکو ۽ سون وهائيندڙ سوداگر: ڄام لاکي جي سخا مشهور هئي. سندس گذري وڃڻ کان گهڻو پوءِ، ڪنهن سالڪ پراڻ درياء کان پڇيو ته:

جهوني تون پراڻ، جڳ چئيه سنيرين
تو ڪي ڏٺا هاڻ، لاکي جهڙا ٻهيڙا

پراڻ جواب ڏنو ته:

لاکا لک لنگهيا، آنءُ ڪروڙيون آءٌ
هيمر - هيڙائو هيڪڙو، جووري نه آيو موٽ.

يعني ته لاکا لکين آيا ۽ پڻ انڙ ڪروڙين آيا، پر 'سمون جو سوداگر' هڪ ئي مٿيو جو وري ڪونه آيو. چون ٿا ته لاکي جڏهن پڙاڻ تي منزل ڪئي هئي ته وٽن ٿڻن کي کهنبا ڏيکاريائين، پر سمن جي سوداگر وٽن ٻوٽن تي جي ڳهه ٽنگيا سي وري نه لهرايا.

وڪيو ڏاتار: وڪيي ڏاتار کان سومنگ چارڻ اڇي ڪمنڌائتا ڀيرون گهريا، جنهن تي وڪيي چيس ته:

انبن لڳي نه ڪيري، چارڻن لڳي نه ڇٽ
ور چارڻ، مات ڪر، جيسين اڇي وٽ

اوٺو جکراڻي: ڄام اڍي جو پٽ ڄام جکرو وڏو سخي هو، جنهن جي باري ۾ ڀٽائي صاحب پڻ چيو آهي ته "ڏسرجي ته ڏي، پرچي ته پٽ ڀري - جنگ جکري کي هئي چڱيون چت ۾". سندس اولاد مان ڄام اوٺو ٿيو، جو پڻ وڏو سخي ساماڻو. سندس باري ۾ هڪ آکاڻي ڳاهه آهي ته:

اوٺي جي ڏانن، ڪيهون آبر لڳيون
رَڄ ڀيٽي راڻين، ڏاتار تت ڏَٽجي وٺا

هٺند ٽڏياڻي: ڄام ساهڙ جي اولاد مان 'هٺند ٽڏياڻي' مشهور سخي ٿيو، جنهن لاءِ چياڻون ته:

ٽڏي نيچ ڏناس، سمون ساهڙ ڀٽ ۾
ڀڏرو ڀَر ڪنڌاس، هٺند ٽڏياڻي ٿئو.

سمن سردارن جي عشقيه داستانن بابت ڳاهون.

ڄام لاکو ۽ ڄام اڍو، سمن جي حڪومت جي دور کان

غالباً گهڻو اڳ ئي گذريا، ۽ سندن محبت جا داستان "ڄام لاکو ۽ مهر راڻي" ۽ "ڄام اُڍو ۽ هوٿل پري" – پڻ غالباً آڳاٽي وقت کان وٺي مشهور هئا. انهن داستانن کي سمن جي عروج ۽ حڪومت واري دور ۾ وڏي چاهه ۽ ذوق سان ڳايو ويو. "ڄام تماچي ۽ نوري" جي عشقيه داستان جو بنياد ئي سمن جي حڪومت واري دور ۾ پيو. "همون ۽ دولهه درياخان" ۽ "ٻوٻنا - جراڙ" جا داستان سمن جي آخري دور ۾ اُسريا. انهن مڙني داستانن جي روايتن ۾ ڳاهون ۽ بيت آهن، جن مان ڪي آڳاٽا آهن. هت اسان مثال خاطر صرف "ڄام اُڍي ۽ هوٿل پري" جي قصي بابت ڪي اهڙيون ڳاهون ۽ بيت ڏيون ٿا، جي ٻوليءَ جي سٽاءَ جي لحاظ سان آڳاٽا معلوم ٿين ٿا ۽ غالباً سمن جي دور جا چيل آهن. ڄام اُڍي جي ڀاڄائي متس سوهت هئي پر ڄام اُڍي پنهنجو سيل رکيو. جڏهن ڄام اُڍي ملڪ ڇڏيو تڏهن چيائين ته:

اُٺر سيگهون ڪيون، ڏونگر ڏمريا،
هينئڙو ڦٽڪي مچي جيئن، ساجن سنڀريا.

هوٿل پريءَ جو اُڍي لاءِ محبت جو اظهار:

اُڍا! تو سين آر، ڪَرَ وسرين نه سپ ڇمار،
شل ٿر-ٻاٻيهڙي ٿي مران.

وساريان نه وسرن، وسرن نه سين،
جي نه تمن نيڻ، ٿر-ٻاٻيهڙي ٿي مران.

اُڍي ۽ هوٿل پريءَ جي شادي:

رڻ وَڳڻ ماڍوو، ڇانيو ڏاڙهون ٻراڪ*،
اُڍو هوٿل پرڻيا، سورج ٻيرج ساک.

---

* ٻي روايت: "رڻ ۾ ڪريو ماڏوو، وڇائي ڏاڙهون ٻاڪ".

چونڊيءَ آنا چار، اڍي ھوٿل سين ڏنا.
اُڍي کي پنھنجي ساٿيھ ۽ سڄڻن جي ياد گيري:

چپر توتي چيٽ، وُڏي مينهن نہ آجرن،
ور جوين جا سيٽ، نين چتاريا نہ چلن.

ھوٿل پري نگامري جو اُڍي کي چڏي وڃڻ:

چڙهي پھڻ چڪاس، اُڍي کي ٿي آتھين،
ڦلين جھڙي نار، ويئي نگامري نکري.

اُڍي کي ھوٿل جي وڇوڙي جو غم:

پاڻي متي پن، جين تو پڏي آپڙي،
تين ھوٿل منھنجو من، لوڙهي وڏ و لھريين.

ھوٿل کي اُڍي جي وڇوڙي جو غم:

ڪاڻي ڪاھ ڪيٽون، جين سُرو ساڱھيڙون ڪري،
منھنجو تين ھينيون، اج اُڍي ڪاڏُ ڏُو.

سمن جي دور جي 'روايتي ادب' جي وڏي ذخيري مان مثيان چوند مثال ڏنا ويا آهن، جي سمن سردارن جي سورھيائي، سخا ۽ محبت جي داستانن سان تعلق رکن ٿا. ھڪ سمن جي سخا، پيو چارڻن، پٽن ۽ پانن کي انعامن جي اُميد ۾ انھون سنڌي ٻوليءَ ۾ بيان جي قوت ۽ قصه خواني جي وڏنڍڙ صلاحيت انھيءَ روايتي ادب کي ورثايو ۽ وڌايو. پٽن، پانن ۽ چارڻن نہ صرف انھن قصن ۽ ڪارنامن کي نئين سر جياريو ۽ ملڪ ۾ مشھور ڪيو، مگر 'ڳاهن' ۽ 'بيتن' کي انھن داستانن جي تاڃي پيٽي ۾ آڻيو ۽ انھن قصن کي خاص اھتمام سان ڳايو؛ ۽ اھڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ ۾ قصه خواني جي فن کي اوج تي پھچايو.

ماموين جا بيت. 'ماموين جا بيت' پڻ سمن جي دور جي هن روايتي ادب جي سلسلي ۾ شامل آهن، پر واقعات جي لحاظ سان 'نيم تاريخي ۽ روايتي' حيثيت رکن ٿا. هيٺ انهن بيتن تي تنقيدي نگاه سان روشني وڌي وڃي ٿي.

عام روايتن ۾ ڪجھ جيترا بيت ماموين (هفت تن) ڏانهن منسوب آهن، پر انهن جي متاع ٽوڙي معنيٰ سان ظاهر آهي ته اهي گهڻو پوءِ جا ٺهيل آهن. البت هيٺين ٻن بيتن جي مضمون جي اندروني شهادت مان معلوم ٿئي ٿو ته غالباً اهي سومرن جي حڪومت جي زوال ۽ سمن جي عروج واري وقت جا آهن*.

* انهن 'بيتن' جي اصلوڪي متاع غالباً اهائي 'دوهن' واري ٿي سگهي ٿي، جا متن ۾ ڏني وئي آهي؛ ڇاڪاڻ ته جنهن دور (اندازاً ٧٥٠هه) سان اهي 'بيت' تعلق رکن ٿا، ان کان ڏيڍ سؤ ورهيه پوءِ تائين به اسان کي دوهن جي صورت وارا بيت ئي ملن ٿا. 'وچ واري ورائي' سان تاريخي طور ثابت بيت اسان کي پهريائين ٩٠٠هه ڌاري شيخ عبدالجليل چوهڙ رحه جي سماع جي مجلسن ۾ ملن ٿا (جن جو ذڪر اڳتي ڪيو ويو آهي).

عام طور انهن 'ماموين' وارن بيتن جي اڙهٽي هن طرح ملي ٿي:

١- هاڪ وهندو هڪڙو، پڇندي پنڌ اروڙ،
بيهي مڇي ۽ لوڙهه، سمي ويندي سوڪڙي.
٢- ننگر جي آڏار، متان ويهجو ماڙهئا،
پراڻا پرار، نوان اڏجؤ نجهرا.

اها پڙهٽي ظاهراً هن پوئين دور جي آهي. حڪايت مطابق اهي بيت ساموئي يا ٺٽي ۾ پڙهيا ويا، پر لفظ "پڇندي" ٺٽي جي ٻولي مطابق ناهي. عام روايتن ۾ 'سمي ويندي سوڪڙي'، 'سمي ايندي سوڪڙي' توڙي 'سمي ايندا سوڪڙي' فقرا ملن ٿا، حالانڪ معنيٰ جي لحاظ سان سڀني جو مقصد ساڳيو آهي.

'هاڪڙي جي وري وهڻ' واري روايت، اسان کي بهاولپور واري خطي مان پڻ ملي ٿي. اتي 'مروٺ' جي قديم قلعي جا حاڪم سومرا هئا. انهن کان پوءِ 'سوڍا راءِ' اتي جو حاڪم يا امير ٿيو.

١– هاڪ وهي هاڪڙو، پڳي ٻنڌ اروڙ،
سمي وڃن سوڪڙي، ٻهي، مڇي ۽ لوڙ.
٢– جيم ويهجا ماڙهئا! ننگر جي آڌار،
نسوان اڏجا نجهرا، پڙاڻان پرار.

انهن بيتن جي مضمون کي سمجهڻ لاءِ تاريخي پس منظر کي سمجهڻ ضروري آهي. اندازاً چوٿين صدي هجري جي وچ ڌاري*، اروڙ وٽان درياءَ جي رخ ۾ ڦيرو آيو، جنهن سببان درياءَ جو مکيه وهڪرو ڦري، بکر وٽان هيٺ سيوهڻ ۽ ٺٽي طرف کان ٿيڻ لڳو ۽ اڳين مکيه درياءَ هاڪڙي (اپرندي ناري) ۾ پاڻي گهٽجڻ لڳو. ان بعد اهنڌ ڏن سوَن سالن ۾– يعني اٺين

سومرن جي ڪنهن حمايتي هن طرح پنهنجي جذبات جو اظهار ڪيو ته:

هڪڙا ڦير پي وهسي، نديان وهسن سيڙ
اسي چايا نسي جمسي، سوڍا راه امير

(ڏسو مضمون ”اڪبر اعظم اور بهاولپور: عمر ڪوٽ اور مروٽ“، رسالہ العزيز، بهاولپور، ماه فروري سنه ١٩٤١ع، ص ٣٨). بهرحال هاڪڙي جي وهڻ بابت هي مصراعون پڻ ’دوهي‘ جي صورت ۾ آهن ۽ قافيو ٻنهي مصراعن جي پڇاڙيءَ ۾ آيل آهي.

* روهڙيءَ لڳ سنڌو درياءَ اندر هڪ ننڍڙي ٻيٽ ۾ ’خواجه خضر‘ جي درگاه جي الهندين ديوار ۾ هڪ سر لڳل آهي، جنهن تي فارسيءَ ۾ ’ڪتبو‘ لکيل آهي، جنهن ۾ ”درگاه عالي“ مان سنه ١٣٤١ هجري ملي ٿو. ان ڪتبي جو فوٽو ڇپجي چڪو آهي (ڏسو: ڪزنس جو ڪتاب ”سنڌ جا قديم آثار“، ڪلڪته ١٩٢٩ع، ص ١٤٥). ڪتبي جي مضمون مان اهو گمان ڪيو ويو آهي، ته شايد هو سنڌو درياءَ جي رخ بدلائڻ جو يادگار آهي (ڏسو: ميجر راورٽي جو ڪتاب ”سنڌ جو مهراڻ“، ص ٣٩٢). تاريخ جي ماده وارو فارسي بيت يقيني پوءِ جو آهي، پر ٿي سگهي ٿو ته اهو ڪنهن اڳاٽي ”ڪتبي“ جي جاءِ تي هٿايو ويو هجي. ١٩٤٤ع ۾ اهو ڪتبو راقم پاڻ ڏٺو هو، پر گذريل پنجن ستن سالن کان درياءَ جي چاڙه سببان اها درگاه ٻڏي وڃي ٿي، ۽ شايد هاڻي اهو ڪتبو پڻ ضايع ٿي ويو هجي.

صدي هجري يا چوڏهين صدي عيسويءَ جي وچ ڌاري، سچو درياءَ پلٽ کائي بکر ۽ سيوهڻ وٽان وهڻ لڳو ۽ هاڪڙي جي حيثيت فقط هڪ 'ڦاٽ' جي وڃي رهي. انهيءَ ڪري هيٺ پٽران ۽ هاڪڙي ڊوري وارا ڪچا پٽ غيرآباد ٿي ويا ۽ ٿر وارو پاسو وڌيڪ سرسبز ۽ آباد ٿيو. اهوئي سبب هو جو سيوهڻ ۽ ٿر طرف وارن سمن زميندارن زور ورتو، ۽ وڳهه ڪوٽ، روپاهه ۽ عمرڪوٽ جي وچ واري ملڪ جي شادابي گهٽجي وئي، ۽ پڻ سومرن جي مالي حالت ڪمزور ٿيڻ لڳي*. سمن جي اندروني طاقت جي مقابلي ۾، سومرن جي پوئين حاڪم همير پٽ ڊوڊي کي ٻاهران سلطان فيروز شاهه تغلق جي طرفان ملتان ۽ گجرات جي گورنرن مدد ڏني ڪئي، ۽ سنڌ ۾ سومرن جا گهڻگهرا پڻ انهن اميدن تي پئي نڪتا، جيڪي انهن بيتن ۾ ظاهر ڪيل آهن، يعني ته:

١- هاڪڙو درياءَ وري چوٽ وهندو ۽ اروڙ واري بند چاڙ ته ڀڄي، پوءِ (ٿر جي حاڪم) سمي ڏانهن ٻيهه، مڇي ۽ لوڙهه سوڪڙي ٿي ويندا (چاڪاڻ ته درياءَ جيڪڏهن هاڪڙي مان سير ڪري وهندو ته، ٿر واري پاسي پاڻي ايترو ڪونه چڙهندو، جو اتي ٻهه، مڇي ۽ لوڙهه ٿين).

٢- اي ماڙهئا! (سمن جي ٿئين وسائل) ٿر شهر لڳي، ملتان وڃي ويهو (جو اتي پاڻي به ڪونه ملندو، هاڪڙو درياءَ چاڙ وري وُڙهو، انهيءَ ڪري چڱو ائين ٿيندو ته) پٽران جي پڊان وڃي پنهنجا نوان گهر اڏيو.

سنڌ جي عام روايت موجب 'ما وڙين جا بيت' سمن جي اوائلي دور ۾، جام تماچي جي عهد ڏانهن منسوب آهن. اها روايت مختصر طور هيئن آهي ته: ستن درويشن (هفت تن) جام تماچي کي ٻڌايو ته 'سندس تخت هيٺان جيڪو ناٽي ۽ بخت

* تاريخ طاهري جي بيان مان پڻ انهيءَ جي تصديق ٿئي ٿي.

جو محافظ نانگ آهي، تنهن جو منهن دهليءَ ڏانهن آهي؛ انهيءَ ڪري لوهو گرز هٽائي ڇڏي ته جيئن نانگ اتان نڪري نه وڃي.' ٻهراڻين سندن ڳالهه نه مڃي وئي، پر بالاخر جڏهن آزمودي خاطر، ڏڳهو لوهو گرز هيٺ ٺوڪي وري ٻاهر ڪڍيو ويو ته رت سان ڀرجي آيو. ان جو تعبير اهو ڪيو ويو ته نانگ دهليءَ طرف سرڻ وارو هو ۽ اتفاق سان گرز ان جي پڇڙيءَ تي وڃي ڪتو هو، پر وري ٻاهر ڪڍڻ سان ان کي آزادي ملي وئي ۽ نانگ دهليءَ طرف هليو ويو. انهيءَ ڪري هتان جي ڄاڻ ڦٽي، ۽ تخت دهليءَ جي حوالي ٿيندو.

انهيءَ روايت جو بنياد يقيني طور انهن تاريخي واقعن تي آهي، جي سمن جي اوائلي دور ۾ ٿي گذريا. دهليءَ جي سلطانن ۽ سنڌ جي حڪمرانن جي ڪشمڪش چوڏهين صدي عيسوي جي وچ ڌاري شروع ٿي چڪي هئي. اول سلطان محمد بن تغلق ٺٽي تي چڙهي آيو، جو سنڌ جي سومرن ۽ سمن، گجرات جي هڪ باغي 'طغي' کي پناه ڏني. سلطان محمد تغلق انهيءَ چڙهائي وقت بيمار ٿي، پنهنجي لشڪرگاه ۾ ٺٽي کان ڪجهه فاصلي تي گذاري ويو. ان بعد سلطان فيروز شاه سنڌ تي ڪاهه ڪئي، ۽ ٻهريون دفعو پنهنجي ڪمزور حالت سببان ميدان ڇڏي گجرات طرف هليو ويو. اتان موٽي وري اچي ٺٽي کي گهيرو ڪيائين، پر سمن حاڪمن مان خصوصاً ڄام ٻانڀڻي جي همت ۽ جرأت سببان قدم به اڳتي وڌي نه سگهيو. بالاخر شيخ الاسلام صدرالدين ملتان وارو ۽ مخدوم جهانيان 'جهان گشت' اُچ وارو وچان پيا، جنهن موجب ڄام ٻانڀڻيو ۽ ڄام جوڻو، سلطان فيروز شاه تغلق سان گڏجي دهلي ويا؛ پر پوءِ ٻيهان ملڪ جي واڳ وري به ڄام ٻانڀڻي جي ڀاءُ ڄام تماچي ۽ ڄام جوڻي جي پٽ ڄام تو ڳاچي جي هٿن ۾ رهي. انهن واقعن مان ظاهر آهي ته انهيءَ ڪشمڪش جي مڙني معرڪن ۾ سنڌ جو منهن مٿي رهيو، تخت بخت سمن ڄامن جي حوالي رهيا. مگر آخر ۾

دهليءَ ڏانهن وڃڻ بعد ڄام جوڻو پنهنجن کان ڦري ويو، انهيءَ ڪري دهليءَ طرفان ڪيس تقريباً سنه ٧٧٧هه/١٣٧٥ع ڌاري سنڌ تي چاڙهي موڪليو ويو ۽ هن اچي تخت تي قبضو ڪيو، ۽ ڄام تماچيءَ کي نظربنديءَ جي حالت ۾ دهليءَ وڃڻو پيو. انهيءَ واقعي کي ائين تعبير ڪيو ويو ته ڄام تماچي درويشن جي صلاح نه مڃي، جنهنڪري تخت ۽ بخت جو محافظ نانگ دهليءَ طرف هليو ويو، ۽ نتيجو اهو ٿيو جو ڄام تماچي نظربند ٿي ويو، ۽ ڄام جوڻو دهليءَ جي هڪ تابع جي حيثيت ۾ اچي سنڌ جو حاڪم ٿيو.

اها 'هفت تن' ۽ نانگ واري حڪايت ڄام تماچي جي عهد جي واقعن جو پڙاڏو آهي، جنهن کي عام روايت ۾ ٻين بيتن سان ملايو ويو آهي؛ مگر مٿين بيتن جي مضمونن جي اندروني شهادت جي بناء تي چئي سگهجي ٿو ته اهي بيت 'ماموئن جي اڪٿي' نه آهن، بلڪ سمن جي عروج وقت، سومرن جي خيرخواهن طرفان اڳين حالتن جي موٽڻ جون تمنائون آهن.

سمن جي دور ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب جا روايتي اهڃاڻ مٿين چئن مکيه عنوانن — سمن سردارن جي سورهيائي، سخاوت، عشقيه داستانن ۽ ماموئن جي بيتن — سان تعلق رکن ٿا، جن تي قدري تفصيل سان روشني وڌي ويئي آهي. سمن جي دور جو اهو روايتي ذخيرو، سومرن جي دور جي روايتي ادب جي سلسلي جي ڪڙي آهي. ٻنهي جون ساڳيون خصوصيتون آهن: يعني ته قصا ۽ ڪهاڻيون، جنگي واقعات ۽ عشقيه داستان مکيه قالب آهن؛ جن ۾ قولن ۽ قرارن، پهاڪن ۽ چوڻين جي صورت ۾ سنڌي لفظن، اصطلاحن ۽ محاورن کي استعمال ڪيو ويو آهي. 'ڳاهون'، جي اصولي طور دوهن جي صورت ۾ منظوم مصراعون آهن، سي هن ادبي ذخيري جي جند جان آهن ۽ سنڌي نظم جو بنياد آهن. انهن ڳاهن مان ئي سنڌي 'بيت'

آمريا، جي امان کي سمن جي اوائلي دور بعد تاريخ جي روشني ۾ نظر اچن ٿا.

بهرحال سمن جو اوائلي دور، سومرن جي دور وانگر سنڌي ٻوليءَ جي قصن ۽ ڳاهن، ٻاڪن ۽ اڳڪٿين وارو روماني دور هو، جنهن ۾ هڪ ته سنڌي ٻوليءَ ۾ شاعري سرجي ۽ ساماڻي، ۽ ٻيو ته روايتي قصن ذريعي ٻوليءَ ۾ بيان جي صلاحيت پيدا ٿي. سمن جي اوائلي دور واري هن روايتي ادبي ذخيري تي روشني وجهڻ بعد، هاڻي اسان سمن جي دور جي تاريخي ادبي سرمايي جو تفصيلي جائزو وٺنداسون، ڇاڪاڻ جو اهو صاف سنڌي ٻوليءَ جو اوائلي ۽ اهم تاريخي رڪارڊ آهي.

(ج) سمن جي شروعاتي ۽ وچين دور ۾ سنڌي ٻولي ۽ شعر جو تاريخي سرمايو.

١. سنڌين جو هڪ جنگي 'رجز' يا نعرو: سمن جي اوائلي دور ۾، سنڌي فوج جو هڪ جنگي رجز يا سنڌ وارن جو هڪ عام ٻاڪو ملي ٿو، جو تاريخي صحت جي اعتبار سان نهايت اهم آهي. متي بيان ٿي چڪو آهي ته اول سلطان محمد بن تغلق سنڌ تي چڙهائي ڪئي، ۽ سنه ٥٢ ٧هه/١٣٥١ع ۾ ٺٽي جي ٻاهران بيمار ٿي گذاري ويو. ان بعد سلطان فيروز شاه سنه ٦٦/١٣٦٥ع ۾ ٺٽي تي چڙهائي ڪئي. سنڌ جي لشڪر ۽ سلطاني فوجن جي وچ ۾ ٿيڙين مقابلي بعد سلطان فيروز شاه جي لشڪر ۾ رسد جي ڪمي پيدا ٿي ۽ گهوڙن ۾ وبا جي بيماري پئي، جنهنڪري سلطان ميدان ڇڏي ڪوچ ڪري گجرات طرف هليو ويو. سندس ڪوچ وقت سنڌي لشڪر هيٺيون جنگي رجز يا نعرو بلند ڪيو، جو بقول همعصر مورخ سراج عفيف جي، ٺٽي ۾ ٻهاڪي طور مشهور ٿي ويو ته:

بابرڪت شيخ پٽو،
هڪ مٺو، هڪ ٿلو*.

يعني ته: 'پير ڌڻي جي برڪت سان هڪ مٺو ته ٻيو ٿلهو پيو'. اهو سنه ١٣٦٥/٦٦ع جو هڪ سنڌي نعرو يا پهاڪو آهي، ۽ تاريخي لحاظ سان نهايت اهم آهي.

٢. ڄام تماچي لاءِ دعا يا اڪٽي جا بيت. مٿي بيان ٿي چڪو آهي ته ڄام جوڻي جي سازش سبب ڄام تماچي سنه ١٣٧٥ع ڌاري سنڌ مان نظربند ٿي دهليءَ ويو، ۽ پويان ڄام

* "تاريخ فيروزشاهي" (تصنيف شمس سراج عفيف سنه ٨٠١هه) جي ڇپيل ايڊيشن (ڪلڪته، ١٨٩٠ع، ص ٢٣١) ۾ انهيءَ پهاڪي جي پڙهڻي هن طرح ڏنل آهي:

"به برڪت شيخ تهبه - اڪ موا اڪ تها"

پروفيسر هوڏيوالا پنهنجي ڪتاب 'Studies in Indo-Muslim History' (ص ٣٢٣) ۾ انهن لفظن کي هن طرح پڙهيو آهي:

"به برڪت شيخ پتها - اڪ موا اڪ بهگ"

ظاهر آهي ته 'تاريخ فيروزشاهي' جي ڇپيل نسخن ۾ اهي الفاظ بگڙيل صورت ۾ ڏنل آهن. مورخ سراج عفيف پنهنجي اصل دست خط نسخي ۾ يقيني طور اهي صحيح لکيا هوندا. اسان جي خيال ۾ انهن جي صحيح پڙهڻي هيٺين طور ٿي سگهي ٿي:

"به برڪت شيخ پتها - اڪ موا اڪ تتها"

"پتها" يعني "پٺا" (= پٽو)، ۽ "تتها" يعني "ٿٺا" (=ٿلو= ٿيو يا ٿهي پيو). پر مصنف سراج عفيف چوي ٿو ته اهو مقولو نٽي ۾ عام ٿي ويو هو. ظاهر آهي ته ٺٽي وارن جي ٻولي سنڌي هئي، ۽ انهن اهي چوڻي به سنڌي ۾ ٿي ٺاهي هوندي، جنهن کي "تاريخ فيروزشاهي" جي مصنف پنهنجي ٻوليءَ ۾ مٿين طرح ادا ڪيو؛ انهيءَ ڪري ان کي جيڪڏهن سنڌيءَ ۾ ادا ڪجي ته پوءِ اها چوڻي هن طرح بيهندي ته:

"با برڪت شيخ پٽو - هڪ مٺو، هڪ ٿلو"

جوڻو 'علاؤالدين' جي شاهي خطاب سان حڪمران ٿيو هو(١)، انهيءَ ڪري ماڻهن ۾ ڄام جوڻي لاءِ دلي محبت ڪانه هئي. اندازاً سنه ١٣٧٥ع کان وٺي سلطان فيروزشاه جي وفات واري سال ١٣٨٨ع تائين ڄام جوڻي حڪمراني ڪئي. انهيءَ سڄي عرصي ۾ ڄام تماچي دهليءَ ۾ نظربند رهيو، ۽ پويان ماڻهو غالباً ڄام جوڻي جي حڪمرانيءَ مان بيزار ٿي پيا. ملڪ جي عوام توڙي درويشن ۽ بزرگن جي همدردي ڄام تماچي سان هئي، ۽ هو دعائون گهرڻ لڳا ته ڄام تماچي موٽي اچي ٺٽي جو بادشاهه ٿئي. انهيءَ عام جذبي هيٺ سنڌ جي ٻن مشهور درويشن – ساموئي جي بزرگ شيخ حماد جمالي ۽ ڪيبرن جي درويش نوح هوٿياڻي – ڄام تماچي جي موٽي اچڻ ۽ تخت جي والي ٿيڻ بابت دعا طور اڳڪٿي ڪندي سنڌيءَ ۾ بيت ۽ فقرا چيا، جن بابت ڀرپور حوالو اسان کي ڪتاب "حديقةالاولياء" (فارسي) ۾ مليو آهي، جو ٺٽي جي سيد عبدالقادر حسيني سنه ١٠١٦هه ۾ تصنيف ڪيو. البت هن ڪتاب جي متن ۾ اهي سنڌي بيت يا الفاظ، جي انهن موقعن تي بزرگن جي زبان مان نڪتا، سي ذڪر ڪين آهن؛ انهيءَ ڪري انهن بابت اڄ تائين ڪجهه به معلوم ٿي نه سگهيو آهي. اتفاق سان اسان کي 'حديقةالاولياء' جي هڪ قلمي نسخي(٢) جي حاشيه تي لکيل، شيخ حماد جمالي جو سنڌي بيت توڙي درويش نوح هوٿياڻي جا موزون سنڌي فقرا ملي ويا آهن، جي هيٺ ڏجن ٿا.

(الف) شيخ حماد جو بيت. شيخ حماد بن رشيدالدين

---

(١) ڏسو متي ص ص ٨٦-٨٧. ڄام جوڻي جو حال فارسيءَ ۾ ڪتبو جو سلطان فيروزشاه جي حڪمراني جي ذڪر سان شروع ٿئي ٿو. ان ۾ ڄام جوڻي جو لقب 'علاؤالدين' ڄاڻايل آهي.

(٢) اهو نسخو اسان کي جناب قاضي فتح الرسول نظاماڻي ٽنڊه قيصر واري کان مليو.

جمالي سنڌ جي وڏن اوليائن مان هو ۽ اڄ جي مشهور درويش شيخ جمال جو ڏوهٽو هو. موجوده ٺٽي لڳ 'ساموئي' جي دامن ۾ سندس خانقاه هئي. حديقةالاولياء جو مصنف لکي ٿو تہ ”ڄام تماچي ۽ پٽس صلاح الدين کي هن بزرگ سان بيحد عقيدت هئي، ۽ هو روزانو سندس خدمت لاءِ ايندا هئا. ڄام جوڻي سازش سٽي، جنهن موجب چپ چاپ ۾ ٻنهي کي دهلي آماڻيو ويو، جتي هو نظربند رهيا. اتفاق سان بزرگ سندن غيرحاضري محسوس ڪري کين ياد ڪيو، پر سندن باري ۾ ڪوبہ خبر ڏيئي نہ سگهيو. بزرگ پوءِ پنهنجو خاص ماڻهو موڪلي سندن حويلي مان پڇا ڪرائي. جنهن تي حويليءَ وارن، بزرگ کي سڄي ماجرا نهايت عجز ۽ بيقراريءَ سان بيان ڪئي. هن بزرگ جڏهن اها خبر ٻڌي تہ غيرت وچان کيس جوش اچي ويو ۽ بيقراري کان اٿي کڙو ٿيو ۽ حجري ۾ هلڻ لڳو ۽ سنڌي زبان ۾ هڪ بيت چوڻ شروع ڪيائين، جنهن ۾ ڄام تماچيءَ سان محبت ۽ سندس (موٽي اچڻ جي) خواهش ظاهر ڪيل هئي“. ڄام جوڻي جڏهن اهو بيت ٻڌو تہ نهايت پريشان ٿيو ۽ سوار ٿي شيخ حماد وٽ پهتو، پر آخر نااميد ٿي موٽيو(١). اهو سنڌي بيت 'حديقةالاولياء' جي مٿي ڄاڻايل قلمي نسخي جي حاشيي تي، هن طرح لکيل آهي(٢):

جُونُو، مت آڻو، ڄام تماچي آءِ،
سماجهي باجهہ پيئي، تو سين ٺٽو، رءَا

---

(١) مير علي شير قانع، تحفة الڪرام ۾ (ص ص ٢٠٧-٢٠٩م، سنڌي ترجمو، ڇپايل سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٧ع) هيءُ ساڳيو ذڪر 'حديقةالاولياء' تان نقل ڪيو آهي ۽ روايت ۾ ٿورو اضافو ڪيو آهي. 'حديقة' جي مصنف وانگر مير علي شير پڻ اصل سنڌي بيت ڪونہ ڏنو آهي.

(٢) ڏسو عڪس [١٤].



[۴] 'حديقه" الاولياء' جي حاشيه تي ڏنل، شيخ حماد جمالي جو جام تماچي بابت چيل سنڌي ڪ ۾ بيت.

(ب) درويش نوح هوٽياڻي(۱): اٺين صدي هجري جي آخر ۾ 'ڪيبراڻي' واري اراضي ۾ هڪ نالي وارو درويش نوح هوٽياڻي رهندو هو، جنهن جي درگاه هن وقت حيدرآباد-هالا رستي تي ڪيبرن جي ڳوٺ کان ٻه ميل کن اتر-اوڀر واقع آهي. 'حديقةالاولياء' جو مصنف لکي ٿو ته "جڏهن ڄام تماچي ۽ ڄام صلاح الدين سنڌ پهتا ۽ ڪيبرن جي ڳوٺ وٽان اچي لنگهيا ته اتي جي درويش نوح ڪيبر کي ڏٺائون جنهن ڍڳن جي گوهر پئي چاري. ان موقعي تي ڪو شخص سندس گوهر ڏانهن وڌيو، جنهن تي بزرگ چيس ته 'ڄام تماچي جي حڪم سان منهنجي مال سان دست اندازي نه ڪر'. اهو ٻڌي نهايت عجب ۾ پيا ۽ اڳتي وڌي اچي درويش کان پڇيائون ته، ملڪ جو والي اڄان ڄام جوڻو آهي ۽ تماچي دارالخلافت دهلي ۾ نظربند آهي، پوءِ ڪيئن ٿو چوين ته 'ڄام تماچي جو حڪم آهي؟' درويش چيو ته 'مونکي تماچي جي خبر ڪانهي باقي هن ٻن ٽن ڏينهن کان وڻ تي ٻن پکين کان اهائي صدا ٻڌي رهيو آهيان ته ڄام تماچي جو حڪم آهي.' اها بشارت ٻڌي کين نهايت خوشي ٿي ۽ درويش سان پنهنجو سڄو احوال ڪيائون ۽ مقصد حاصل ٿيڻ خاطر پاڻ تي نذرانو مقرر ڪيائون(۲)".

غالباً انهيءَ موقعي تي درويش کين دعا ڪئي ته فتح اوهان جي آهي. 'حديقةالاولياء' جي ذڪر ڪيل قلمي نسخي جي حاشيي

---

(۱) 'حديقة الاولياء' ۾ "درويش نوح ڪيبر" لکيل آهي، پر سندس وڏي بزرگ جو نالو "هوٽي" هو، انهيءَ ڪري مقامي طور اڄ تائين "نوح هوٽياڻي" جي نالي سان مشهور آهي.

(۲) حديقة الاولياء (قلمي)، مير علي شير، تحفة الڪرام ۾ (ص ص ۳۹ ۽ ۵۸۴، سنڌي ترجمو ڇاپيل سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۷ع) ساڳيو بيان 'حديقة الاولياء' تان ورتو آهي، پر درويش نوح جي دعائيه فقري جو ذڪر ڪونه ڪيو اٿس.

تي چاڻايل آهي تہ ”چون ٿا تہ درويش نوح (ان موقعي تي) هيءُ بيت پڙهيو تہ:

جوٽو وڃين جهوري ماريو،
ڄام تماچي شهرين چاڙهيو(٢).

يعني تہ ڄام جوڻي کي وڃي پورو ڪريو، ۽ ڄام تماچي کي ملڪ جو بادشاهہ بڻايو.“

’حديقة الاولياء‘ جو قلمي نسخو، جنهن جي حاشيہ ۾ شيخ حماد جمالي وارو بيت ۽ درويش نوح هوٿياڻي وارا موزون فقرا ڏنل آهن، سو سنہ ١٢٤٠ ھ جو لکيل آهي؛ شيخ حماد وارو بيت ڪتاب لکندڙ ساڳئي ڪاتب جو لکيل آهي؛ جنهن جي معنيٰ تہ اج ڪان ڪو سؤ چاليهہ سال اڳ اهو بيت سنڌ ۾ اڃان بہ ڪن وڏڙن کي ياد هو، جو ان قلمي نسخي جي ڪاتب تائين پهتو، ۽ هن وضاحت خاطر حاشيي ۾ قلمبند ڪيو. درويش نوح هوٿياڻي وارا فقرا ٻئي ڪنهن جي هٿ اکرين مگر ڪافي اڳاتا لکيل آهن. شيخ حماد ڄام تماچي جي سنڌ پهچڻ کان اڳ اهو بيت چيو ۽ درويش نوح هوٿياڻي هي دعائيہ فقرا تڏهن چيا، جڏهن ڄام تماچي سنڌ ۾ پهچي ويو هو ۽ تني ڏانهن ويندي ڪيرن وٽان اچي لانگهائو ٿيو. تاريخي لحاظ کان ڄام تماچي غالباً سلطان فيروز شاهہ جي فوت ٿيڻ (١٨- رمضان ٧٩٠ھ - ١٣٨٨ع) تي دهلي ڇڏي؛ جنهن جي معنيٰ تہ شيخ حماد وارو بيت، سلطان فيروز شاهہ جي وفات واري تاريخ کان ڪجهہ اڳ جو ۽ درويش نوح هوٿياڻي جا دعائيہ فقرا، انهيءَ تاريخ کان ڪجهہ پوءِ جا چيل آهن. انهيءَ لحاظ سان اهي لڳ ڀڳ سال ٧٩٠ هجري يا ١٣٨٨ع جا چيل آهن.

٣. پير صدرالدين ۽ پير ڪبيرالدين جا ڳنان: خوجن

(٢) ڏسو عڪس [٥]. اصل صورتخطي ”جهُري ماريو“ ۽ ”شهرين چريو.“



بدریا رسیده رسیدند که بموضع کهران که آمدند درویش نوح کهرکه از جمله بزر
گواران آن قصبه بود دیدند که گاه گوسفندان را می‌چرانید و در اثنای آن درویش
به شخصی که در گوسفندان وی در آمد گفت که به حکم جام تماچی که در گوسفندان
من زیان ایشان را از اصغای این کلام تعجب تمام روی داد و پیش درویش
بنشستند و از حقیقت این مقوله باز پرسیدند که عجب که خلیفه جام جونه است
و تماچی در دار الخلافت دهلی محبوس و مانوس در بند و زندان است
تو حکم را بدو منسوب می‌سازی درویش گفت که حقیقت حال او را
نمیدانم اما روز بروز بیست که از زبان وحش و طیر و گیاه و نبات این
کلمات می‌شنوم که حکم جام تماچی است ایشان را از استماع این بشارت
بهجت و مسرت افزود و امیدوار گشته پیش درویش حقیقت حال
خویش اظهار نمودند و بوصول این مامول و حصول این مسئول نذری
بر خود قرار دادند و از آنجا روان گشتند بعد از دو سه روز از راه انبال
آمده محاذی بلده ساموئی آن طرف دریا بنشستند و چشم بر مقصد دوخته
و دیدند که هنوز کوکب سلطنت جام جونه در اوج است و دریای حکومتش
در موج جام صلاح الدین جام تماچی را همانجا گذاشت و خود در کشتی نشسته

[۵] ’حديقه- الاولياء‘ جي حاشيي تي ڏنل درويش نوح کيبرائي جو
جام تماچي لاءِ دعا طور چيل موزون فقرو

جا هي ٻئي پير، اندازاً ٧٧٥هه کان ٨٥٠هه واري پنجهتر سالن جي عرصي ۾، اتر مغربي هندوستان جي گجرات، سنڌ ۽ ملتان وارن ڀاڱن ۾ اسماعيلي فرقي جا داعي ۽ مبلغ هئا. هنن پنهنجي تبليغ ۾ گجراتي، ڪڇي، سنڌي ۽ هندي آميز منظوم هدايتن ۽ نصيحتن کي استعمال ڪيو، جن کي هن فرقي جي اصطلاح ۾ ”گنان“ (گيان) چيو وڃي ٿو*. اهي ’گنان‘ کوجن وٽ سنڌ ۾ توڙي سنڌ کان ٻاهر روايتي طور رائج آهن، ۽ ڪن وٽ ’خوجڪي صورتخطيءَ‘ ۾ لکيل آهن. هن وقت جيڪي ’گنان‘ زباني روايتن خواه قلمي مجموعن ۾ ملن ٿا، تن جي صحت بابت يقيني طور ڪجهه چئي نٿو سگهجي؛ ڇاڪاڻ ته سادا پنج سؤ ورهيه کن اڳ سنڌن پيرن کي ’گنان‘ چيا، پر اهڙو ڪو آڳاٽو مستند قلمي نسخو موجود ڪونهي، جو چئجي ته انهن پيرن جا ’گنان‘ سندن دور ۾ يا ٿورو پوءِ لکي محفوظ ڪيا ويا. سواءِ زباني روايتن جي ۽ سواءِ ڪن ٿورڙن گنانن جي– جن ۾ چوندڙ جو نالو آندو وڃي ٿو– اهو ٻڌائڻ مشڪل آهي ته ڪهڙا ’گنان‘ ڪهڙي پير چيا، يا جنهن وقت جنهن پير اهي ’گنان‘ چيا، ان وقت لفظ به لفظ انهن جي سٽاءُ ۽ صورت ڪهڙي هئي. هن وقت ساڳيا ’گنان‘ جڏهن مختلف شخصن وٽان ٻڌجن ٿا يا مختلف مجموعن ۾ پڙهجن ٿا ته انهن ۾ روايت جو اختلاف ۽ لفظن جي ڦيرڦار موجود آهي. سنڌ جي کوجن وٽ جيڪي ’گنان‘ عام رائج آهن، انهن تي سندن مادري زبان سببان سنڌي

* The Literature of the Indian Khoja branch of the Ismailis "which is not very extensive, requires a sound knowledge of Sanskrit, and specially of the modern Indian dialects, such as Sindhi, Kachhi, and Gujrati, in which the secred *Ginans* are written". (W.Ivanow: *A Guide to Ismaili Literature, Royal Asiatic Society, London, 1933, p. 15)*.

محاورن جو غلاف چڙهيل آهي. ڪي 'ڳنان' ته صاف سنڌيءَ ۾ پڙهيا وڃن ٿا. غالباً صحيح ائين آهي ته پيرن اهي ڳنان گجراتي، ڪڇي، سنڌي ۽ هندي محاورن جي آميزش سان جوڙيا، پر پوءِ هرهڪ خطي جي خوجن انهن کي پنهنجي مادري ٻوليءَ جي محاورن مطابق پڙهيو ۽ ياد ڪيو. بهرحال هي مسئلو وڏيڪ تحقيق طلب آهي، ۽ جيئن ته اسان وٽ هن وقت پيو ڪو به ٻاهريون مأخذ موجود ڪونهي، انهيءَ ڪري خود خوجا جماعت جي روايت کي آڌر رکيو وڃي ٿو.

٢- پير صدرالدين: پير صدرالدين بن پير شهاب الدين، ربيع الاول سومر ڏينهن سنه ٧٠٠ هه ۾ ايران جي شهر سبزوار ۾ ڄائو ۽ ١٢- رجب سنه ٨١٩ هه ۾ آچ ۾ وفات ڪيائين. اسماعيلين جي ٿيهين امام احمد اسلام شاهه پنهنجي امامت جي دور (٧٧١-٨٢٧ هه)، ۾ کيس خليفي طور سنڌ ۽ هندوستان ڏانهن تبليغ لاءِ موڪليو*؛ جنهن جي معنيٰ ته پير صدرالدين جي هندوستان ۾ سڪونت ۽ تبليغ سنه ٧٧١ هه بعد شروع ٿي. کيس مقامي ٻولين ۾ مهارت حاصل ڪرڻ، ۽ 'ڳنانن' چوڻ ۾

* چنارا، علي محمد جان محمد "نور مبين حبل الله المتين" (اردو) بمبئي، ص ٩٣م. ساڳيو مصنف لکي ٿو ته "پير صدرالدين جو پٽ پير حسن ڪبيرالدين سنه ٧٤٢ هه ۾ آچ ۾ ڄائو"، جنهن جي معنيٰ ته پير صدرالدين ٧٧١ هه کان گهڻو اڳ سنڌ ۾ آيو هو. تاريخي لحاظ سان هي حوالا اجان تحقيق طلب آهن. خود پير صدرالدين جي ولادت ۽ وفات جي باري ۾ پڻ اختلاف آهي. غلام علي الانا پنهنجي مضمون ۾ هڪ جاءِ تي لکيو آهي ته "پير صدرالدين جي ولادت سنه ٦٨٩ هه مطابق ١٢٩٠ع ۾ ٿي، ۽ ٨٠٨ هه مطابق ١٤٠٩ع ۾ (سمن جي دور ۾) وفات ڪيائين"، پر ٻيءَ جاءِ تي لکي ٿو ته "پير صاحب ٨١١ هه ۾ آچ شريف ۾ وفات ڪئي." (ڏسو غلام علي الانا جو مضمون "سومرن جي دور جي سنڌي شاعري"، رسالو 'مهراڻ'، جلد ٩ نمبر ١ ۽ ٢، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد)

ڪجھ عرصو لڳو هوندو؛ ۽ جلد ۾ جلد تہ بہ هن اندازاً ٧٧٥ ھ بعد 'گنان' چيا هوندا. انهيءَ ڪري پير صدرالدين جي گنانن جو عرصو، ٧٧٥ کان رجب ٨١٩ ھ (سندس وفات) تائين سمجهڻ کهرجي.

مرزا قليچ بيگ(١) ۽ ٻين مصنفن پير صدرالدين ڏانهن منسوب گنانن مان ڪي پنهنجن ڪتابن ۾ ڏنا آهن، ۽ غالباً وڏيڪ معتبر اهي ئي 'گنان' آهن، جن ۾ جدا جدا ٻولين جي آميزش آهي. مثلاً هيٺيان گنان(٢) انهي قسم جا آهن:

(١)

چيتن هارا تمهين چيتجو،
ڪرجو خوب ڪمائي،
انتڪال ايڪلا چلنا،
سات ڪوئي باپ نہ مائي.

(٢)

من مها بلونت هٿي،
جودهہ زوراور جاڻ.

(٣)

ستت ٿيو آئين پنجن ڪادامي،
پانڊ ٻڙا! پنت سير ٻوو.

مختلف ٻولين جي ميلاپ ۽ آميزش وارن اهڙن 'گنانن' کان

---

(١) ڏسو 'تحفه اسماعيليه'، مطبوع حيدرآباد، ١٩٢٢ع، ص ص ٥٧-٥٨.
(٢) نمبر ١ ۽ ٢ لاءِ ڏسو "اسماعيلي آغا خاني فرقه جا مبلغ داعي"، اسماعيلي ائسوسيئيشن پاڪستان، ڪراچي، ١٩٥٢ع، ص ٦٤. نمبر ٣ لاءِ ڏسو غلام علي الانا جو مضمون 'سومرن جي دور جي سنڌي شاعري' رسالو مهراڻ، جلد ٩، نمبر ١ ۽ ٢، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.

سواءِ، ڪي سچا سنڌيءَ ۾ چيل 'گنان' ٻه خوجن جي جماعتي روايت موجب پير صدرالدين ڏانهن منسوب آهن. انهيءَ قسم جا سنڌي 'گنان' سن ١٩٥٢ع ۾ اسماعيليه ائسوسيئيشن ڪراچي جي شايع ڪيل ڪتاب "اسماعيلي آغاخاني فرقه جا مبلغ داعي" (ڪراچي ١٩٥٢ع) ۽ ٿنڀي محمد خان مان نڪرندڙ، ماهنامه "ميراث" (جلد ١، نمبر ۴، ١٩٥٢ع) ۾ ڇپيا هئا. 'ميراث' وارا گنان ڪن اضافن سان دوباره غلام علي الانا سندس مضمون "مومن جي دور جي سنڌي شاعري" (رسالہ مهراڻ، جلد ٩، نمبر ١-٢ ڇاپيل سنڌي ادبي بورڊ)، ۾ ٻيهر شايع ڪيا، مگر انهن ۾ موجوده سنڌي آچارن ٻيهارڻ جي خيال کان لفظن ۾ نامناسب ڦيرڦار ڪئي وئي. اسان مٿين ماخذن مطابق اهي سنڌي گنان هيٺ ڏيون ٿا ۽ هيٺ حاشيه ۾ جدا جدا پڙهڻين جي فرق ڪي م (= مبلغ داعي)، ث (= ميراث) ۽ غ (= غلام علي الانا) جي نشانين سان نروار ڪريون ٿا.

(١)

١- اُٿي الله گهرين نہ بندا، تون سُتين سڄي رات
نڪا جهوري جيوَ جي بندا، نڪو ثمر سات
شاهہ مڇيڙو تـــن، جهي صبوحـڙي جاڳـــن

(١) هيٺيان بند، وراڻي سان، 'مت' طور چيل آهن. م مطابق وراڻيءَ هن طرح آهي "صاحب جو مڇيڙو انهن تي، جيڪي صبح جو جاڳن". ٻهرين ٽن مصراعن سان، م ۾ فقط پهرئين ۽ ٻي ڏنل آهن ۽ ث ۾ فقط پهرئين ۽ ٽي ڏنل آهن. غ اهي ٽيئي مصراعون نقل ڪيون آهن ۽ پڻ چوٿينءَ جو اضافو ڪيو آهي. ازانسواءِ غ هن بعد (٢) توڙي (٣) هيٺ ڏنل ٻہ ٻہ بيت پڻ هن 'مت' جون مصراعون ڪري لکيون آهن، جنهن لاءِ ڪو معقول سبب نظر نٿو اچي. (ٻيءَ مصرع) ۾ م پهرئين ست هن طرح ڏني آهي "جيڪي صبح جو نہ جاڳيا، تن ڪي موزون نہ ايندڀون هٿ."

٢- جهڙي صبوحڙي نہ جاڳيا، تن حورون ڏين نہ هٿ
سڀ هڻ هڻ ڪندا، هٿ هڻندا، جڻ هاري وڃائي وٿ-
شاهہ مڃيئڙو تن، جي صبوحڙي جاڳن

٣- پانهنا تو جو تڪيو ڪنداڙو ڪوڙ
پسي رتا ڳلڙا پانهنا! مَ وڃائي سور-
شاهہ مڃيئڙو تن، جي صبوحڙي جاڳن

٤- پانهنا تو جو تڪيو ڪندن ۾ ڪيو
جڏهن سڄاڻو سُور ڪيئن، تڏهن سمريو-
شاهہ مڃيئڙو تن، جي صبوحڙي جاڳن .

(٢)

ڪُڇِهِيَاٽِيَ ڪَتيو جڏهن سڀو سارو لوڪ
تنهن پانُجهي ڪيتي مان وڏو وڳڇي ڳاڙهو ٽوڪ .

جهڙو نيڻُ تهڙو آڳهو پائيو! جهڙي هوند ڪتيائين
سَپان مرتين وچ ۾ ملي مرڪيائين .

(٣)

ڪوٺا، سَندپَ، ماڙيون، گهر، ڪهوڙا، پِنڌار
ڪهنُ نہ نيا پاڻ سين، جيئو چلنتهي وار

---

(٢) هي بہ 'بيت' ٻہر يائين **م** ۾ ڇپيا ۽ ٻوءِ **ع** نقل ڪيا آهن؛ **م** ۾ لفظ 'ٽوڪ' جي بدران 'موڙ' ڏنل آهي ۽ ٻئي **م** ۾ 'جڏهن'، 'پانُجي'، 'جهڙو' ۽ 'تيڙو' جي بدران 'جڏهن'، 'پنهنجي'، 'جهڙو' ۽ 'تهڙو' لکيل آهن. **م** ۾ هي بيت جدا ڏنل آهي ۽ **ع** ۾ اهي ٻئي بيت مٿي (١) هيٺ مصراعن طور لکيا آهن.
(٣) هي بہ 'بيت' فقط '**ع**' لکيا آهن ۽ مٿي (١) هيٺ مصراعن طور ڏنا آهن، جو غالباً اصليت جي لحاظ سان صحيح نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن جو وزن نرالو آهي.

پٽاڀي پير صدرالدين، آئين سڻو مومن وير
آلک چئنو تني کي، جني سڄاتو ’شاھ‘ پير.

(٤)

ڪھڙيڙون آڏائيهين گڏ ماڙيون، ڀڃن ڀي ڪيڙا
رکائيهين چيٽ
نيهي نينده ڏوڙ ۾، توڻي لتون ڏيندا ميٽ
سڻ وڻجارا، هو يارا هي مَن هروڻڙو ٿو جهولي.

(٥)

جاڳو جاڳو پاڻڙا، رين وهائي.

ظاهر آهي تہ مٿيان ’گنان‘ صاف سنڌي يا ڪڇي محاوري ۾ رچيل آهن. پھريون ’گنان‘ هڪ ڪتا آهي، جنھن جي هرهڪ دوهي بعد وراڻي آهي. ٽي سگهي ٿو تہ اهي، دوها اڳ جا هجن، ۽ بعد ۾ پويان ’وراڻي‘ ملائي وئي هجي. پيو ۽ ٽيو گنان ڪاپاتي جي سُر جا دوها آهن، ۽ ’دوها‘ بهرحال بيتن جي آمد کان اڳ جا تسليم ڪري سگهجن ٿا.

پير حسن ڪبيرالدين. پير حسن ڪبيرالدين ٢.٢- شعبان اربع ڏينهن سنہ ٧٤٢ھہ تي ڄائو ۽ ماه صفر سنہ ٨٥٣ھہ ۾ اچ ۾ وفات ڪيائين. انھيءَ ڪري ڏانھس منسوب ’گنانن‘ جو عرصو، اندازاً اٺين صدي جي آخري نصف کان وٺي نائين صدي جي پهرئين نصف تائين شمار ڪري سگهجي ٿو. هيٺيان ’گنان‘ سندس نالي سان منسوب آهن.

(١)

آشا جي شري اسلام شاھ تخنيج ويٺها
تاري دين هوا رحمان جي

(٤) هيءُ بند ۽ آخري وراڻي فقط غ لکيا آهن.
(٥) هيءَ مصرع غ نقل ڪئي آهي.
(١) چنارا: ”نور مبين حبل الله المتين“، ص ٥٠٠

سر بسندهم لئے گردئے متکے ديدها
تارے سر اگھاڙو ڪري، نسر بيٺها

[جڏهن کان حضرت اسلام شاهه تخت تي ويٺو، تڏهن کان ڏٺي جي دين جو فيض جاري ٿيو. (پير حسن ڪبيرالدين) جڏهن امام کي پڳ نذرانو ڪئي، تڏهن ٻاڻ مرد سر اگهاڙو ڪيو (تخت تي) ويٺو هو.]

(۲)

ناريون تمهاريون آنئي گھٽيون
منجهه سريکيون لاکسوئي لاک
تمهن هئہ الک ذرنہ جن
هم چتيئي ڏرڙي خاک.

[تنهنجيون داسيون ڪي گهٽيون آهن، مون جهڙيون ته لکين آهن؛ تون ٿي ڏسڻ کان پاڪ آهين، اسين ته مٽي ۽ خاک آهيان.]

مٿيان 'گنان' پير صدرالدين جي پٽ جا آهن، جو هت ڄائو نپنو، پر تڏهن به ٻوليءَ ۾ آميزش آهي؛ انهيءَ ڪري چئي نٿو سگهجي ته ڪو پير صدرالدين خالص سنڌيءَ ۾ 'گنان' چيا هوندا. البت ائين ٿي سگهي ٿو ته پير صدرالدين جي اصل گنانن تي سنڌي خوجن جي پنهنجيءَ زبان جو رنگ چڙهي چڪو آهي. پير صدرالدين کان اڳ، ڪنهن به داعي جي چيل 'گنانن' ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۽ محاورن جي تلاش، بهرحال اجائي

(۲) ”اسماعيلي آغاخاني فرقه جا مبلغ داعي“، ص ۸۰

آهي(١). پير حسن ڪبيرالدين جي مٿين ٻن گنانن مان پهرئين ۾ فقط ”سر اڪهاڙو ڪري“ وارو محاورو سنڌي آهي. البت ٻيو گنان ٻوليءَ جي لحاظ سان اهم آهي، ڇاڪاڻ ته ان جون پهريون ٻه مصراعون سنڌي ٻوليءَ جي خالص ڪڇي محاوري ۾ رچيل آهن.

اسان پير صدرالدين ۽ پير حسن ڪبيرالدين جي ’گنانن‘ کي تنقيدي نڪته نظر سان پيش ڪيو آهي. اهي ’گنان‘ سنڌي جي آڳاٽي شعر جي مطالعي جي لحاظ سان اهم آهن، مگر ڪنهن علمي نتيجي تي پهچڻ لاءِ ’گنانن‘ جي سڄي ذخيري تي تحقيق ضروري آهي. اهڙي تحقيق جو بنياد صرف گنانن جي آڳاٽي ۾ آڳاٽي ۽ مستند قلمي نسخي تي رکي سگهجي ٿو.

هيءَ پڻ چيو وڃي ٿو ته پير صدرالدين چاليهن اکرن تي شامل ”سنڌي زبان جي هڪ صورتخطي ٺاهي“(٢)، جنهن کي ’چاليهه اکري‘ يا ’خوجڪي سنڌي‘ چيو وڃي ٿو. انهيءَ لاءِ پڻ ”خوجه جماعت“ جي متفقه روايت ۽ مأخذن جي تحقيق ضروري آهي: اول ته اها صورتخطي پير صدرالدين ٺاهي يا ڪانهن

---

(١) غلام علي الانا پنهنجي مضمون ۾ داعي ”ست گور نور“ يعني سيد نورالدين ۽ داعي پير شمس الدين سبزواري ملتاني ڏانهن منسوب ڪلام ڏنو آهي، ۽ لکيو آهي ته سيد نورالدين جي ڪلام ۾ سنڌي لفظ ملن ٿا. جيئن ته داعي نورالدين سنه ٣٦٢هه ۾ هندوستان ۾ تبليغ لاءِ آيو، انهيءَ ڪري غلام علي الانا پنهنجي مضمون جو عنوان پڻ ”سومرن جي دور جي سنڌي شاعري“ رکيو آهي (رسالو مهراڻ، جلد ٩، نمبر ١ ۽ ٢، ص ص ١٤٨-١٥٦). علمي تحقيق جي لحاظ سان، سومرن جي دور جي داعين جي ڪلام کي سنڌي شاعري سڏڻ بي معنيٰ آهي.

(٢) اها دعويٰ پهريون دفعو غلام علي الانا سندس مضمون ”سومرن جي دور جي سنڌي شاعري“ (رسالو مهراڻ، جلد ٩، نمبر ١ ۽ ٢) ۾ ڪئي آهي، پر جيئن ته اهو مضمون علمي تحقيق جي لحاظ سان معياري نه آهي، انهيءَ ڪري بنا ڪنهن تصديق جي هيءَ راءِ محض هڪ خوش فهمي آهي.

اڳي يا پوءِ جي ڪنهن ٻئي داعي ناهي؟ پيو ته پير صدرالدين جي دعوت جو دائرو ڪشادو هو، انهيءَ ڪري اهو البت قرين قياس آهي ته هن بزرگ ”چاليهه اڪرن“ تي مشتمل صورتخطي ناهي هجي، جنهن ۾ سڀني ٻولين مثلاً گجراتي، ڪڇي، هندي، توڙي خوجڪي سنڌي ۾ نصيحتون ۽ ’گنان‘ لکيا ويا هجن. پر اهو چوڻ ته هن بزرگ اها صورتخطي خاص ’سنڌي زبان‘ لاءِ ناهي، تنهن لاءِ علمي تحقيق ۽ تصديق جي ضرورت آهي.

٤- پير مراد شيرازي جو منظوم دعائيه فقرو (٨٩١هه).

سيد حسين عرف شاهه مراد، ٺٽي جي شيرازي ساداتن مان مشهور درويش ٿي گذريو آهي. محمد صالح ولد ملا زڪريا ٺٽوي سنه ١١٤٠ هه ۾ ڪتاب ”معارف الانوار“ فارسي ۾(١) لکيو، جنهن ۾ هن بزرگ جي سوانح ۽ ڪرامات تي تفصيلي روشني وڌي اٿس. سيد مراد ١٢- ربيع الاول، سنه ٨٣١ هه ۾ ڄائو ۽ ١٢- ربيع الاول سنه ٨٩٣ هه ۾ ڄام نندي جي دور ۾ وفات ڪيائين. ٨٩١ هه/١٤٨٦ع ۾ شاهه مراد جي ڀائٽي ۽ نائي سيد جلال (پٽ سيد علي شيرازي اول، جو پير مراد جو ڀاءُ هو) جي گهر ۾ فرزند ڄائو، جنهن جو نالو ’سيد علي‘ (ثاني) رکيائون. هيءَ صاحبزادو، شاهه مراد جو ڏوهٽو پڻ هو، جنهن جي ولادت تي خوش ٿي دعا طور چيائين ته:

”اللهه، او ڀاتي! ڏيئي وڏي ڄمارا.“(٢)

(١) ڪتاب جو سڄو نالو ”معارف الانوار في بيان فضائل سيدالابرار وائمه اطهار واحوال قطب المختار“ آهي، جنهن جو قلمي نسخو اسان مولوي محمد حسين صاحب ٺٽوي وٽ ١٢- نومبر ١٩٥٣ع تي ڏٺو ۽ مطالعو ڪيو، جنهن مان هيءُ بيان ورتل آهي.

(٢) ”معارف الانوار“ جو قلمي نسخو جو اسان جي نظر مان گذريو، ان ۾ ”او ڀاتي ڏيئي وڏي ڄمارا“ لکيل هو، پر جيئن ته فعل ’ڏيئي‘ جو فاعل هئڻ ضروري آهي، انهيءَ ڪري ’او‘ جي لحاظ سان شروع ۾ غالباً ”اللهه“ هئڻ قرين قياس آهي.

هيءُ سنه ٨٩١ هه جو هڪ منظوم دعائيه فقرو آهي، جنهن ۾ سڀ ڪان اول 'الف اشباع' وارو قافيو (چمارا) ملي ٿو.

٥. حضرت عبدالجليل چوهڙ شاهه جي سماع جي مجلسن ۾ سنڌي بيت. شيخ الشيوخ عبدالجليل، جو عرف عام ۾ 'شيخ چوهڙ' جي نالي سان سڏبو هو ۽ روحاني فيض سببان سندس لقب ''قطب العالم'' هو، سو نائين صدي هجري ۾ ضلعي رحيم يارخان (بهاولپور ڊويزن) جي قديم شهر 'موءِ مبارڪ' جو هڪ وڏو صوفي درويش ٿي گذريو آهي. حضرت عبدالجليل سلطان بهلول لوڌي (١٤٥١-١٤٨٩ع) جو نالي هو. نسب جي لحاظ سان پاڻ 'موءِ مبارڪ' جي مشهور ولي حضرت شيخ 'حميدالدين حاڪم' جي پنجين پشت مان هو. حضرت حاڪم جي حضرت بهاؤالدين زڪريا ملتاني جي نياڻي سان شادي ٿي هئي، جنهن جي ڪري حضرت حاڪم جي خاندان ۽ اولاد جو حضرت بهاؤالدين زڪريا جي خاندان ۽ اولاد سان عزازت توڙي طريقت جو گهاٽو رشتو هو*. انهيءَ ڪري غالباً حضرت بهاؤالدين جي سنڌ جي مريدن ۽ معتقدن جو حضرت حاڪم جي اولاد سان پڻ تعلق وڌيو. حضرت عبدالجليل، حضرت حاڪم جي پنجين پشت ۽ سلسلهٔ طريقت جو سجاده نشين هو، ۽ سنڌ مان گهڻن مريدن جي سائنس عقيدت هئي. سندس دربار ۾ سماع جون محفلون ٿينديون هيون، جن ۾ سنڌ جا خوش الحان ڳائيندڙ، فارسي شعر توڙي سنڌي بيت ملي لئي سان ۽ وڏي سوز مان ڳائيندا هئا.

انهن سماع جي مجلسن جو ذڪر، حضرت عبدالجليل جي سوانح ۽ ملفوظات بابت لکيل ڪتاب ''تذڪره قطبيه'' ۾ ملي ٿو، جو حضرت جمال الدين ابوبڪر الله آبادي سنه ١٠٤٠-١٠٤٥ع ڌاري لکيو. 'تذڪره قطبيه' يارهن سال اڳ سنه ١٣٧١هه ۾ ڇپيو، پر اصل

* ڏسو 'تاريخ جليله' مصنف غلام دستگير نامي، ڇاپو پيو، لاهور، ١٣٨٠هه/١٩٦٠ع، ص ص ٥٨-٩١.

[٦] 'رساله قطبيه' جي قلمي نسخي جا شروع وارا ٻه صفحا.



[٧] ' رساله قطبيه' جي قلمي نسخي جا آخري ٻه صفحا.





[٨] 'رساله قطبيه' ۾ ذڪر، مجلس سماع جي سنڌي ذاڪرن جو ڳايل دوهو.

عبارتن کي صحيح طور پڙهڻ خاطر اسان 'تذڪره قطبيه' جي اصل قلمي نسخي جو مطالعو ڪيو(١)، جو ٢٧- محرم سنه ١١٨٥ هه جو لکيل هو(٢). هيٺين بيان جو مدار ان قلمي نسخي تي آهي، حالانڪ تصديق طور ڇپيل ڪتاب جا پڻ حوالا ڏنا ويا آهن.

'تذڪره قطبيه' ۾ ٻن سنڌي 'ڏوهيڙن' جو ذڪر آهي، جن مان هڪ شيخ چوهڙ جي سماع جي مجلس ۾ پڙهيو ويو ۽ ٻيو سندس وفات بعد، سندس روضي ۾ سماع جي مجلس ۾ پڙهيو ويو.

حضرت شيخ چوهڙ جي سماع جي مجلس ۾ سنڌي ڏوهيڙو.

'تذڪره قطبيه' جو مصنف حضرت جلال‌الدين ابوبڪر چوي ٿو ته، هڪ ڏينهن ٻيا بزرگ ۽ پاڻ گڏ جي قطب‌العالم شيخ چوهڙ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ته، انني سماع جون ٻوريون تياريون هيون. پوءِ جيئن ئي مجلس شروع ٿي ته "سنڌي ذاڪرن" مان هڪڙي هيءُ 'دوهڙو' ڏنو:

جو گهڙي سو نڀي، ڪوڙسو ڦهر ڪلاچ ۾،
خبر ڪونه ڏي، رڄ ڪڄاڙي رنديو(٣).

---

(١) 'تذڪره قطبيه'، حضرت عبدالجليل چوهڙ شاه جي اولاد مان هڪ نيڪ مرد ۽ عالم فاضل پير غلام دستگير نامي، جو لاهور ۾ حضرت عبدالجليل جي درگاه جو پڻ متولي هو، تنهن عالمگير پريس لاهور مان سنه ١٣٧١ هه ۾ درگاه جي وقف طرفان ڇپارايو. نامي صاحب هڪ وڏو نيڪ دل ۽ صوفي طبع انسان هو، جنهن ٢١- ڊسمبر ١٩٦١ع تي لاهور ۾ وفات ڪئي. اسان جي ساڻس گذريل ستن سالن کان واقفيت بلڪ دلي محبت هئي. نامي صاحب بنده جي علمي شوق کان متاثر ٿي 'تذڪره قطبيه' جو واحد قلمي نسخو، جو سندن خانداني آثارن مان هو، بنده جي حوالي ڪيو، جنهن جو لاهور ۾ ويهي مطالعو ڪيو ويو، ۽ پڻ ان جي ورقن جا فوٽو ڪڍيا ويا.

(٢) ڏسو عڪس [٦] ۽ [٧].

(٣) ڏسو عڪس [٨]، ۽ پڻ ڏسو "تذڪره قطبيه"، لاهور، ١٣٧١ هه، ص ١٣١

(هيءُ ڏوهيڙو پڙنديِ) حضرت بندگي قطب‌العالم شيخ چوهڙ(رح) تي حال پئجي ويو ۽ اٿي نچڻ لڳا".

حضرت چوهڙ جي وفات کان پوءِ جو ڏوهيڙو. 'تذکره قطبيه' جو مصنف، حضرت شيخ چوهڙ قطب‌العالم جي پاڻڻيي 'شيخ علي بري'، جو سماع ۾ وجد جي حالت ۾ چڙهي آڏامندو هو، تنهن بابت لکي ٿو ته "هڪ ڏينهن حضرت قطب‌العالم (شيخ چوهڙ) جي روضي منور ۾ سماع جي مجلس هئي، ۽ درويش پئي نچيا. هڪ درويش اچي 'ذاکرن' مان ڪنهن هڪ کي چيو ته ڪا لئي پڙاهه ته درويش خوشي ڪن. ذاکر عرض ڪيو ته: عزيزو! هي فقير فقط انهي مجموعي ۾ ڳائيندو جنهن ۾ شيخ بري هوندو، ڇاڪاڻ ته منهنجي ان سان سچي دل آهي. تنهن تي هڪ درويش چيس ته: تون ڳاءِ، جيڪڏهن شيخ بري سان تنهنجي سچي دل آهي ته شيخ ازخود اچي ويندو. تڏهن ان 'ذاکر'، 'حسيني مقام' جي لئي ۾ سنڌي ڏوهيڙا ڳايا(١):

چُران ته چڪن چاڪ، وِهان (ته) وِرهه سِينُجري،
ماءُ! منهنجي ڏيل سين، سورن ڪي اوطاق،
جٿين تون جانان پاڪ، آسايند اڙهن جو(٢).

---

(١) ڏسو عڪس[٩]، ۽ پڻ "تذکره قطبيه"، مطبوع لاهور ١٣٢١ﻫ، ص ١٣٦.

(٢) هن بيت جي بي گماني پڙهڻي:

چران ته چڪن چاڪ، ڏينهان ڏينهن سجڻين،
ماءُ! منهنجي دَيُهُ سين، سورن ڪي اوطاق،
جيءُ تون جانان پاڪ، اسان بي ديدن جو.

[۹] ’رساله قطبيه‘ ۾ ڏنل ، مجلس سماع جي سنڌي ذاڪرن جو ڳايل دوهڙو.

مَن ڪي لو(ڇ) فراق، اسان هُون نه ڌار ٿيُّي،
سڪون پرِيان ساڪ، ربّ ڏڪائي ڪڏهين*.

مٿين بيتن مان پهريون بيت قطب العالم شيخ چوهڙ جي وفات واري سال ۹۱۰ ھ/۱۵۰۴-۵ع کان اڳ جو آهي. پويان ٻه بيت جنهن سماع جي مجلس ۾ ڳايا ويا، سا قطب العالم شيخ چوهڙ جي وفات (۹۱۰ھ/۱۵۰۴-۵ع) کان پوءِ ۽ 'تذڪره قطبيه' جي تصنيف (۱۰۴۰-۱۰۴۵ع) کان اڳ واقع ٿي، يعني ته اهي بيت سنه ۱۵۰۴-۵ع - ۱۰۴۰ع جي وچ واري عرصي ۾ سماع جي مجلس ۾ پڙهيا ويا، پر ٿي سگهي ٿو ته ان کان اڳ جي ڪنهن شاعر جا چيل هجن.

(د) سمن جي آخري دور جا شاعر.

سنه ۹۲۷ھ/۱۵۲۱ع جي خاتمي سان سمن جو دور ختم ٿيو. اسان کي ڪي بيت انهيءَ سال کان پوءِ جا مِلن ٿا، ۽ پڻ ڪي اهڙا شاعر مِلن ٿا، جن انهيءَ سال کان ڪافي پوءِ وفات ڪئي؛ مگر اهي بيت لڳ ڀڳ سمن جي دور جا آهن؛ جاڪاڻ ته اهي شاعر جن جي ولادت ۽ تربيت سمن جي دور ۾ ٿي، تن کي اسان سمن جي آخري دور ۾ شمار ڪري سگهون ٿا. اول اسان مخدوم احمد ڀٽي جي اڳ سماع جي هڪ مجلس ۾ پڙهيل بيت، شيخ پريي جي واتان اسحاق آهنگر جو بيت ۽ ان بعد 'درويش راڄي سنبي دل' جو ذڪر ڪنداسون؛ جاڪاڻ ته انهن بيتن جي شاعرن بابت يقيني طور ڪجهه به چئي نٿو سگهجي. ان بعد اسان ٻن مشهور معروف بزرگن ۽ شاعرن—

---

* هن بيت جي ٻي ڪماني پڙهڻي:

مَن ڪي لنئو فراق، اسان هوت ڌار ٿئي
ڪؤن سپرين ساڪ، ربّ رڪائي ڪڏهين
(يا 'سڪئون پريان ساڪ، ربّ رڪائي ڪڏهين'.)

مير سيد علي (ثاني) شيرازي ۽ قاضي قادن (قاضن) جي بيتن تي روشني وجهنداسون. انهن ٻنهي بزرگن سمن جي حڪومت جي خاتمي کان گهڻو پوءِ وفات ڪئي، مگر ٻنهي جي ولادت توڙي تربيت سمن جي دور ۾ ٿي، ۽ انهيءَ لحاظ سان هو سمن جي آخري دور جا شاعر شمار ڪري سگهجن ٿا.

١١. مخدوم احمد ڀٽيءَ آڏو سماع جي مجلس ۾ سوناري جو بيت:

مخدوم احمد هالا ڪنڊي جي درويش مخدوم اسحاق ڀٽيءَ جو پٽ هو. مخدوم اسحاق، شيخ بهاؤالدين زڪريا جي خاندان جو مريد هو. مير علي شير 'تحفة الڪرام' ۾ لکي ٿو ته، "مخدوم احمد هڪ وڏو ولي هو ۽ هميشه گمنامي ۾ گذاريندو هو. پوين ڏينهن ۾ هيءَ بزرگ نيرون ڪوٽ (حيدرآباد) ۾ اچي رهيو. هڪ پيري سندس ننڍو ڀاءُ مخدوم محمد، ڄام نظام الدين وٽ ڪم سان ٺٽي ويو، جتي ڄام نظام الدين مخدوم احمد سان ملڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. اڃان مخدوم محمد اتي ٿي هو جو مخدوم احمد به اتي اچي نڪتو. ڄام سندس زيارت ڪري ڏاڍي عقيدتمنداڻي خدمت ڪئي. مخدوم احمد ڪڏهن ڪڏهن ذڪر ۽ سماع جي محفلن ۾ ويندو هو ته منجهس اهڙي ته حالت طاري ٿيندي هئي، جو بيان کان ٻاهر آهي. چون ٿا ته هڪ ڏينهن سماع جي مجلس ۾ هڪ سوناري ڳائيندڙ هڪ بيت اهڙي ته سوز گداز سان پڙهيو، جو ان جي ٻڌڻ سان هن دم ڏنو. پوءِ سندس جنازو هالا ڪنڊي کڻي آيا. اهو سال ٩٣٦هه هو، جنهن ۾ وفات ڪيائين*."

مير علي شير قانع واضح ڪري نه لکيو آهي ته اهو ڪو سنڌي بيت هو، جو سڻندي مخدوم احمد وصال ڪيو. مگر پراڻن هالن جي ڀٽي بزرگن جي خانداني روايت جي بناء تي،

* تحفة الڪرام (سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٧ع)، ص ص ٣٧٧-٣٧٨ ۽ ٣٨٠-٣٨١.

مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽي هن موقعي جا ٻه بيت ڏنا آهن ۽ پڻ هن واقعي جي هن طرح وضاحت ڪئي آهي* ته، ان سماع جي موقعي تي سوناري نيڪر هيءُ بيت ڏنو:

سڌ ڪئي پرينءَ جو، وانگيي جي نه ورن،
ڪوڙي دعويٰ دوست جي، ڪچاڙي ڪي ڪن!

بيت ٻڌنديئي مخدوم صاحب غش ٿي ويو ۽ وڃي واصل بالله ٿيو. ته ان سوناري ٻيو بيت ڏنو ته:

سر ڏيئي سٽ جوڙ، ڪنهن ٻر ڪلاڙن سين،
مرڻان منهن م موڙ، اڄ وڌي ٿسي وڏ لهي.

اهي ٻئي بيت مخدوم احمد جي وفات واري سال ٩٣٦هه/ ١٥٢٩-٣٠ع ۾ هڪ سماع جي مجلس ۾ پڙهيا ويا، مگر اهو معلوم ناهي ته اهي ڪنهن جا بيت آهن. البت اهو واقعو سمن جي حڪومت جي خاتمي (٩٢٧هه) کان نَوَ سال ڪن پوءِ جو آهي، ۽ ٿي سگهي ٿو ته اهي بيت سمن جي دور جي ڪنهن اهل دل شاعر جا هجن.

٢. اسحاق آهنگر (لوهار) جو بيت (؟): 'حديقة الاولياء سنڌ' جو مصنف لکي ٿو ته شيخ پرٽي ويرداس، جو اصل هندو هو، ٻر پوءِ مسلمان ٿيو، آخر عمر ۾ گنجي ڏکر جي دامن ۾ سڪونت اختيار ڪئي. اتي ئي غالباً 'حديقة الاولياء' جو مصنف سيّد عبدالقادر هن درويش کي ملڻ ويو ۽ ان ملاقات بابت لکي ٿو ته، ”درويش تصوف جي معنيٰ وارو هڪ سنڌي بيت

* ڏسو مضمون ”سنڌي علم ادب“، رسالہ 'نئين زندگي'، ڪراچي، ماه مئي، ١٩٥٠ع، ۽ پڻ مضمون ”سنڌي قديم شاعري“، رسالہ 'نئين زندگي'، ماه سيپٽمبر ١٩٥٨ع.

پڙهيو. مون خيال ڪيو ته اهو بيت الائجي خود سندس آهي يا ڪنهن ٻئي جو! اڄان منهنجي دل ۾ اهو خيال آيو ته، مون ڏي منهن ڪري چيائين ته، 'هي بيت اسحق آهنگر جو آهي.'"

مير علي شير قانع تحفةالڪرام ۾ اهو ساڳيو بيان 'حديقةالاولياء' تان نقل ڪيو آهي، پر 'حديقه' جي مصنف وانگر اسحاق آهنگر وارو اهو سنڌي بيت ڪونه ڏنو اٿس(١). تحفةالڪرام جي سنڌي ترجمي ۾ شيخ پرئي ويرداس جو سنه وفات ٩٠٣هه ڏنل آهي، جو ظاهراً صحيح ناهي؛ ڇاڪاڻ ته 'حديقةالاولياء' سنه ١٠١٦هه ۾ لکيو ويو ۽ ان جو مصنف پاڻ شيخ پرئي سان وچي مليو هو، انهيءَ ڪري شيخ پرئي جي وفات هڪ سؤ ٽيرهن سال اڳ ڪيئن ٿي هوندي! وڌ ۾ وڌ شيخ پرئي سنه ١٠١٦هه کان چاليهارو سالن اندر وفات ڪئي هوندي. جيڪڏهن شيخ پرئي جي وفات سنه ٩٧٥-٩٨٠هه ڌاري تسليم ڪجي ته پوءِ ٿي سگهي ٿو ته اسحاق آهنگر، جنهن جو بيت هن پئي پڙهيو، سو سمن جي آخري دور جو شاعر ٿي گذريو هجي. مگر 'حديقةالاولياء' توڙي 'تحفةالڪرام' جي مصنفن اسحاق آهنگر وارو 'سنڌي بيت'، جو شيخ پرئي پئي پڙهيو، سو ڪونه ڏنو آهي. 'حديقةالاولياء' جي مصنف کان البت ايترو يقيني طور معلوم ٿئي ٿو ته انهيءَ بيت ۾ تصوف جي معنيٰ مسايل هئي. بهرحال هن وقت تائين اسحاق آهنگر جي انهيءَ 'سنڌي بيت' بابت يقيني طور ڪجهه به معلوم نه ٿي سگهيو آهي(٢).

(١) تحفةالڪرام، سنڌي ترجمو (سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٧ع)، ص ص ٣٤٧-٣٤٨.

(٢) اسان پنهنجي هن مضمون جي ابتدائي خاڪي ۾، جو "تحفه" لاڙڪاڻي (١٩٥٠ع) ۾ ڇپيو هو، 'سمن جي دور' جو ذڪر ڪندي لکيو هو ته هيٺيون بيت اسان کي پنهنجي قلمي بياض ۾ شيخ حماد ڏانهن منسوب

راڄو سٽيو دل، ساڳيءَ طرح درويش راڄو سٽيو دل-

جنهن بابت مير علي شير قانع تحفة الڪرام ۾ لکي ٿو ته جڏهن ڪيس ڪابه ڳالهه اڏو ايندي هئي ته، ”اٿي بيهي سڙ ۽ الحان سان ڪو سنڌي بيت پڙهندو هو ۽ جيڪي چوندو هو سو ٿيندو هو.“ سال ٩٧٧ ھ ۾ وفات ڪئي*. انهيءَ لحاظ سان سندس ولادت ۽ بلوغت غالباً سمن جي دور ۾ ٿي هوندي، ۽ ٿي سگهي ٿو ته بزرگ جيڪي بيت پڙهندو هو، تن مان ڪي نئين هوندي، جا ياد ڪيل ۽ سمن جي دور جي شاعرن جا ٺهيل هجن، پر تحفة الڪرام ۾ اهي بيت ڏنل ڪين آهن ۽ نه ڪي اڄ تائين ڪنهن ٻئي ماخذ ذريعي معلوم ٿي سگهيا آهن.

مخدوم احمد ڀٽي اڏو سوناري جا چيل بيت توڙي اسحاق آهنگر جو بيت، جن جو مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون، سي صحت ۽ تحقيق جي لحاظ سان البت مبهم ۽ غير يقيني آهن. هاڻي ميين سيّد علي ثاني شيرازي ۽ قاضي قادن جو ذڪر ڪيو ويندو، جي سمن جي آخري دور جون ٻه مشهور شخصيتون آهن ۽ سندن بيت ٻن امان ڪي ڪافي صحيح صورت ۾، ۽ معتبر مأخذن مان ملن ٿا.

ٿيل مليو آهي، پر ان متعلق اڃان زياده تصديق جي ضرورت آهي:

!”ٿيان مان جهرڪ، ويهان سڄڻ جي سپ تي
مانِ ڪرن ڊرڪ، ٻولي ٻاجهاري سون سين.“

هينئر هڪ قلمي نسخي جي تصديق سان شيخ حماد جمالي جو اصلوڪو بيت ملي چڪو آهي، جنهن جو ذڪر مٿي ڪري آيا آهيون (ڏسو ص٤٠١). انهيءَ ڪري هي بيت شيخ حماد جو ڪونهي. ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم هن بيت کي اسحاق آهنگر ڏي منسوب ڄاڻايو آهي (ڏسو سندس مضمون ”سنڌي قديم شاعري“ رسالہ ’نئين زندگي‘ ماه سيپٽمبر ١٩٥٨ع)؛ پر ان ۾ تصوف جي ڪا خاص معنيٰ نظر نٿي اچي، جو ان کي اسحاق آهنگر جو بيت سمجهجي.

* تحفة الڪرام، سنڌي ترجمو (سنڌي ادبي بورڊ)، ص ص ٩٤٩ - ٩٥٠.

٤. ميين سيد علي ثاني شيرازي جو چيل بيت. مٿي

پير مراد شيرازيءَ جي بيان هيٺ ذڪر ٿي چڪو آهي ته ڄام نندي جي عهد ۾ سيد علي ثاني (بن سيد جلال بن سيد علي شيرازي اول) سنه ٨٩١ هه/١٤٨٦ع ۾ ڄائو ۽ کيس سندس ناني پير مراد دعا ڪئي ته "الله او ڀاتي! ڏيئي وڏي ڄمارا". ميين سيد علي ثاني جي نه فقط ولادت پر سڄي تربيت سمن جي دور ۾ ٿي، ڇاڪاڻ ته سمن جي حڪومت جي خاتمي واري سال (٩٢٧ هه) سندس عمر ڇٽيهه ورهيه ڪن هئي. مير معصوم لکي ٿو ته، سيد علي ثاني جي وڏن برگزيدن بزرگن مان هو؛ علم، زهد ۽ سخاوت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو؛ ۽ مڪليءَ جي درگاهن تي سماع ڪرائيندو هو. سنه ٩٨١ هه (١٥٧٣ع) ۾ وفات ڪيائين*.

'معارف الانوار' جي مصنف محمد صالح ولد ملا زڪريا ٺٽوي لکيو آهي ته، ميين علي ثاني جڏهن ٻيو دفعو حج جو ارادو ڪيو ته علماء ڪرام ۽ ٻيا وٽس آيا ۽ عرض ڪيائون ته هن سال ارادو ملتوي ڪريو. انهي عرض کي قبول ڪيائون، پر ان موقعي تي "هن سنڌي بيت ۾ حاضرين کي خطاب ڪيائون، جو پاڻ جوڙيائون ته:

سرتين سانگ سڪن جو، مونکي رويو رهائين
آءٌ ٿي هلان هوت ڏي، تان هو وارهو وهارين

* تاريخ معصومي (فارسي متن، ص ٢١٦) ۾ تاريخ وفات جو 'ماده' "وفات الحاتم بجوده" ڏنل آهي، جنهن مان سنه ٩٨١ هه نڪري ٿو. ڊاڪٽر دائود پوٽي هڪ قلمي نسخي مطابق متن ۾ سنه وفات ٩٧١ هه ڏنو آهي، جو صحيح نه آهي. تحفة الطاهرين (قلمي) مطابق پڻ سنه ٩٨١ هه ۾ وفات ڪيائين. "معارف الانوار" جي مصنف سال وفات سنه ٩٢٢ هه ڄاڻايو آهي، جو پڻ صحيح نه آهي، ڇاڪاڻ ته تاريخ معصومي ۾ ڏنل 'ماده' صاف ظاهر آهي.

وريتيون ورن ميين، وبيون کھر کھارين
پنڌان ٿيون ڪارين، ڪانھ ھلائي ڪيچ ڏي(١).

تاريخ معصومي ۾ ڄاڻايل آھي، تہ ميون سيد علي ثاني ھڪ عالم ۽ بزرگ ھو ۽ سماع جو بہ کيس شوق ھو، جو مڪلي جي درگاھن تي سماع ڪرائيندو ھو. 'معارف الانوار' جي مصنف صاف طور لکيو آھي تہ عالم وغيره جن کيس اچي گذارش ڪئي، تن کي ھن بيت ۾ جواب ڏنائين، جو پاڻ جوڙيائين. ان مان ظاھر آھي تہ ميون سيد علي ثاني ھڪ عالم ۽ برگزيده شخص ۽ سنڌيءَ جو قادرالڪلام شاعر ھو. سندس اھو بيت اندازاً ٩٣٠ھ کان ٩٦٥ھ واري عرصي جو ٿي سگھي ٿو، ڇاڪاڻ تہ انھيءَ عرصي ۾ ئي سندس حج وڃڻ قرين قياس نظر اچي ٿو. سندس ھڪ همعصر درس الله ڏنو سائس بيت بازي ڪندو ھو، پر درس الله ڏني جي انھن بيتن بابت اڄ تائين ڪجھ بہ معلوم ٿي نہ سگھيو آھي(٢).

۵ قاضي قادن جا سنڌي بيت. قاضي قادن سنڌي ٻوليءَ جو ٻھريون مشھور شاعر آھي، جنھن جا ڪھڙي ۾ ڪھڙا بيت اسان کي ملن ٿا. البت سندس ولادت، اوائلي تربيت ۽ تفصيلي سوانح اڃان تائين تحقيق طلب رھي آھي(٣).

(١) معارف الانوار جي قلمي نسخي تان ورتل. اصل عبارت "تپندا ٿيون کھارين، ڪانھ ھلائي ڪيچ ڏي." شايد صحيح پڙھڻي "ڪُھَنُدا ٿيون ڪارين، ڪانھ ھلائي ڪيچ ڏي."(؟)

(٢) ڏسو ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جو مضمون "سنڌي قديم شاعري" رسالہ نئين زندگي، ماه سيپٽمبر سنہ ١٩٥٨ع.

(٣) قاضي قادن بابت حالات، سڀ کان اول 'تاريخ معصومي' ۾ ملن ٿا، جن جي بناء تي مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽي، "قاضي قادن" بابت پھريائين "شاھ ڪريم بلڙي واري جو ڪلام" ۾ (حاشيه ص ٢٥) ھڪ مختصر نوٽ لکيو. ان بعد رسالہ 'نئين زندگي' ماه سيپٽمبر ١٩٥٠ع ۾ "قاضي قاضن سيوھاڻي" جي عنوان سان ڊاڪٽر موصوف جو لکيل مضمون شايع ٿيو.

قاضي قادن(١) بن قاضي ابو سعيد بن زين‌الدين بن قاضي قادن کي علم ۽ قضا ڇڻ ورثي ۾ مليا. سندس وڏا سيوهڻ ۽ ٺٽي جا باشندا هئا. سندس وڏو ڏاڏو قاضي ابوالخير پهريون شخص هو، جو اچي بکر ۾ مقيم ٿيو (٢)، ۽ قاضي قادن بہ غالباً بکر ۾ ئي ڄائو نپنو، جنهن جي ڪري سڪونت جي لحاظ سان کيس "قاضي قادن بکري" سڏڻ وڌيڪ مناسب ۽ صحيح ٿيندو. سيين شاه ڪريم جي ملفوظات مان معلوم ٿئي ٿو تہ قاضي قادن ڪو وقت بکر علائقي جي شهر دربيلي (موجوده ڏيرو، ضلعو نوابشاه) ۾ پڻ رهيو، جتي هڪ مست درويش سان سندس مقابلو ٿيو، جنهن جي اثر سببان هو حقيقت ڏانهن مائل ٿيو(٣).

مير محمد معصوم بکري تاريخي لحاظ سان قاضي قادن کي ويجهي ۾ ويجهو مصنف ۽ سندس همروطن آهي، جنهن جي

(١) تاريخ معصومي (فارسي) جي متن ۾ "قاضي قاذن" ڏنل آهي (ص ص ٢٠٠-٢٠٤)، پر خود مير معصوم جي هٿ لکيل "تاريخ معصومي" جو نسخو موجود ڪونهي، جو هن نالي جي اصل صورتخطي معلوم ٿي سگهي. سنڌ جي ٻئي هڪ بزرگ محمد رضا ٺٽوي، شاه ڪريم جي سوانح ۽ ملفوظات بابت ڪتاب "بيان‌العارفين" لکيو، ۽ ان اصل نسخي جي بنياد تي ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي "شاه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام" مرتب ڪيو، جو سنہ ١٩٣٧ع ۾ ڇپيو. ان ۾ چار دفعا (ص ص ٢٦، ٨٧، ٩٤ ۽ ١١٢) هي نالو "قاضي قاذن" لکيل آهي، هڪ دفعو (ص ٢٨) "قاذن (قاضن)"، ۽ هڪ دفعو (ص ٣٦) "قاضن". ان مان ظاهر آهي تہ سنڌ جي ڄڻ بزرگن جي آڏو قاضي جا بيت هئا، تن سندس نالو "قاذن" ڪري لکيو آهي، جو صحيح آهي. 'قاذن' فقط "قادن" جي ئي صورت آهي. عربيءَ ۾ ٻاهرين لفظن ۾ آيل 'دال' کي گهڻو ڪري 'ذال' ڪري لکيو ويندو آهي.

(٢) تاريخ معصومي، فارسي متن، ص ص ٢٠٠-٢٠٢ (سنڌي ترجمو ص ص ٢٣٨-٢٤٠)، ان ڏسو تحفة‌الڪرام، سنڌي ترجمو، ص ٣٥٣.

(٣) ڏسو "شاه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام"، تصحيح ڊاڪٽر دائود پوٽو، ڇاپو سنہ ١٣٥٦ھ/١٩٣٧ع، ص ص ١١٢-١١٣.

ڪري سنڌس حوالا ڀي ڪافي مستند آهن. لکي ٿو ته قاضي "وڏيءَ عمر ۾" پنهنجي قضا جي عهدي تان استعفيٰ ڏني(١). ان وقت ۾ "وڏي عمر" جي اندازي جي لحاظ سان، قدري يقين سان چئي سگهجي ٿو ته قاضي صاحب اسي کن ورهين جي ڄمار ۾ استعفيٰ ڏني هوندي. مير معصوم هڪ ٻئي سنڌي عالم، درٻيلي جي شيخ عبدالله متقي بابت لکي ٿو ته هو سنه ٩٤٧ھ ۾ گجرات ويو ۽ وٽي قاضي عبدالله جو صحبتي ٿيو، (۽ بعد ۾) مديني شريف ۾ قاضي قاضن جي صحبت ۾ رهڻ لڳو(٢). جڏهن شيخ عبدالله متقي ٩٥٠ ھ ڌاري مديني شريف ۾ قاضي قاضن جو صحبتي ٿيو هجي، ته ان مان گمان نڪري ٿو ته قاضي قاضن ٩٤٧-٩٥٠ھ واري عرصي ۾ قضا جي عهدي تان استعفيٰ ڏني، ۽ ٩٥٠ ھ ڌاري سندس عمر ڪم از ڪم اسي ورهيه هئي. مير معصوم لکي ٿو ته، "قاضي قاضن سنه ٩٥٨ ھ ۾ وفات ڪئي،" جنهن جي تصديق مير علي شير قانع ڀي تحفةالڪرام ۾ ڪئي آهي(٣). انهيءَ ڪري ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته قاضي قاضن ڪم از ڪم اٺاسي ورهين جي عمر ۾، سنه ٩٥٨ھ ۾ وفات ڪئي، ۽ انهيءَ لحاظ سان سندس ولادت سنه ٨٧٠ھ ڌاري تسليم ڪري سگهجي ٿي. انهيءَ جي معنيٰ ته قاضي قاضن جي ولادت ۽ تربيت ڄام نظام الدين عرف ڄام ننڍي جي عهد (٨٦٦-٩١٤ھ) ۾ ٿي، ۽ ارغونن هٿان سنڌ ۾ سمن جي حڪومت جي خاتمي واري سال ٩٢٧ ھ ۾ سندس عمر ڪم از ڪم ستونجاهه سال هئي. اهو بالڪل قرين قياس معلوم ٿئي ٿو ته ڄاڪاڻ ته ڄام فيروز جي عهد ۾ شاهه بيگ جي

---

(١) تاريخ معصومي، فارسي متن ص ٢٠٢.

(٢) تاريخ معصومي، فارسي متن ص ٢٠٤.

(٣) تاريخ معصومي، فارسي متن ص ٢٠٢ ۽ تحفةالڪرام (سنڌي ترجمو، سنڌي ادبي بورڊ) ص ٣٥٣.

حملن وقت قاضي قادن وڏي اثر ۽ رسوخ وارو هو، ۽ غالباً بکر جي قضا سندس حوالي هئي.

٧٦- طبقات اڪبري جي مصنف لکيو آهي ته شاهه بيگ ارغون بکر جو قلعو قاضي قادن کان ورتو*. جيڪڏهن اهو الوحو صحيح آهي ته پوءِ چئبو ته چام فيروز جي ڏينهن ۾ قاضي قادن بکر ۾ مقيم هو، ۽ غالباً يا ته انهي جو قاضي هو يا هو وڏي رسوخ وارو شخص هو، جو شاهه بيگ جي گهيري وقت سندس وساطت سان بکر جو قلعو شاهه بيگ جي سپرد ڪيو ويو. اهو واقعو غالباً ٩٢٥هه جي آخر جو آهي، جڏهن شاهه بيگ پوري تياريءَ سان سنڌ تي لشڪرڪشي ڪئي هئي. غالباً ان کان پوءِ قاضي قادن بکر مان پنهنجو عيال وٺي ٺٽي آيو. مگر پويان شاهه بيگ پڻ ٺٽي جو رخ ڪيو، ۽ ٺٽي پهچي ١١- محرم ٩٢٦هه (٢- جنوري ١٥٢٠ع) ۾ شاهه بيگ درياهه ٽپيو، ۽ سامونڊي جي ميدان ۾ لڙائي لڳي، جنهن ۾ بالاخر سنڌ جي فوج جو سپهه‌سالار دريا خان شهيد ٿيو ۽ شاهه بيگ ٺٽي تي قبضو ڪيو. ١١- محرم بعد ويندي ٢٠- محرم تائين ارغونن جي فوج ٺٽي کي لٽيو. انهيءَ عرصي ۾ قاضي قادن جا ٻار ٻچا پڻ ٻين سان قيد ٿي پيا ۽ هو نهايت پريشانيءَ ۾ کين ڳولڻ لڳو. بالاخر، شاهه بيگ جي پيش امام حافظ محمد شريف جي معرفت هڪ عرضداشت موڪليائين، جنهن کان متاثر ٿي شاهه بيگ فوج تي پورو قبضو رکيو، ۽ قاضي قادن کي اختيار ڏنو ته جنهن کي وڻيس تنهن کي ڇڏائي آزاد ڪري. ٿي سگهي ٿو ته اهو ٻيو دفعو هو، جو قاضي قادن جو شاهه بيگ سان واسطو ٿيو، پر شايد قاضي قادن اڳ بکر ۾ شاهه بيگ کي ملي چڪو هو، جنهنڪري شاهه بيگ سندس سفارش فراخدليءَ سان قبول ڪئي.

ان بعد قاضي قادن سنڌ طرفان چام فيروز ۽ ٻين جي طرفان

---

* طبقات اڪبري جلد ٣، ص ٥١٧.

شاهه بيگ ۽ مرزا شاهه حسن سان صلح ۽ مفاهمت خاطر موقعي به موقعي ڪوششون ڪيون. شاهه بيگ جو مٿس پورواعتماد هو.

ٺٽي جي حادثي (محرم ٩٢٦هه) بعد غالباً قاضي قادن پنهنجو اهل عيال بکر ڏانهن روانو ڪيو، ۽ جڏهن شاهه بيگ ٺٽي مان سيوهڻ روانو ٿيو ته قاضي قادن ڪي پاڻ سان گڏ ڪيائين. اڌ و ٿلتيءَ وٽ، درياخان جي پٽن شاهه بيگ جي مقابلي لاءِ وڏو لشڪر سنباهيو، جنهن تي شاهه بيگ، قاضي قادن کي موڪليو ته کين وڃي سمجهائي ۽ صلح جي ڪوشش ڪري. پر شاهه بيگ سان رفاقت سببان هنن جو قاضي موصوف تي ڪوبه اعتماد ڪونه رهيو هو، جنهنڪري کيس ملڻ کان انڪار ڪيائون(١). ان بعد غالباً قاضي قادن، شاهه بيگ کان موڪلائي بکر روانو ٿيو. ٩٢٧ هه جي پوئين نصف ۾، جڏهن شاهه بيگ سيوهڻ جي قلعي جي مرمت ۽ حفاظت جو انتظام ڪري بکر ڏانهن روانو ٿيو، ۽ بکر کان اڃان ٽن منزلن تي هو، ته قاضي قادن اچي سائس مليو ۽ عزت آبرو سان سرفراز ٿيو(٢). بکر کان هڪ منزل اوريان، چار فيروز طرفان شاهه بيگ لاءِ سوکڙيون پاکڙيون پهتيون(٣)، جي غالباً قاضي قادن جي معرفت پيش ٿيون. شاهه بيگ جي بکر پهچڻ بعد، قاضي قادن پنهنجي پاڙن سميت اچي کيس مليو. ان دوران ڌاريچن سردارن جي سرڪشي بابت شاهه بيگ هندس راءِ معلوم ڪرڻ چاهي؛ قاضي قادن چيو ته، ”هي ماڻهو سرڪش آهن ۽ سختي بنا امن قائم نه ٿيندو.“ جنهن تي شاهه بيگ انهن سردارن کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو(٤). معلوم ٿئي ٿو ته قاضي قادن ملڪ ۾ امن امان ۽ صلح جو خواهان هو، ۽ انهيءَ سلسلي ۾ پنهنجي

(١) تاريخ معصومي، فارسي متن ص ص ١١٦-١١٧. (٢) ايضاً. فارسي متن ص ١٢١. (٣) ايضاً. (٤) تاريخ معصومي، فارسي متن ص١٢٣.

راھ دیانتداريءَ سان ڏنائين، ۽ سنڌ وارن ۽ مغلن جي درميان صلح ۽ مفاهمت قائم ڪرڻ ۾ ڪافي ڪوشش ورتائين. شاھ بيگ جي وفات (٢٢- شعبان ٩٢٨ ھ/آگسٽ ١٥٢٢ع) بعد، جڏھن مرزا شاھ حسن جام فيروز کان خفا ٿي چڪو ھو، تڏھن بہ مفاهمت خاطر قاضي قادن حافظ رشيد خوشنويس سان گڏ، جام فيروز طرفان مرزا شاھ حسن ڏي سوڪڙيون کڻي ويو(١). مرزا شاھ حسن جي عهد ۾ قاضي قادن بکر جي قضا جو عهدو قبول ڪيو؛ ۽ اندازاً سنہ ٩٣٠ ھ کان ٩٤٧-٩٥٠ ھ، تائين بکر جو قاضي ٿي رهيو، ۽ نهايت دانائيءَ ۽ ديانتداريءَ سان فيصلا ڪيائين. ان بعد وڏپڻ سببان انهيءَ عهدي تان استعفيٰ ڏنائين ۽ بکر جي قضا سندس ياءُ قاضي نصراللہ جي حوالي ٿي. سنہ ٩٥٠-٩٤٧ھ ڌاري حج تي روانو ٿيو، ۽ غالباً مديني شريف ۾ ئي سنہ ٩٥٨ ھ/١٥٥١ع ۾ وفات ڪيائين(٢).

قاضي قادن جي شعر ۽ سندس خيالن ۽ رجحانن کي سمجهڻ لاءِ سندس لياقت، شخصيت ۽ ارادت کي سامهون رکڻ ضروري آهي. مير محمد معصوم لکي ٿو تہ ”قاضي قاضن پاڻ قرآن جو حافظ، قرأت ۽ تجديد جو ڄاڻو، حديث، تفسير ۽ اصول فقہ جو عالم ھو. انشاءپردازي (لکپڙھ ۽ مضمون نويسي) ۾ پنهنجي وقت جو اڳواڻ ھو. علم رياضي کان بہ پوريءَ طرح واقف ھو ۽ انجنيريءَ ۾ مهارت رکندڙ ھو. تصوّف کان باخبر ھو، ۽ سلوڪ ۽ طريقت جي راھ ۾ گھڻيون رياضتون ڪيائين. سير سفر بہ گھڻو ڪيائين، ۽ حرمين جون زيارتون ڪيائين. سيد محمد جونپوري، جو ’ميران مهدي‘ جي لقب سان مشهور ٿيو، ان جو مريد ۽ معتقد ھو ۽ انهيءَ ڪري ڪيس پيا عالم ٽوڪيندا ھئا. جڏھن قاضي جي عهدي تي

(١) تحفة الكرام سنڌي ترجمو (سنڌي ادبي بورڊ) ص ١٤٧.
(٢) تاريخ معصومي، فارسي متن ص ص ٢٠١-٢٠٢.

فائز هو، تڏهن نهايت احتياط، امانت ۽ ديانتداري سان فيصلا ڪيائين(١) "

مير معصوم جي مٿئين بيان مان ظاهر آهي تہ قاضي قادن ذهين، عالم، نيڪ سيرت ۽ صاف دل صوفي هو. اهوئي عڪس اسان کي سندس بيتن ۾ نظر اچي ٿو. سلوڪ ۽ طريقت ۾، سندس بزرگي ۽ برگزيدگيءَ سبباڻ، سندس چيل بيت پڻ ٻين درويشن ۽ بزرگن جي زبان جو ورد وظيفو ٿي ويا، ۽ انهيءَ ڪري ئي محفوظ رهيا. سندس وفات وقت (٩٥٨ هہ) ميين شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جي عمر پندرهن ورهيہ هئي. ميين شاهہ ڪريم، قاضي قادن جا بيت بزرگن کان ٻڌا، ۽ انهن کان ايتريقدر تہ متاثر ٿيو، جو پنهنجي سلوڪ جي مجلسن ۾ اهي بيت پڙهيائين. سندس ملفوظات، جا 'بيان العارفين و تنبيه الغافلين' جي نالي سان لکي وئي، ان ۾ ٩٣ کن سنڌي بيت ميين ڪريم جا، ٣ هندي بيت، ٦ سنڌي بيت ٻين شاعرن جا، ۽ سڀ ست بيت هڪڙي قاضي قادن جا ڏنل آهن، جن مان معنوي لحاظ سان قاضي قادن جي معيار ۽ مقبوليت جو پتو پوي ٿو.

سنہ ١٩٣٧ع ۾، مرحوم ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي 'بيان العارفين' جي مستند قلمي نسخن توڙي ڇپيل ترجمن کي سامهون رکي، نهايت محنت ۽ تحقيق سان "شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام" شايع ڪيو(٢)، جنهنڪري شاهہ ڪريم سان گڏ قاضي قادن جا ست بيت پڻ اصلي مأخذن مطابق، ڪافي صحيح صورت ۾ اسان جي اڳيان اچي ويا آهن. اهي

(١) ڏسو تاريخ معصومي، فارسي متن ص ص ٢٠٠-٢٠٢؛ پڻ ڏسو تحفة الڪرام سنڌي ترجمو، ص ٣٥٣.
(٢) عمر بن محمد دائود پوٽو، ڊاڪٽر: "شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام"، حيدرآباد مان ڇپيل ۽ بمبئي مان شايع ڪيل، سنہ ١٣٥٦هہ/ ١٩٣٧ع.

هينيان بيت آهن، جي ڪتاب ”شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام“ جي متن مطابق (۽ صفحن جي اشاري سان) هت ڏجن ٿا:

١- ڪَنَزُ، قَدُورِيُ، ڪافِيا، ڪي ڪوڙ پڙهيوم
سو پارُ ٻِـي ٻيـو ڪو(١)، جتان پرين لڌوم.
—— (ص ٢٦)

٢- لوڪان نَحْوُ صرفُ، مون(٢) مطالع سپرين
سوئي پڙهئو سو پڙهان، سوئي سو حرف.
—— (ص ٢٧)

٣- سپئي سپل ٿيئام، پڙهام جي پانڻ لءَ(٣)
اکر اکيان اپري، واکو ٿـي وَرئام(٤).
—— (ص ٢٨)

٤- سَجڻ منجهه هئام، مون وڃي واهه ٿئا(٥)
هيڏان هوڏان هـتـڙا، هيڪين جاڙ وڏام(٦).
—— (ص ٣٦)

٥- سائر ڏيئي لَتَ، اوچي نيچي ٻوڙئي(٧)
هيڪائين(٨) هيڪُ ٿئو، ويئي سپَ جهتَ.
—— (ص ٨٨)

---

(١) ٻي پڙهئي: سو ٻاڙهين ڪو ٻيو. (٢) ٻي پـڙهئي: من مطالع. (٣) ٻي پڙهئي: جي پاڻان. (٤) ٻي پڙهئي: وڻئام. (٥) ٻي پڙهئي: مون اٿي وٺا اوٺيا. (٦) ٻي پـڙهئي: هٺي، هنتڙي، چار. (٧) ٻي پڙهئي: ٻوڙي. (٨) ٻي پڙهئي: هيڪائي، هيڪاليءَ.

٦- ’لا‘ لاھيندي ڪن ڪي، ’لا‘ موڙهين(١) ناهه
’بالله‘ ري ٻيان، ڪٽ نه ڏسي(٢) ڪي ٻئو.

(ص ٩٤)

٧- جوڳي جاڳائيوس، سٽو هٿس(٣) ننڊ ۾
تهان پوءِ ٿيوس، سنڌي ٻيان(٤) ٻيچري.

(ص ١١٣)

قاضي قادن جي مٿين ستن ”بيتن“ ۾ اسان کي ’سنڌي دوهي‘ کان ’سنڌي بيت‘ تائين ارتقاءَ جون سڀئي مکيه صورتون ملن ٿيون. مثلاً پهريون ’سنڌي دوهو‘ آهي، جنهن ۾ قافيو ٻنهي مصراعن جي آخر ۾ آيل آهي. ٻئي کان پنجين تائين، دوهي ۾ ابتدائي تبديل جا چار مثال آهن، جن ۾ پهرئين مصرع ۾ قافيو پڇاڙيءَ جي بدران وچ ۾ آندو ويو آهي. ڇهين ۾، پوئين مصرع ۾ قافيو پڇاڙيءَ جي بدران وچ ۾ آندو ويو آهي، جنهن جي ڪري ’سنڌي بيت‘ جي اصولي ۽ سالم صورت قائم ٿي. ستين ۾، ٻنهي مصراعن مان هرهڪ ۾ قافيو پڇاڙيءَ جي بدران وچ ۾ آندو ويو آهي، جنهن جي ڪري بيت واري اصولي صورت ۾ نئين نزاڪت پيدا ٿي. هي محض هڪ اتفاق آهي، جو قاضي قادن جا اهڙا ست ’بيت‘ اسان وٽ محفوظ رهجي ويا آهن، جن ۾ سنڌي دوهي مان سنڌي بيت جي ارتقاءَ جون سڀئي مکيه منزلون موجود آهن. معنيٰ ۽ مضمون جي لحاظ سان اهي بيت صوفيانه شاعريءَ جا بهترين مثال آهن. انهي ڪري قاضي قادن نه رڳو سمن جي دور جو وڏي ۾ وڏو ۽ باڪمال صوفي شاعر آهي، مگر موجوده تحقيق جي بناءَ تي چئي سگهجي ٿو ته هو سنڌي ٻوليءَ جو پهريون وڏي ۾ وڏو شاعر آهي.

---

(١) ٻي پڙهڻي: موڙائين، موڙانهين. (٢) ٻي پڙهڻي: ڪٿ نه ڏسجي.
(٣) ٻي پڙهڻي: هوس. (٤) ٻي پڙهڻي: ٻريان سندي.

٦. سمن جي دور جا ڪي ٻيا بيت. ميين شاهه ڪريم جي ملفوظات ۾ قاضي قادن کان سواءِ ٻين شاعرن جا بيت به ملن ٿا، جي شاهه ڪريم جدا جدا موقعن تي پڙهيا. قاضي قادن جي ستن بيتن کان سواءِ ٻيا جملي نَوَ بيت صاف طور اهڙا آهن، جي ميين شاهه ڪريم جا پنهنجا نه آهن. انهن مان ٽي 'بيت' هندي آهن ۽ باقي ڇهه 'بيت' سنڌي آهن(١). انهن ڇهن سنڌي بيتن مان ٽي ميين شاهه ڪريم جي همعصر درويشن جا چيل آهن(٢)؛ باقي هيٺيان ٽي بيت غالباً ميين شاهه ڪريم کان ڳهڻو اڳ جي ڪن شاعرن جا چيل آهن، جن کي جيڪڏهن قاضي قادن جو همعصر ڪري مڃجي، ته پوءِ اهي بيت سمن جي آخري دور جا شمار ڪري سگهجن ٿا.

شاعر ٻيراڙ جو بيت. هيءُ بيت ڪتاب "شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام" جي صفحي ٥٥ تي ڏنل آهي، ۽ شاهه ڪريم جو اٺتاليهون بيت ڪري ڄاڻايل آهي. "ٻيراڙ" کي "ٻِراڙ" ڪري پڙهيو ويو آهي، ۽ انهيءَ غلطيءَ سبان هيءُ بيت شاعر ٻيراڙ جي بدران شاهه ڪريم جو ڪري ڄاتيو ويو آهي. هيءُ بيت يقيني طور "ٻيراڙ" ذات جي ڪنهن آڳاٽي شاعر جو آهي(٣)، جو شاهه ڪريم مثال طور پڙهيو:

(١) تفصيل لاءِ ڏسو "شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام" (تصحيح ڊاڪٽر دائود پوٽو، ڇاپو سنه ١٣٥٦هه/١٩٣٧ع)، جنهن ۾ ٽي هندي بيت صفحن ٤٧، ٩٩ ۽ ١٠٨، ۽ ڇهه سنڌي بيت صفحن ٢٠، ٥٥، ٦١، ٦٩، ٨٣ ۽ ١١١ تي آيل آهن.

(٢) ايضاً ص ص ٢٠، ٦٩ ۽ ١١١.

(٣) جڏهن مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽي سان تبادلهءِ خيالات ٿيو، ته مڃيائين ته اهو بيت شاه ڪريم جو نه آهي. پنهنجي مضمون "سنڌي قديم شاعري"، رسالهءِ نئين زندگي، ماهه سيپٽمبر ١٩٥٨ع (ص ٨) ۾ تسليم ڪيو اٿس ته اهو بيت "ٻراڙ ذاتي شاعر جو ڏسجي ٿو".

چَندنُ چُور ڪَرِيندي، رَتو مَنهُ ڪَنهارُ،
مَنجھ ڏُڄَنِ نه ٿِيندي، جَني رُتي سَؤ وار،
ڀَرُ وَڙِ ٿو ڀِرارُ، ته ڪَرَهيندي قُرب ٿِيندي.

هڪ بيت جنهن جي مريدن معنيٰ پڇي. ميين شاھ ڪريم

کان سندس مريد، جدا جدا موقعن تي ٻين شاعرن جي چيل بيتن جي معنيٰ ٻڇندا هئا، ۽ چوندا هئا ته فلاڻو (ڪو درويش) هيءُ بيت ٿو پڙهي. انهيءَ جي معنيٰ ته بيت پڙهندڙ شاھ ڪريم جو همعصر آهي. هيٺين بيت بابت صرف ايترو ڄاڻايل آهي ته "حضرت پير کان هن بيت جي معنيٰ پڇيائون". بيت ٻن 'دوهي' جي صورت ۾ آهي ۽ ڄڻ 'معما' طور چيل آهي. ان مان گمان نڪري ٿو ته اهو بيت آڳاٽي وقت کان هلندڙ هو، ۽ ماڻهن جي زبان تي هو، جو مريدن ميين شاھ ڪريم کان انهيءَ جي معنيٰ پڇي. اهو بيت "شاھ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام" جي صفحي ٦١ تي ڏنل آهي:

ڪارين ڪَنين ڪَڪَڙا، ڪَرَهَ وِلاڙ وَڄَن،
وِيسلو ڪَنَ نه وڄ ۾ نه اوڳار پَڄَنِ.

قوال جو سماع ۾ پڙهيل بيت. هيٺين بيت جي باري ۾ ڄاڻايل آهي ته ميين شاھ ڪريم "هڪڙي ڏينهن جوانيءَ جي زماني ۾ .... سماع ٻُڌي ڪيو، ته اتفاق سان قوال هيءُ بيت چيو":

اکڙيون ملير ۾، جنين راتو ڏيه
عمر آسائُن سين، هاڻي ڪندي ڪيءُ!

شاھ ڪريم ٢٠-شعبان سنه ٩٤٤ هه ۾، يعني ته سمن جي حڪومت وٺي کان ١٧ سال کن پوءِ ڄائو. قاضي قادن جي وفات (٩٥٨هه) وقت سندس عمر ١٥ سال هئي. سندس جواني ۾، جنهن وقت

ڪيس سماع جو شوق هو، تنهن وقت سندس عمر اندازاً ٣٠-٣٥ سال ٿي سگهي ٿي؛ يعني ته اها سماع واري مجلس اندازاً ٩٧٥هه ڌاري يا سمن جي حڪومت جي خاتمي کان ٣٨ سال کن پوءِ قائم ٿي. هن بيت جي 'دوهي' واري سٽاءَ مان ظاهر آهي ته اهو بيت انهن اٺيهن سالن کان اڳ جو، يعني ته سمن جي دور جي اهل دل شاعر جو هو، جو قوال سماع جي موقعي تي پڙهيو. پر جيڪڏهن قوال ڪنهن همعصر شاعر جو اهو بيت پڙهيو هجي ته به اهو شاعر سيِّد شاهه ڪريم کان عمر ۾ البت وڏو هوندو، جنهن جو بيت شاهه ڪريم جي سماع ۾ پڙهيو هوندو، ۽ جنهن جي ٻڌنديئي شاهه ڪريم کي "اهڙي قدر وجد ۽ شوق جاڳيو، جو جيڪو لباس مٿي ۽ ڪلهن تي هوس، سو جيئي تان لاهي قوال کي ڏنائون ۽ پاڻ پڻ اگهاڙا حجري اندر هليا ويا*".

نتيجا

سمن جي دور بابت مٿين سلسليوار ۽ قدري تفصيلي جائزي بعد اسان هيٺين نتيجن تي پهچون ٿا.

١. سمن جي دور ۾ عربي تعليمي ٻولي رهي ۽ فارسي سرڪاري دفتر ۽ ڪاروبار جي زبان طور استعمال ٿيڻ شروع ٿي. مگر سمن قبيلن جي مادري ٻولي – يعني ته وچولي واري سنڌي ٻولي – حڪمرانن جي زبان جي حيثيت ۽ 'معياري سنڌي ٻولي' جي صورت ۾ ترقي ڪئي.

٢. سمن جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جون سرحدون ڏکڻ – اوڀر ڏانهن ڪڇ ۽ گجرات طرف، اولهه ۽ اتر-اولهه ڏانهن بلوچستان طرف، ۽ اتر ڏانهن بهاولپور ۽ ملتان طرف وڌيون، ۽ انهن سرحدن تي سنڌي ٻوليءَ جون پاڙيسري ٻولين – خصوصاً

* ڏسو "شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام"، اڳ حوالو ڏنل، ص ص ٨٢-٨٣.

گجراتي، بلوچي ۽ لهندا ـ سان رد عمل شروع ٿيو. اولهه طرف ڪوهستان ۽ لس ٻيلي ۾، ۽ ڏکڻ طرف ڪڇ ۾ 'سنڌي ٻولي' مقامي زبان طور هميشه لاءِ رائج ٿي وئي. ملتان جي ڏاکڻي خطي جي ٻوليءَ تي سنڌي جو گهرو اثر پيو، جنهن سببان 'لهندا' جو 'سرائڪي' محاورو وجود ۾ آيو، جو خاص طرح سنڌ جي اترئين پاڱي ۾ رائج ٿيو. بلوچستان جي اڀرندين پاڱي جي بلوچي تي سنڌي جو اثر پيو، ۽ انهيءَ آميزش سببان 'مشرقي بلوچي' ۾ خاص لغوي خصوصيات پيدا ٿيون. اولهه بلوچستان ۾ بخصوص مقامي بستين ۾ آباد سنڌي قبيلن جي 'جدگالي' محاوري جنم ورتو.

٣. سومرن جي دور وانگر سمن جو دور به سنڌي ٻولي ۽ ساهت لاءِ تعميري دور هو، جنهن جي شروعات ۾ سنڌي ٻوليءَ جون لساني خصوصيتون خواه ادبي روايتون ساڳيون سومرن جي دور واريون هيون.

٤. سنڌي نثر ۾ بيان جي قوت ۽ قصه خواني جي وڌندڙ صلاحيت سببان، سمن جي دور ۾ سمن سردارن جي سخا ۽ سورهيائي جا نوان قصا ۽ عشقيه داستان رائج ٿيا، ۽ 'ڳاهن' وارين ڳالهين ذريعي پڙن ۽ ڀانن سنڌيءَ ۾ قصه خواني ۽ داستان گوئي کي هڪ 'ادبي فن' جي درجي تي پهچايو.

٥. نثر ۾ زباني داستانن سان گڏ، سمن جي دور ۾ سنڌي شعر ڳاهن، رجزن ۽ بيتن جي صورت ۾ نمودار ٿيو. درويشن جون خانقاهون ۽ صوفين بزرگن جون سماع جون مجلسون ۽ صحبتون، سنڌي شاعريءَ جي اسرڻ لاءِ هڪ سوثر ذريعو ٿيون، ۽ سمن جي دور ۾ سنڌي شاعري تاريخ جي روشني ۾ چمڪي. ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته سمن جي دور سان سنڌي شاعريءَ جي حقيقي تاريخي دور جي شروعات ٿي.

٦. سمن جي اوائلي دور ۾، سنڌي دوهو، هيئت توڙي لغت جي لحاظ سان، تڪميلي صورت کي پهتو، ۽ انهيءَ

ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌي دوهي جي ابتدا توڙي ارتقا سومرن جي دور ۾ ٿي چڪي هئي. سمن جي دور ۾ سنڌي دوهي جي بناء ۾ هڪ انوکي تبديلي آئي؛ ان جي ٻن روايتي مصراعن ۾ قافيو هرهڪ جي آخر ۾ هو، ۽ نئين تجربي ۽ تخليق سان مصرع جي آخر جي بدران وچ ۾ قافيو آندو ويو. انهيءَ نئين تبديل ذريعي 'سنڌي دوهي' مان 'سنڌي بيت' سرجيو. تاريخي ثبوت مان پهريون 'سنڌي بيت' جنهن ۾ ٻه مصراعون آهن ۽ ٻنهي مصراعن جي وچ ۾ قافيو سمايل آهي، سو اندازاً ٩٠٠ هه/١٤٩٤ع جي لڳ ڀڳ شيخ عبدالجليل چوهڙ رح جي سماع جي مجلس ۾ پڙهيو ويو. انهيءَ تصديق موجب چئي سگهجي ٿو ته 'سنڌي بيت' سمن جي دور ۾ اسريو، ۽ نائين صدي هجري جي آخر ڌاري 'سنڌي بيت' پنهنجي ساخت ۽ بناء توڙي معنوي لحاظ سان تڪميلي صورت ڪئي هئي. 'دوهي' مان 'بيت' جي سرجڻ واريون مڙيئي ارتقائي منزلون قاضي قادن جي 'بيتن' ۾ محفوظ آهن.

٧. الف اشباع وارو قافيو، پهريون پيرو سمن جي دور ۾ سنه ٨٩١ هه/١٤٨٦ع ۾ پير مراد شيرازي ٺٽوي جي چيل دعائيه مگر موزون مصرع ـ "الله او پاڻي ڏيئي وڏي جمارا" ـ ۾ ملي ٿو. جنهن جي معنيٰ ته سمن جي دور ۾ ان جي شروعات ٿي، ۽ ان کان اٽڪل سوا ٻه سؤ ورهيه کن پوءِ، ڪلهوڙن جي دور ۾ 'الف اشباع' جي قافيي سان سنڌي نظم عام رائج ٿيا، جن ۾ 'ابوالحسن جي سنڌي' کي سبب کان زياده شهرت ملي.

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُڄندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ٻاڙي، ڪاٺو، ٻاجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني ۾ چاهيون ٿا ته ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، چاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ باروڊَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڄڪالهہ جي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‏ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪالهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چوِ، چالاءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)